
حيدرآباد جي مختصر تاريخ




مرتب: نور محمد پٹو

سج

سج پبليڪيشن حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تعارف

نور محمد پٹو 14 جنوري 1955ع تي ڳوٺ پير بخش پٹو تعلقو رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ علي محمد پٹو جي گھر ۾ جنم ورتو.

هن ابتدائي تعليم سنڌي پرائمري اسڪول ايليمينٽري ڪاليج خيرپور ميرس ۾ حاصل ڪئي. ميٽرڪ رضا ميموريل هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ انٽر بي اي ايم اي (پوليٽڪل سائنس) سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين.

ينگ رائيٽرس گلڊ سنڌ جو چيئرمين رهڻ کان علاوه جنرل سيڪريٽري پٹو ويلفيئر ايسوسيئيشن ضلعو حيدرآباد، پريس سيڪريٽري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري گريجوئيٽس ايسوسيئيشن آف پاڪستان ڪراچي، نئون سج، سچ پبليڪيشن جو مرتب ۽ روزانو عبرت، مهراڻ ۽ خلق جو سب ايڊيٽر رهڻ کان علاوه ڪهاڻين جو مجموعو عظمتن جا مينار، شخصيات، پٹو خاندان کان علاوه سنڌ جا تعليمي ماهر ڪتاب (ست پاڳا) حيدرآباد جي مختصر تاريخ ۽ صحافت جي تاريخ مرتب ڪيا آهن.

ڈاڪٽر مقبول ميمڻ مارو
مصطفيٰ ڪلينڪ ماتلي، ضلعو بدين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد جي مختصر تاريخ

(پاڳو پهريون ۽ پيو)

وڌيڪ اضافي مضمونن سان گڏ

مرتب

نور محمد پٹو

سج پبليڪيشن

پراڻي وحدت ڪالوني، حيدرآباد، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

29

ڪتاب جو نالو:	حيدرآباد جي مختصر تاريخ (پاڳو پهريون ۽ ٻيو)
مرتب:	نور محمد ڀٽو
تعداد:	1000
ڇاپو پهريون:	مارچ 2010ع
ڇاپو ٻيو:	جون 2016ع
ڪمپوزنگ:	علي انور لغاري
پيسٽر:	سهيل سلام ڀٽو
ڇپائيندڙ:	سج پبليڪيشن، پراڻي وحدت ڪالوني، حيدرآباد
قيمت:	200/-

HYDERABAD JEE MUKHTASIR TAREEKH

(Part I & II 2)

By:	Noor Muhammad Bhutto
First Edition:	March 2010
Second Editon:	June 2016
Composed by:	Ali Anwer Leghari
Published by:	Sij Publication old wahdat colony, Hyderabad
Book #	29
Price:	200/-

هي ڪتاب نور محمد ڀٽو، سلام پريس، بخش علي ميمڻ اسٽريٽ گاڏي ڪاتو نزد عبرت پريس حيدرآباد مان ڇپرائي C_173، پراڻي وحدت ڪالوني، ويسٽ ونگ، قاسم آباد حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڻپنا

سورهيه بادشاهه پير صبغت الله ع شهيد هوش محمد شيدي

جن انگريزن سان ويڙهه ڏرتيءَ لاءِ سِرُ ڏنو

باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي

جنهن سڄي عمر جيل ڪاٽيو

علم جو سج مرحوم شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ

جنهن ڪيترائي ڪتاب لکيا

باباءِ سنڌي ادب مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي،

مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، مرحوم مولانا غلام محمد گرامي

ع مرحوم سيد ظفر حسن شاهه جن سنڌي ادب جي خدمت ڪئي

مرحوم مير رسول بخش خان ٽالپر

جنهن عوامي سياست متعارف ڪرائي

مرحوم نور محمد لاکير جنهن نور محمد هاءِ اسڪول قائم ڪيو

مرحوم ڊاڪٽر اسماعيل نامي

جنهن سماجي ۽ طبي خدمتون سرانجام ڏنيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

❖ پنهنجي پاران 9

1. حيدرآباد جي مختصر تاريخ – 1 11

2. حيدرآباد قلعي جي اڏاوت 14

3. ميرن جا قبا 16

4. حيدرآباد جي دربار 17

5. مولا عليءَ جا قدم 20

6. امام بارگاهون 21

7. اي ڊي ايلي گهاٽ جو پڙ 22

8. حيدرآباد جي شاهي بازار 25

9. حيدرآباد جي مختصر تاريخ – 2 28

10. حيدرآباد شهر جي آبادي 29

11. حيدرآباد جون رهائشي اسڪيمون 30

12. ٽنڈو يوسف 31

13. ميرن جا ٽنڈا 32

14. مائي خيري تالپر 35

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

15. بمبئي بيڪري حيدرآباد 38
16. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو قيام 39
17. راڻي باغ، حيدرآباد 42
18. تپيدار ٽريننگ ڪاليج ٽڏي سڙڪ حيدرآباد 45
19. مرڪزي روينيو آفيسون 47
20. حيدرآباد ۾ پوليس ڪاتي جو قيام 50
21. حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن 51
22. ضلعي حڪومت حيدرآباد 54
23. تفريح گاهون 55
24. حيدرآباد جا تعليمي ادارا 56
25. نور محمد هاءِ اسڪول جو قيام 58
26. اسلاميہ مادرن هاءِ اسڪول 61
27. علامہ اقبال هاءِ اسڪول 61
28. پبلڪ اسڪول 62
29. مدرستہ البنات هاءِ اسڪول 63
30. خديجہ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول حيدرآباد 64
31. گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري 65
32. مسلم هاءِ اسڪول 66
33. گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي 67
34. سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد 68
35. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن 71
36. سنڌي بوليءَ جو بااختيار ادارو 74

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

37. اردو بوليءَ جي واڌاري وارو ادارو 74
38. ڊائريڪٽوريٽ جنرل هيلٿ سروسز سنڌ حيدرآباد 75
39. صحت کاتو مينٽل اسپتال 77
40. حيدرآباد جون مسجدون 78
41. حيدرآباد جا مندر 81
42. دوآبو هاٽوکو قاسم آباد 83
43. ڪوٽڙي شهر جي تاريخ 95
44. مهراڻ آرٽس ڪائونسل 102
45. سنڌي ادبي بورڊ جي تاريخ 105
46. بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد 120
47. حيدرآباد انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري بورڊ جي چيئرمينن جو تعارف 121
48. ماهر تعليم ڊاڪٽر غلام حسين جعفري 121
49. ماهر تعليم ايڇ ايم خوجه (1972 to 1979) 122
50. پروفيسر محمد اڪرم انصاري مرحوم (1972) 125
51. مرحوم واحد بخش شيخ (1979 to 1980) 126
52. ممتاز تعليمي ماهر مير محمد سيال (1984 to 1985) 128
53. مسٽر بقا محمد قريشي 133
54. گورنمينٽ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار ايليمينٽري مين حيدرآباد 135
55. شهيد هوش محمد شيدي 139

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

56. حضرت سيد نهال شاهہ نوري جي درگاهہ 155
57. حيدرآباد جون نامور شخصيتون 164
58. شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ 164
59. سيد ميران محمد شاهہ 166
60. نور محمد وڪيل 167
61. قاضي محمد اڪبر مرحوم 169
62. خادمِ ملت قاضي عبدالمجيد عابد (مرحوم) 170
63. آپا شمس عباسي (مرحومہ) 172
64. مير الحاج علي احمد تالپر مرحوم 174
65. الحاج مير رسول بخش تالپر مرحوم 176
66. سردار بهادر شيخ محمد بخش (مرحوم) 177
67. سائين غلام حسين بالادي 178
68. آفتاب احمد شيخ (سابق ميئر حيدرآباد) 182

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

حيدرآباد شهر جي تاريخ تمام قديم آهي. هن شهر کي پٽيالہ نيرون ڪوٽ، اون، ارون پور سڏيو ويندو هو. هن شهر ڪلهوڙن جي دور ميرن جي دور کان پوءِ انگريزن جو غلامي جو دور ڏٺو تمام گهٽا عروج ۽ زوال ڏٺا. اڄ اهو شهر اوهان جي اکين آڏو آهي.

حيدرآباد جي مختصر تاريخ ياڳو پهريون ۽ ٻيو اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ اسان قاسم آباد (دوآبي)، ڪوٽڙي شهر جي تاريخ بورڊ آف انٽرميڊيئٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن جي قيام، تپيدار ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد، خديجہ گرلز اسڪول حيدرآباد، مهراڻ آرٽس ڪائونسل، سنڌي ادبي بورڊ کان علاوه حيدرآباد جي نامور شخصيتن هوش محمد شهيد، سيد نهال شاهہ نوري، شمس العلماءَ، مرزا قليچ بيگ، سيد ميران محمد شاهہ، قاضي محمد اڪبر، قاضي عبدالمجيد عابد، آپا شمس عباسي، الحاج مير علي محمد تالپر، الحاج مير رسول بخش تالپر ۽ ٻين بابت مضمون اضافي طور تي شامل ڪيا ويا آهن.

نور محمد پٽو
رابطي لاءِ
0331-3522911

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشرت علي خان

حيدرآباد جي مختصر تاريخ - 1

حيدرآباد 1712ع ۾ آباد ٿيو هو. اهو شهر گنجي ٽڪر تي آباد ڪيو ويو. ان کي رون ارون مان وڏي ارون پور سڏيو لکيو ويو.

ان شهر جو نالو پٽيالا، پٽيالپور، پر ۾ پٽيان بندر هجڻ سبب سڏيو ويو. 327 ق م ۾ مقدونيا جي سپهه سالار ان شهر تي ڪاهه ڪئي، ان وقت ٻڌ مذهب جي حڪمران ان جي آجيان ڪئي. ان وقت شهر پرسان سنڌو درياهه وهندو هو. جتي بندرگاهه موجود هئي. جتان کان ايران، ايراني نار، مصر سئلون، سريلنڪا، سنگاپور ۽ يورپ ڏانهن جهاز لنگر انداز ٿيندا هئا. جڏهن درياءَ بادشاهه رخ ڦيرايو تہ موجوده هنڌ جنهن کي نيرون ڪوٽ چوندا هئا حيدرآباد شهر آباد ٿيو. سر چارلس ايليٽ ان شهر لاءِ لکيو آهي تہ شهر نٽي اتر طرف جڏهن منصوره ۽ نٽي جي وچ ۾ واقع هو. حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنج ماڻهن کي خط ڏئي نيرون بادشاهه ڏانهن اماڻيو. جنهن کان پوءِ ڪجهه ماڻهن اسلام قبول ڪيو. اهي پنج ڄڻا اصحابہ ڪرام هئا، جيڪي نيرون ڪوٽ ۾ ترسي پيا. جن مان هڪ جيئي شاهه، شاهه مڪي اصحابي پڻ هو. حيدرآباد شهر قديمي تاريخ هجڻ سان گڏ اسلامي تهذيب و تمدن جو گهوارو رهيو آهي، ان ڪري سنڌ کي باب الاسلام سڏيو وڃي ٿو.

ڇهين صدي عيسيوي ۾ رائي گهراٽي جي سمرس ماهي ان علائقي جو حاڪم هو جيڪو برهمڻ آباد جي گورنر جي ماتحت هو. 700ع جي آخر ۾ راجا ڏاهر طرفان ان قلعي جي حاڪم هندرسمي جيڪو ٻڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذهب جو پيروڪار ۽ پهڪشو هو. قلعي جي اولهه ۾ هڪ ڍنڍ هئي جنهن سبب قلعي جي چوطرف گلن جي ساوڪ هوندي هئي. اوير ۾ درياءَ جو پاڻي ۽ اولهه ۾ خشڪيءَ تي اڳايل قلعو تمام سهڻو لڳندو هو. محمد بن قاسم ٻلهار قلعي لڳ پنهنجا خيما ڪوڙيا هئا. نيرون ڪوٽ جي اتر اوير طرف پنجيتاليهه ميلن تي هڪ شهر منصوره آباد ڪيو ويو. جيڪو محمد بن قاسم جي آمد کان پوءِ گاديءَ جو هنڌ ٿاهيو ويو.

محمد بن قاسم قلعي اندر هڪ مسجد ٿاهڻ جو حڪم ڏنو. ابو ظفر زيدي لکي ٿو ته 1062ع ۾ ابو اسحاق اصطرابي ۽ 1084ع ابن موصل نقشا ٿاهيا هئا. ان ۾ نيرون ڪوٽ جو ذڪر آهي. ان کان علاوه تذڪره مسعودي ۾ جنهن جو ليکڪ 300 هجري ۾ سنڌ ۾ آيو هو ان شهر جو ذڪر ڪيو آهي. بلاذري يعقوبي، ابن اثير ۽ ابن خلدون پڻ هن شهر جو ذڪر ڪيو آهي. تاريخدان ابو عبدالله محمد الادريسي نيرون ڪوٽ جو ذڪر ڪيو آهي.

1768ع ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي ان قلعي جي ٻيهر پختہ سرن سان اڏاوت ڪرائي. 1169ع ۾ بزرگ شاهه محمد مڪي جنهن جو تعلق عرب سان هو مڪي شاهه ۽ جئي شاهه جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. سندس انتقال 1237ع بمطابق 8 ذوالحج 658 هجري ۾ ٽيو ۽ ڪچي قلعي ۾ دفن ڪيو ويو سندس پٽ صدرالدين خطيب جي نالي سان مشهور ٿيو. هڪ ٻي روايت آهي ته شاهه مڪي کي عربن طرفان حاڪم ٿاهي موڪليو ويو هو. نيرون ڪوٽ تي 712ع کان 1026ع تائين عرب حڪمران رهيا. ان بعد محمود غزنوي جي وزير عبدالرزاق جي حوالي اهو شهر ڪيو ويو. اهڙي طرح محمود غزنوي جا نائب اتي حڪومت ڪندا هئا. بعد ۾ مغل بادشاهه اڪبر خان خانان کي ان علاقي جو اختيار ڏنو ۽ نيرون ڪوٽ قلعي جو قلعيدار محمد امان ترخان جنهن، خان خانان کي لاهي محمد بيگ کي قلعيدار ٿاهيو. مغل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاھ شاھجھان ٻہ ان شھر ۾ آيو جنھن ڪتي ۾ شاھجھان مسجد ٺھرائي ۽ مڪي شاھ بابا جي مزار جي اڏاوت جو حڪم ڏنو. ان بعد سومرن جو دور ۽ سمن جو دور آيو. جام نظام الدين جام تماچي ارغون ۽ ترخان حڪمران ٿيڻ بعد ڪلھوڑا دور 1701ع کان 1783ع تائين رھيو. ڪلھوڙن جو بزرگ آدم شاھ سکر ۾ آدم شاھ جي نالي سان ھڪ ٽڪر تي دفن آھي. 1701ع ۾ ميان يار محمد ڪلھوڙو 1755ع تائين حڪومت ڪئي ۽ 1755ع کان ميان مراد شاھ ڪلھوڙو 1757ع تائين حڪومت ڪئي ۽ ميان اطھر خان 1757ع کان 1762ع تائين حڪومت ڪئي. جنھن بعد ميان غلام شاھ ڪلھوڙو گديءَ تي ويٺو. حيدرآباد شھر سمنڊ جي سطح کان 55 فٽ مٿي آباد ڪيو ويو. جنھن جو نالو خليفي راشد جي صفاتي نالي حيدرآباد تي رکيو ويو.

1757ع ۾ سنڌو نديءَ ۾ ھڪ وڏي ٻوڏ آئي، جنھن سبب تخت گاھ خدا آباد غرق ٿي ويو. ان ڪري ميان غلام شاھ ڪلھوڙو ٻيھر نيرون ڪوٽ واري ھنڌ حيدرآباد شھر جو قلعو جوڙايو. اھو قلعو جنوري فيبروري 1769ع ۾ ٺاھيو ويو. 1780ع ۾ ڪلھوڙا دور جي خاتمي بعد ٽالپرن جي حڪومت آئي، 1879ع ۾ مير ڪرم علي خان جو مقبرو ٺھرايو ويو. حيدرآباد جي قلعي ۾ ميان عبدالنبي ڪلھوڙي جي ماٺھن ميراٹي بلوچ رھندا ھئا مير مراد علي 1833ع ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس ميرن جي قبي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. 1826ع ۾ سيد احمد شاھ شھيد حيدرآباد ۾ ڪجھ ڏينھن ترسيو ھن سنڌ جي ماٺھن کي سکن خلاف جھاد جو سڏ ڏنو.

(تاريخ حيدرآباد ڪتاب تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشرت علي خان

حيدرآباد قلعي جي اڏاوت

حيدرآباد جي پڪي قلعي جي اڏاوت ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي 1768ع بمطابق 1182 هجري ۾ نئين سر اڏاوت ڪرائي "يارب احمل هذا البلاد الآمنا" قرآني آيت مان فال ڪڍي ويئي. اي الله تون هن شهر کي امن جو گهوارو ٿاهي. قلعي جي مکيہ دروازي تي تحرير ڪري هنيو ويو.

بامر عالي مظهر ولايت ميان غلام شاهہ خان عباسي بن ميان نور محمد بن يار محمد بن ميان نصير محمد عباسي بنايافت قلعي جي مٿاهين سمنڊ کان 80 فٽ مٿي آهي. ان جي اڏاوت انجنيئر استاد شفيع محمد ملتاني جي نگراني هيٺ مرزا احمد خراساني سرن گيچ ۾ گاري جي ٿاهڙ جي ڪوالٽي بهتر ٿاهڙ جي نگراني ڪئي. قلعو ٿاهڙ لاءِ پورهيتن کي ڇهہ پئسا ۾ ڪاريگرن کي ڏهہ پئسا روزانہ اجرت ڏني ويندي هئي. قلعي جي وچ ۾ هڪ سهڻو شيش محل کان سواءِ حرم سرائي، ديوان خاص ۾ ديوان عام اڏايا ويا. ان سان گڏوگڏ اناج رکڻ جي لاءِ گودام ۾ بارود خانو اڏايو ويو. قلعي ۾ پنج کوهہ کوٽايا ويا پر ڪٽان بہ منو پاڻي نہ نڪتو. قلعي ۾ هڪ ننڍو ڳجهو رستو ڏکڻ اوير ۾ ٿاهيو ويو هو. جڏهن تہ ڏکڻ ۾ شاهي دروازو موجود هو. قلعي جي ڀتن تي مورچا ٿاهيا ويا هئا. جنهن کي ڀرچي ڇيو وڃي تو شاهي دروازي مٿان ڪاٺ جو پاٽ رکيو ويندو هو جتان وڃڻ جو رستو هيو. دروازي جي ٻاهران اولهہ طرف هڪ وڏو تاور ڀرچي ٺهيل هئي. جنهن کي انگريزن حملي دوران تباهہ ڪري ڇڏيو. مير مراد جي وقت ۾ ضرب خانن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪا ٺاهيا ويندا هئا. قلعي اندر سوڙهيو عمارتون ۽ گهٽيون ٺهيل هيون، اهو قلعو بن مهينن اندر تيار ڪيو ويو هو. جڏهن ته ان جي بنياد کوٽڻ لاءِ ڇهه مهينا لڳا. اڪبر بادشاهه جي دور ۾ خواجه شهاب الدين نالي هڪ جاگيردار نيرون ڪوٽ ۾ رهندو هو. ان جي نالي هڪ باغ بہ آهي، جتي ان باغ ۾ ڪيس سپرد خاڪ ڪيو ويو. 996 هجري ۾ نيرون ڪوٽ جو حاڪم مرزا محمد تار خان ۽ قاسم علي سلطاني ساربان هو. مرزا محمد باقي سوڌو حاجي بيگم مير يادگار مسڪين، نور الله ترخان جي سفارتڪار اڪبر بادشاهه وٽ موڪلي، جڏهن ته ڪچو قلعو 1082ع تي قلعي اندر واقع ڇانوٽي ۾ آڇر رات جو اڻين نائين وڳي گرمي سبب بارود کي ڏماڪي بعد باهه لڳي، جنهن سبب اتي رکيل بارود سڙي راک ٿي ويو جنهن بعد اها ڇانوٽي شهر کان ٻاهر قائم ڪئي وئي. جتي بارود رکيو وڃي ٿو. ڪچو قلعو پڪي قلعي جي اولهه ۾ واقع آهي ۽ سطح سمنڊ کان 22 کان 25 فوٽ ٽڪريءَ تي واقع آهي، جنهن جا نو برج آهن. قلعي اندر مڪي شاهه بابا جو مزار آهي. اهو قلعو ڪلهوڙن جي دور ۾ ڇانوٽي طور استعمال ڪيو ويندو هو. جيئن دشمن کان بچاءُ ٿئي ۽ اتي سپاهين جو وڏو تعداد رهندو هو.

غلام شاهه ڪلهوڙو هنرمندن، ڪاريگرن ۽ واپارين کي حيدرآباد شهر آڻي آباد ڪيو. اهي قلعي ٻاهران آباد ڪيا ويا. وري سندس پٽ ميان سرفراز خان ڪلهوڙو خدا آباد کي جيڪو هالا ويجهو هو گاديءَ وارو هنڌ ٺاهيو. مير فتح علي خان جڏهن حيدرآباد جي حڪومت سنڀالي ته حيدرآباد کي ٻيهر گاديءَ وارو هنڌ ٺاهيو ويو ۽ موجوده پڪي قلعي کي ٻيهر آباد ڪيو ويو. ميان غلام نبي ڪلهوڙو جيڪو مير بجار خان سان مقابلي ۾ مارجي ويو هو. غلام شاهه ڪلهوڙي جي مزار لڳ سپرد خاڪ ڪيو ويو. جيڪو زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد پرسان واقع آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميرفتح علي خان 1779ع ۾ سنڌ فتح ڪئي. خداآباد جي گاديءَ واري هنڌ کي خدا حافظ چئي حيدرآباد کي گاديءَ جو هنڌ ٺاهيو ويو. حيدرآباد جي پڪي قلعي کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو. هڪ حصي ۾ ميرفتح علي خان ۽ ميرغلام علي خان جي لاءِ قلعي جي اوير ۾ رهڻ جي عمارت هئي. اڇڻ وڃڻ لاءِ ننڍو دروازو استعمال ڪندا هئا. ميرن جي عام دربار جي لاءِ باغ ٺاهيو ويو هو. ڏکڻ ۾ قلعي جو وڏو دروازو جتي هر عام ۽ خاص اچي سگهندو هو. وري ٽيون حصو اولهه ۾ بارود خانو گودام ۽ فوجين جي رهائش لاءِ قلعي ۾ ميرضرب، قبلي مسجد ميرمراد علي خان، مسجد اقصيٰ جنهن کي شاهي مسجد چيو وڃي ٿو. سيد عظيم الدين ٺٽوي ميان طاهر خذمتگار جي نالي تي طاهر بازار ٺاهي، جتي 1906ع ۾ هندن رهائشي گهر ٺاهي ورتا. شاهي بازار جي ٻنهي طرفن کان عاملن چوٽڪي گهٽيءَ کي سريگهات تائين گهر ٺاهيا ۽ جمن شاهه جي پڙ کان چوٽڪي گهٽيءَ تائين پائيبند رهڻ لڳا، انهن جي آبادي شاهي بازار جي اولهه ۾ هئي.

ميرن جا قبا

ميرن جي قبن جو احاطو 1199ع بمطابق 1259 هجري ۾ ٺاهيو ويو. ان ۾ 1784ع کان 1843ع تائين ميرن جي حاڪمن جا وفات بعد مقبرا ٺاهيا ويا. جن مان ميرن محمد خان ٽالپر، 15 جمادي الثاني 1271 هجري هن جو وصال ٿيو. ان مزار جي ٻنيان 4 شجرن وارا مزار ۽ هڪ قبو ٺهيل آهي، گمان غالب آهي ته اهو ميرڪرم علي خان ٽالپر جو مزار آهي.

مسلمانن جا پاڙا اوير طرف هئا، جيڪي طاهر بازار کان سريگهات تائين هئا، جن ۾ شهواڻي پاڙو ۽ فقير جو پڙ اچي وڃن ٿا.

ديوان گدومل حسين آباد لڳ سنڌو نديءَ جي ڪپ تي رهندو هو. جتي گدو بندر قائم ڪيو ويو. جڏهن ته گدواڻي گهٽي، مرزا خسرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيگ، جارجيا جا ماڻهو آباد ٿيا. ميرن کاهي روڊ پرسان وادين جي پڙ کي ناهين جي پڙ کي آباد کيو. عمارتن جي اڏاوت کندڙ رازن مسترين کي آباد ڪري رازن جو پڙ ۾ فوجي ضرورت جي لاءِ تيوارا قوم جي ماڻهن کي آباد کيو ويو جيڪي تلوارن جي ڌار کي تيز ڪندا هئا. رتناڻين جا پڙ جيڪي تنبو ۾ خيما ناهيندا هئا. نعل بندن جي گهٽي، اهي گهوڙن کي نعل لڳائيندا ۾ بزرگ نوبت ۾ نغارن تي جانورن جي کل چاڙهيندا هئا. گل انداز ۾ گولا انداز بارود ناهيندا هئا جيڪي توپون ڪوري ڪپڙا ناهيندا هئا. پاتولي کلن جو ڪاروبار ڪندا هئا. ۾ ڏوبي ساراز جانورن جي زين ناهيندا هئا. ناڻارا ڏانو ناهيندا هئا ۾ طبيب حڪمت جو ڪم ڪندا هئا. آخوند مدرسن ۾ پڙهائي ڪرائيندا هئا. انهن کي اتي رهائش ۾ ڪاروبار جي لاءِ دڪان ڏنا ويا.

(حيدرآباد جي تاريخ ڪتاب تان ورتل)

حيدرآباد جي دربار

1827ع ڪچ مان ڊاڪٽر جيمس برنس 20 نومبر 1827ع تي حيدرآباد ۾ ميرن جي دربار ۾ پهتو. قلعي جي دروازي ۾ داخل ٿيڻ بعد ميرن جي ڪچهري ۾ آندو ويو. قلعي ۾ سانت لڳي پئي هئي. سنڌي ماڻهن بهترين پوشاڪ پاتي هئي. پتين تي ڪمانگري چٽ هئا. فرش تي قسمين قسمين جا غاليچا وڇايل هئا.

اڳڻ جي هڪ پاسي وڏن مرغولن سان ٽي دروازا هئا. جن اڳيان سائي ماهوت جا پردا ٽنگيل هئا. انهن دروازن مان هڪ دروازي مان ميرن جو وزير، عملدار ڪيس ميرن جي دربار ۾ وڃي آيو. هڪ خدمتگار ڊاڪٽر جيمس برنس جا بوٽ لاٿا. هتي هڪ شاندار ڪچهري لڳي پئي هئي. ڪمري ۾ اوچي قسم جا ايراني قيمتي غاليچا وڇايل هئا. مير اڇيون پوشاڪون پهريل بينل هئا. انهن مان مڪيه مير ڪرم علي

خان ٽالپر ۽ مير مراد علي خان ٽالپر جن تي حڪومت وقت جي پڳ هئي. گادي تي ويٺل هئا. ان جي چئني ڪنڊن تي سونا جهاڙا پڌل هئا. گادي هيٺان هڪ سوبيتي بخمل جو گول وهاڻو رکيل هو. جنهن تي ڪنڊي جي پرت جا سونهري گل هئا. انهن ٻنهي ميرن جي پاسن کان سندس عزيز ويٺل هئا. جنهن ۾ مير صوبدار خان ٽالپر، مير محمد خان ٽالپر ۽ مير مراد علي خان جا پٽ مير نصير خان ٽالپر ۽ مير نور محمد خان ٽالپر ۽ سندس مامو مير محمود خان ٽالپر ۽ انهن جا پٽ ويٺل هئا.

ٽنڊو ولي محمد ڇانوٽي جيڪا نواب ولي محمد لغاري وزير اعظم سنڌ جي نالي سان قائم ڪئي ويئي هئي. علائقو آباد ڪيو ويو. ٽنڊو محمد خان جيڪو ان وقت ۾ ٽنڊو سائينداد جي پرسان واقع آهي. آباد هڪ شهر ٽيڻ بعد حيدرآباد ضلعي جو تعلقو بعد ۾ ضلعو ٽنڊو محمد خان ٿاهيو ويو. جتي جو ناظم ڪجهه وقت اڳ مير عنايت علي ٽالپر مرحوم هو. جڏهن ته سندس والد مير اعجاز علي خان ٽالپر پڻ آبپاشي جو صوبائي وزير رهي چڪا آهن. ٽنڊو مير نور محمد لطيف آباد نمبر 4 ۽ ٽنڊو مير غلام حسين لطيف آباد نمبر 9 ۾ واقع آهي. ٽنڊو مير محمود حيدرآباد جتي هن وقت مير علي احمد ٽالپر، مير رسول بخش خان ٽالپر جا فرزند مير رفيق ۽ مير حيدر ٽالپر رهائش رکن ٿا. اتي مير باغ پڻ مشهور آهي. ڪليلي جي ڪپ تي واقع آهي. سيني ميرن جي پنيان خدمتگار ترارين ۽ ڏالون هٿن ۾، ۽ سنيون پوشاڪون پهريل بيٺل هئا. صفائي ستڙائي هر طرف نظر اچي رهي هئي. هندوستان جي ٻين رياستن ۾ ايتري نزاڪت ۽ صفائي ستڙائي نظر نه آئي.

مير پارسي ۾ گفتگو ڪندا هئا. مير ڪرم علي خان ٽالپر جيمس برنس کي چيو ته اوهان اسان جي مهمان آهيو اوهان جي لاءِ هر شيءِ موجود آهي.

1783ع ۾ هالاڻي وٽ مير فتح علي خان ڪلهوڙن کي شڪست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏني. 1843ع تائين ڇهن ميرن سنڌ تي حڪومت ڪئي. سنڌ جا اڳوڻا حاڪم سڌي طرح اڻ سڌي طرح غزني ۽ دهلي يا خراسان ۽ قندار جي ماتحت هئا. پر تالپرن سنڌ کي ڌارين جي غلامي کان آزاد ڪرايو.

28 فيبروري 1843ع تي انگريزن حيدرآباد جو قلعو فتح ڪري سنڌ جي گادي واري هنڌ تي حڪومت شروع ڪئي. سنڌ کي سر چارلس نيپئر فتح ڪيو. هن جو دور 1843ع کان 1847ع تائين بدترين دور هو. 1845ع کان 1848ع دوران پرائمري اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي ۾ تعليم ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. مسلم پرائمري اسڪول ۽ هندو سنڌي اسڪول کوليا ويا.

1855ع ۾ ڏٺي ۾ اسڪول کوليو ويو. 1852ع ۾ سنڌ ۾ 648 تعليمي ادارا هئا. جنهن ۾ 7443 شاگرد تعليم حاصل ڪندا هئا.

(سنڌ جا اسلامي درسگاهه تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زوار عبدالستار درس

مولا علیءَ جا قدم

حضرت علي عليہ السلام جن جا قدم پاڪ حيدرآباد شهر ۾ هر عام ۽ خاص ماڻهو جي زيارت جو مرڪز آهي. سنڌ جي تاريخ ورثي پڪي قلعي جي پرسان استيشن روڊ تي واقع آهي. مولا علي جي قدم پاڪ جي تاريخ هينئين ريت بيان ڪئي وڃي ٿي:

قدم گاهہ مولا علي جا قدم ايران جي بادشاهہ فتح علي شاهہ قاچار جنهن کي اهي قدم عراق مان حالت نماز ٽيل قدمن جا نشان وارا پٿر جيڪي هن 1805ع بمطابق 1220 هجري ان وقت جي سنڌ جي حڪمران مير ڪرم علي خان ٽالپر کي سوڪڙي طور اماڻيا. جنهن سان گڏ صحيح بہ ٽيل. پنج هزار قرآن پاڪ، شاهنام فردوسي، بہ عدد ايراني شالون ۽ خوشنما شاهہ ڪاسسہ هڪ عدد تلوار اماڻيا. مير ڪرم علي خان اهي قدم پڪي قلعي اندر شاهي مسجد سان لڳولڳ هڪ ڪمرو ٺهرائي رکيا. نماز ادا ڪرڻ بعد انهن قدمن جي زيارت ڪندا هئا. هر خميس ڏينهن دير تائين ان زيارت جو سلسلو جاري رهندو. عام ماڻهن کي عيد نوروز ۽ عيد غدير جي ڏينهن ۾ زيارت جي اجازت هوندي هئي.

ميرن جي آخري تاجدار مير نصير خان ٽالپر ماڻهن جي درخواست تي سندس پٿر ۽ امام بارگاهہ سان لڳولڳ هڪ قبو ٺهرائي هڪ مسجد تعمير ڪرائي قدم پاڪ وارو پٿر اتي رکرايا. جتي 1912ع ۾ باقاعده مجلسون ٿيندیون آهن. هن وقت قدم گاهہ جي توسيع بعد هڪ وڏي مقبري کي اڏاوت ڪري اتي مٿي عام زائرين جي زيارت جي لاءِ قدم پاڪ رکيا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدم گاهه تان انجمن اماميه سنڌ طرفان 1933ع ڌاري هفتيوار اخبار پنجتني باقاعدگي سان مذهبي تبليغ تي پڌري ڪئي پئي ويچي. جنهن لاءِ جدا پريس پڻ آهي. زائرين جي سهولت لاءِ مسافر خانو تعمير ڪرايو ويو آهي. جتي سستي رهائش موجود آهي.

امام بارگاهون

انجمن حيدري امام بارگاهه ٽنڊو نوڙهو ۾ واقع آهي. آستانه اقدس امام بارگاهه مرزا علي يار امام بارگاهه مرزا عابد حسين، امام بارگاهه سيد صالح محمد تقوي ٽنڊو نوڙهو امام بارگاهه مرزا حيدر علي بيگ ٽنڊو نوڙهو امام بارگاهه شمائله ممتاز ڪالوني، قاضي عبدالقيوم روڊ حيدرآباد جيڪا صادق علي زوار جي گهر واري بيبي امينه شاهه جي نگرانيءَ هيٺ قائم آهي. امام بارگاهه مرزا خسرو بيگ ٽنڊو نوڙهو امام بارگاهه علي آباد، ٽنڊو آغا، امام بارگاهه اثنا عشري حسين آباد، امام بارگاهه رضويه گل شاهه، اثنا عشري خواجه جماعت ليڊي ڊفرن اسپتال استيشن روڊ حيدرآباد، امام بارگاهه دادن شاهه جو پڙ، امام بارگاهه اهلبيت آل محمد وحدت ڪالوني حيدرآباد.

درگاهه سخي وهاب شاهه پڪي قلعي پرسان لڳ مولا علي قدم گاهه وٽ واقع آهي. مڪي شاهه درگاهه ڪچي قلعي ۾ واقع آهي. جتي هر سال عرس ٿيندو آهي. درگاهه محمود شاهه بخاري پڻ ڊسٽرڪٽ سيشن ڪورٽ لڳ ۽ درگاهه محبت شاهه بخاري پڻ ڊسٽرڪٽ سيشن ڪورٽ بلڊنگ ٽڊي سڙڪ حيدرآباد آڏو واقع آهي. ڪاهي روڊ تي درگاهه چٽن شاهه بخاري هير آباد ٽنڊو ولي محمد ۾ سيد مهر علي شاهه، سرفراز ڪالوني ۾ درگاهه سرفراز شاهه شهيد ڪلهوڙا ۽ محلي دادن شاهه ۾ سيد دادن شاهه جهانيان جي درگاهه واقع آهي. ان کان علاوه پراڻي هل تاپ سئنيما جي فليٽن پرسان غني بابا جو مزار واقع آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نور محمد پٹو

اي ڊي ايلي گھاٽ جو پڙ

انگريزن جي دور حڪومت ۾ ليڊي ڊفرن اسپتال ۾ هڪ خاتون انگريز ڊاڪٽر هوندي هئي. جنهن ليڊي ڊفرن اسپتال جي اڏاوت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

پائي خان جي چاڙهي وٽ گول پلرن واري هڪ پراڻي عمارت ۾ رهائش پذير منشي محمد علي چانڊيو جي گهر واري فاطمہ کي هن پنهنجي پيٽ ناهيو هو. بيماري دوران اها انهن جو علاج پڻ ڪندي هئي.

انهن جي گهر پرسان وڪٽوريا گاڏي جو اصطبل هو. چاڪاڻ تہ ان دور ۾ موٽر ڪار جو وجود نہ آيو هو عام سواري وڪٽوريا تہ تہ هوندي هئي. ان جو هڪ ڪوچوان بہ هوندو هو جيڪو ان وڪٽوريا گاڏي کي هلائيندو هو.

ڊاڪٽر صاحبہ کي پٽ جو اولاد ڪونہ هو هڪ پيري اشرف شاهہ جي پڙ جو ڪائي واري ذوالجناح اتان برآمد ٿيو تہ هن ڪنهن کان دريافت ڪيو تہ ماڻهو روايت موجب امام جي ذوالجناح آڏو دعا گهندا هئا.

ڊاڪٽرياڻي عورتن کان سوال ڪيو تہ چا توهان جون دعائون قبول ٿين ٿيون. حضرت امام حسين عليہ السلام جي شهادت تي دعا قبول ٿيڻ جي انهن سچائي بيان ڪئي تہ هڪ سوال ڪيو چا آئون دعا گهران اها قبول ٿيندي.

جنهن ڪري هن دل ۾ پٽ جمڻ جي دعا گهري تہ مون کي پٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇايو تہ مان ان کي امامن جي نالي ڪندس ۽ هن دين اسلام جو باقادگي سان مطالعو ڪيو. سال کن کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب کي پٽ ڇايو تہ محرم جي ڏينهن ۾ سندس پٽ کي ڪارو ويس پارائيندي هئي ۽ ان ٻار جو نالو اي ڊي ايل گهاٽ رکيو ويو. بعد ۾ هن اسلام قبول ڪيو تہ هن جو نالو علي گوهر رکيو ويو. جيڪو ايڪسائيز انسپيڪٽر آف سنڌ هو. سڄي سنڌ ۾ شراب جي بدن تي عورتن جا ويس ڪري زيور پائي ڇاپا هڻندو هو.

اي ڊي ايلي گهاٽ (علي گوهر) اشرف شاهہ جي پڙ وٽ رات ڪٽ وڃائي سمهندو هو. هن اشرف شاهہ جي درگاهہ جي مرمت ڪرائي ۽ نئين مسجد تعمير ڪرائي جنهن کي هن پنهنجو نالو لکڻ بجاءِ "يہ مسجد عبدالغفور ني بنوائي هي" تحرير ڪيو.

علي گوهر پاڻ پڙ سينگاري نياز ڪندو هو ٻين طرفان مليل نياز کي نهايت عقيدت ۽ احترام سان وٺندو هو. مجلسن ۾ باقاعدگي سان شرڪت ڪندو هو علي گوهر صاحب سني عقيدي موجب نماز روزا رکندو ۽ رات جو تهجد جي نماز ادا ڪري فجر جي نماز ادا ڪري ڏيوٽي تي هليو ويندو هو. اشرف شاهہ جي پڙ وٽ رهندڙ شير محمد بلوچ مرحوم جي ٻارن عبدالحميد بلوچ، مرحوم خان محمد بلوچ ۽ انهن جي ٻين ٻارن کي بي حد پيار ڪندو هو ۽ هن اشرف شاهہ جي پڙ تان نڪرندڙ پڙ جي سينگارڻ ۾ انهن جي مدد حاصل ڪندو هو.

اي ڊي ايلي گهاٽ حضرت امام حسين جو وڏو عقيدتمند هو. اي ڊي ايلي گهاٽ وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ لنڊن ويو اتي هن شادي ڪئي کيس ٻار بہ پيدا ٿيا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سندس خاندان وارن کيس لنڊن گهرائڻ چاهيو پر هن چيو تہ جيئن تہ مان مذهب بدلائي چڪو آهيان ان ڪري منهنجو توهان سان ڪوبہ تعلق ناهي، کيس خطن ذريعي چيو ويو تہ هو واپس اچي پنهنجي ملڪيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنياڻي پر هن انڪار ڪري ڇڏيو اي ڊي ايلي گهاٽ باقاعدگي سان دين جو مطالعو ڪيو. هن اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ انگريزي ترجمي وارو قرآن پاڪ روزانو تلاوت ڪندو هو.

اي ڊي ايلي گهاٽ جي والده ڊاڪٽر صاحبہ بيمار ٿي پئي تہ هن آڏيءَ رات جو ڪوچوان الهبچايو کي گهرايو ۽ چيائين تہ محمد علي بلوچ جي گهر واري فاطمہ کي وٺي اچ. ميڊم وٽ محمد علي بلوچ جي گهرواري فاطمہ پهتي تہ ان وقت ڊاڪٽر صاحبہ جا عزيز بستري جي چوطرف بيٺل هئا. سندس اکيون پوريل هيون تہ کيس ٻڌايو ويو تہ فاطمہ اچي ويئي آهي. هن ٿوريون اکيون کوليون ۽ سڏ ڪري ڪانئس پڇيائين تہ عبدالغفور تنهنجو ڪير آهي. هن چيو تہ منهنجو پٽ آهي. ان تي هن اي ڊي ايلي گهاٽ جو هٿ ان جي حوالي ڪندي چيو تہ مان پنهنجو پٽ الله جي ۽ تنهنجي حوالي ڪري وڃان ٿي. سندس هٿ ۾ پٽ جو هٿ ڏئي ڪجهہ سيڪنڊن ۾ هن جو روح پرواز ڪري ويو.

جڏهن تہ اي ڊي ايلي گهاٽ جو والد ڪارا ڪپڙا پائڻ ۽ مذهب بدلائڻ جو مخالف هوندو هو. عبدالغفور ڊاڪٽر صاحبہ جي ڪار هلائيندو هو.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ ميڊم صاحبہ هڪ ڀيرو ڪوٽڙي شهر جو سير ڪري رات جو واپس اچي رهي هئي ان دوران ڪوٽڙي واري پل مڪمل طور تي اڇ وڇ جي لاءِ بند ڪئي وئي هئي. هن ڪوچ مين کي چيو تہ کيس رائل نواب فيملي وارو اسپيشل پاس ۽ ڪارڊ ڏيکاريو جنهن بعد هنن کيس سلوٽ ڪري کيس حيدرآباد وڃڻ جي لاءِ ڪوٽڙي واري پل جو دروازو کوليو.

هڪ ڀيرو هڪ شخص گاجن شاهہ بادشاهہ بخاري جي درگاهہ تي دعا گهرڻ ويو تہ چيائين تہ بابا اشرف شاهہ کي چڏي مون وٽ آيا آهيو

اتي وڃي دعا گهرو قبول ٿيندي. گاجن شاهه بادشاهه بخاري ان ڳالهه جي تصديق ڪندي چيو ته هڪ غير مذهب جو ماڻهو مسلمان ٿي ويندو جيڪو اسان سڀني کان به هٿ اڇيان مذهب جي خدمت ڪرڻ ۾ نڪري ويندو. (اها روايت عبدالمجيد بلوچ مرحوم سابق سينيٽري انسپيڪٽر ميونسپل ڪارپوريشن حيدرآباد وٽان ملي آهي)

حيدرآباد جي شاهي بازار

حيدرآباد جي پڪي قلعي جي مين گيٽ کان شروع ٿي ٽئي، جيڪا هڪ ميل ڊگهي آهي نيول راءِ مارڪيٽ تاور وٽ ختم ٿي ٽئي.

1860ع ۾ شاهي بازار جي ٻنهي طرفن کان هندو گهراٽا آباد ٿيڻ شروع ٿي ويا. اعليٰ ذات جي هندن جا نالا ٽاداڻي، آڏواڻي، گلراجاڻي، واسواڻي، مهرچنداڻي، چندي رماڻي، بير بلاڻي ۽ لالواڻي شامل آهن. قلعي جي آبادي هيرآباد ۽ عامل ڪالوني جا علائقا 1900ع صدي ۾ آباد ٿيا.

پائي خان چاڙهي، پائي خان نالي هتي هڪ گهوڙن جا نعال ٻڌندڙ رهندو هو. پائي خان ڊرب تي سندس آستانو هوندو ان دور ۾ گهوڙن تي چڙهي پنهنجن گهوڙن کي تعلبند ڪندا. پائي خان ذات جو اصل ۾ لغاري بروچ هو. جڏهن وفات ڪري ويو ان جي ميت جڏهن انتقال ٿي ته هزارن جي تعداد ۾ گهوڙي سوار ماڻهن ميت ۾ شرڪت ڪئي.

ڪاتا چوڪ، چوٽڪي گهٽي کان سروقبي لين شيرني ملانن جي پاڙي فقير جي پڙ کان گنج بخش چوڪ، نقاشن جي پاڙي کان ٿيندي شيراني ملانن جي پاڙي هميراڻي چاڙهي، چيتل چاڙهي، ڪلاٽ مارڪيٽ وٽان مٽان چاڙهي تي چڙهڻ کان پوءِ ڪاتو چوڪ اچي ٿو. چون ٿا اهو واڻي ڪيانتو جي پويان ڪانتو چوڪ مشهور ٿيو. پيرومل مهر چند آڏواڻي موجب سنگيت مل ۽ ڪيناتومل به پائر هئا. سنگت واهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺهرايو ٻئي ياءُ چوڪ ٺهرايو. انهن جو اولاد نہ هو. محترم عنايت الله عباسيءَ مرحوم موجب هندو عورتون ڪانون ڪي ڪيانتو چونديون هيون.

منو ڏوڏو پڇائي پنهنجي پيارن جي نالي ڪانون ڪي ڪارائيندڙيون هيون. جنهن سبب اهو ڪيانتو چوڪ مشهور ٿيو. ناهين جي پڙ ويجهو قاضي ساداتن جو پاڙو ڪوري پاڙو سڏائيندو آهي.

سري گهاٽ کان ڪاهي رودِ تي هوٽلون ڪباب وارا، جهوپڙا هوٽل موجود هئا. ڪنياتي پاڙو يا لينن ڪپڙو رنگڻ وارن جو ڪنياتي پاڙو ريشم گهاٽ، پتاشو گهٽي آڏو آهي.

ميمڻ پاڙو مارڪيٽ کان اڳيان شهاب سئنيما آڏو آهي. ڪچي پاڙو قليلي جي ڪپ تي واقع آهي. جتي سمان ۾ ڪچي رهن ٿا. ڪوڪر پاڙو فريد محلو گاڏي ڪاتي پرسان موجود آهي. اسلام آباد کان ٽنڊو يوسف ريلوي لائين وٽ گجراتي پاڙو آهي. مارڪيٽ جي پرسان سلاوٽ پارو موجود آهي.

فقير جي پڙ وٽ ٺوڙها چاڙهي طرف راءِ ٻائي جيٺانند پاٽي پيارڻ واري شيدڙ ٺاهي ويو.

قلعي پرسان ڪندن ٻائي جي ياد ۾ 1926ع ۾ ٺاهيو ويو. يعقوب ڪاسائي جي پڙ لڳ سبيل پنجره پول جي علائقي ۾ آفنديءَ وٽ سلطان نعل بند سبيل ميونسپل هاءِ اسڪول حيدرآباد آڏو جانورن کي پاڻي پيارڻ جي لاءِ سبيل. گورنمينٽ هاءِ اسڪول سوسائٽيءَ پرسان ساڌارام صداس رسالا رودِ هوش محمد شهيد رودِ تي ٺاهي وئي آهي. ايلائيٽ سئنيما پرسان گهوڙن جي لاءِ هودي ۾ نل لڳايا ويا.

ان بازار ۾ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ فقط چئن مسلمان پاتولين جا دوڪان هئا. باقي سڀ واٽين جا دوڪان هئا. جيڪي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هندستان مان آيل پناهگيرن کي الاٽ ڪيا ويا، جنهن ۾ لکن

جو سامان پڻ موجود هو. انهن اهي دوڪان کولي پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو. جڏهن ته کين واڻين جا ڇڏيل گهر پڻ الاٽ ڪيا ويا. کين سرڪاري نوڪريون پڻ ڏنيون ويون. کين زمينون پڻ الاٽ ڪري ڏنيون ويون. انهن پنهنجي پورهئي جي زور تي بازار کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

فقير جو پڙ قديم دور ۾ وقت جي فقيرن جو آستانو ويهڻ جي جاءِ هوندي هئي. جتي تمام فقير گڏبا هئا. جنهن کي ڏسندي ماڻهن جو مجموعو جمع ٿي ان کي فقير جو پڙ چوندا هئا. اتي مائي خيري جي مسجد ۽ درگاهه سائين پورل شاهه جيڪو تمام درويش فقير هوندو هو جنهن جي نالي مشهور هو ته سواري ٽانگي ۾ ويهندو ته ان کي پاڙو ڪرايو نه ڏيندو جنهن تي ٽانگي وارن سان هن جي تلخ ڪلامي ٿيندي رهندي هئي. ۽ فقير جي پڙ جتي مشهور تاريخ اتي. ٽانگا تمام فقير جي پڙ ٽانگن جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هن ترقياتي دور ۾ فقير جو پڙ مان ٽانگن جو وجود ختم ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد جي مختصر تاريخ - 2

ڪنهن زماني ۾ حيدرآباد ميونسپل جو صدر مستر آڏواڻي هوندو هو. جنهن جا وڏا ايل ڪي آڏواڻي جا وڏا ڇوٽڪي گهٽي جي پرسان اڄ بہ آڏواڻي گهٽي جي نالي سان گڏ رهندا هئا.

مستر آڏواڻي پنهنجي گهر کان ميونسپل آفيس وڪٽوريا گهوڙا گاڏي تي ايندو هو. وڪٽوريا جا اسٽاپ حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن تي واقع هو. ٻيو اسٽاپ فقير جي پڙ ٽيون اسٽاپ گاڏي ڪاتي حيدرآباد ۾ گاڏين سبب مشهور ٽيو هو.

ميونسپل جو صدر آڏواڻي جڏهن روڊ تي هلندو هو تہ بيمار جانورن کي ڏسندو هو تہ ان کي فورن جانورن جي اسپتال پهچائيندو هو. ڳالهہ ڪن ٽا تہ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ حيدرآباد شهر جا روڊ شيشن جيان چمڪندا هئا. هڪ ٽانگا اسٽينڊ گل خان پيٽرول پمپ وٽ هيرآباد جتي هڪ پلازه جوڙايو ويو آهي، تي واقع هوندو هو. جيڪو غلام مصطفيٰ جتوئي مرحوم سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير، عثمان ڪينيڊي کي الاٽ ڪيو. مولانا وصي مظهر ندوي مرحوم ڪوهنور جو ٽانگا اسٽينڊ حيدرآباد ميونسپل طرفان فليٽ ۾ دوڪان ٺهرائي وڪرو ڪري. جڏهن عاشق مرزا مارڪيٽ ٽاور وڪرو ڪري ڇڏيو. جتي ٽانگا اسٽينڊ هو. تارا چند اسپتال وڪرو ڪري. حافظ مبارڪ شاهہ سينٽر ٺاهيو ويو. جتي هڪ فلور تي اسپتال قائم آهي، جنهن جو ايم ايس ڊاڪٽر اسٽياز رحيم ميمڻ آهي ۽ چاندني سئنيما پرسان ايس آر ٽي سي اسٽاپ وڪرو ڪري عارف بلڊرس کي ڏنو ويو ۽ پوليس هيڊ ڪوارٽر جا ڪوارٽر تي الرحيم پلازه عارف بلڊرس ٺهرايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افسوس جي ڳالهه آهي ته نور محمد هاءِ اسڪول جي اولهه طرف هڪ وڏو مندر هوندو هو. جنهن کي برهمو مندر ڪري چوندا هئا. اهو مندر آڏواڻي خاندان جي هڪ نامور فرد ساڏو هيرانند ٺهرايو هو. ايوب خان جي حڪومت ۾ هن مندر کي ڊاهي اتي لبرٽي مارڪيٽ جي نالي سان حسنين پلازه ڪرنل حيدر طرفان ٺهرايو ويو جيڪا نهايت افسوس جي ڳالهه آهي ۽ مذهبي لحاظ کان ناقابل قبول آهي. جامع عربيه هاءِ اسڪول تلڪ چاڙهي کان وٽي جيل روڊ جي چاڙهي تائين جتي دادن شاهه پاڙو جنهن کي شهيدن جو قبرستان مقام چيو ويندو هو ان ۾ سرفراز شاهه ڪلهوڙو شهيد جو مقبرو واقع آهي. جتي هينئر سرفراز ڪالوني ۽ پلاٽ ڪالوني واقع آهي.

فردوس سئنيما ۽ ڪوهنور سئنيما سان قبرستان واقع هئا. جن جو هن وقت ڪوبه نالو نشان ناهي. تقريباً ڪلهوڙا ڪالوني ۽ ميرن جي قبن جي ساڳي حالت آهي. سڄي هيرآباد محل ماڙي تي ٺهيل هئي. اتي آڏا ڏڏا پلازه ناهي سڄي ڪالوني کي تباهه ڪيو ويو آهي. گهٽين جون گهٽيون بند ڪيون ويون آهن.

حيدرآباد شهر جي آبادي

حيدرآباد شهر جي سڀ کان پهرين مردم شماري انگريزن جي دور ۾ 1808ع ۾ ٿي. ان وقت آبادي 15 هزارن ماٺهن تي ٻڌل هئي. بعد ۾ 1818ع ۾ 18 هزار ٿي، 1843ع ۾ 42 هزار ٿي، 1872ع ۾ 43088 ٿي، 1881ع ۾ 48153 ٿي، 1891ع ۾ 58048 ٿي، 1901ع ۾ 69378 ٿي، 1911ع ۾ 75952 ٿي، 1921ع ۾ 81838 ٿي، 1931ع ۾ 101699 ٿي، 1941ع ۾ 134693 ٿي، 1951ع ۾ 241808 ٿي، 1961ع ۾ 434537 ٿي، 1972ع ۾ 228631 هئي، 1981ع ۾ 751529 هئي، 2000ع ۾ 1368721 ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد جون رهائشي اسڪيمون

حيدرآباد ۾ سڀ کان پهرين رهائشي رٽا، حسنين پلازه لبرٽي مارڪيٽ نزد سول اسپتال، پرڳڙي فليٽس نزد ڪيپري سئنيما، الواحد اسڪوائر پڪو قلعو، رابعه اسڪوائر، سڪينه اسڪوائر، رزاق سينٽر گاڏي ڪاتو ۽ عارف اسڪوائر، الرحيم سينٽر ۽ ڪوهنور سينٽر استيشن روڊ، ايس آر ٽي سي فليٽس نزد چاندني سئنيما ۽ چاندني فليٽس ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل فليٽس گل سينٽر ۽ هل ٽاپ پلازه کان علاوه لطيف آباد نمبر 8 ۾ صديق اسڪوائر، شاهين آرڪيڊ، چراغ اسڪوائر، ٽڏي سڙڪ تي ايگريڪلچر ڪامپليڪس، ريور ويو سي بريز لطيف آباد ۾ رفيق سينٽر کان علاوه عبدالله بلڊرز وارن گذريل 30 سالن ۾ عبدالله سينٽر، قاسم آباد، عبدالله چيمبر صدر، عبدالله اوينيو واڌو واهه، عبدالله بنگلوز، عبدالله ٽائون، عبدالله بليسنگ، عبدالله ويلي، عبدالله پرائيڊ، نيو عبدالله سٽيزن ٽائون، عبدالله هائوسنگ، عبدالله هائيٽس، عبدالله پيلس، ميمڻ نگر، عبدالله ڪارنر، عبدالله هيون، عبدالله سٽي ۽ ان کان علاوه پٽائي ٽائون، پٽائي نگر، اختر ڪاٽيج، واحد اسڪوائر، عبدالله هومز، عبدالله گارڊن استيٽ لائيف بلڊنگ کان علاوه ٻيون رهائشي رٽائون اڏاوت هيٺ آهن.

عارف بلڊرز طرفان قاسم آباد ۾ الرحمان بنگلوز، الرحمان پلازه، الرحمان ڪاٽيج، نقاش ولاز، ريور ويو اپارٽمينٽ، ايگريڪلچر ڪامپليڪس، وحدت ڪالوني، صادق ليونا، بسم الله ٽاور، الرحيم ولاز، الرحمان ٽاور ۽ ٻيون رهائشي رٽائون تيار ڪيون ويون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شير محمد پٹي

ٹنڊو يوسف

ٹنڊو يوسف ميرن جي وقت ۾ ميرن جي حويلي ۾ ننڍو ٻار ڄائو ان ٻار ماءُ جي ٽڇ نہ پيتي، پر ان علائقي ۾ هڪ مائي رهندي هئي، ان جي ٽڇ پيتي، جيڪا ڪڏهن اتي رهندي هئي. ميرن جي ٻارن مائي حوران کي پٽ ڄائو هو. پوءِ ميرن کي خبر پئي، ان مائيءَ کي پٽ ڄائو آهي تہ هن کي ميرن جي حويلي ۾ گهرائي چيو ويو تہ اسان جي نينگري کي ٽڇ پيار. ان کان پوءِ ان مائيءَ ميرن جي ٻارن کي ٽڇ پياري ۽ ان پٽ جو نالو يوسف سڏجڻ لڳو. ميرن جو سڄو ڪاروهنوار محمد يوسف جي هٿ ۾ اچي ويو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ميرن جي رياست ختم ڪري ان علائقي کي ٽنڊو يوسف جي نالي سان سڏيو ويو.

ٽنڊو يوسف بابت ٻي روايت ۾ چون ٿا تہ 1939ع ۾ هن علائقي ۾ واهہ وهندا هئا. جن تي وڏا پٽرلڙهندا هئا. چمڙي جو وڏو ڪاروبار هلندو هو. يوسف خان پٹاڻ جيڪو ڪابل کان حيدرآباد ايندو هو جهازن رستي هن علائقن مان جهازن ذريعي لگهندا ۽ چمڙي جا جهاز هلندا هئا. انهن واهن کي يوسف جا واهہ سڏيندا هئا. تنهن ڪري ان تي يوسف نالي پٹيان اڄ جي دور ۾ ٽنڊو يوسف سڏيو وڃي ٿو. جڏهن تہ هن علائقي ۾ اڄ ترقياتي دور ۾ نظر وجهنداسين تہ ان دور پهتل ماڳ اڃا تائين يادگار بيٹل آهن. اهي وڏا چوڪٹ ٺاهڻ ان دور جا آباد ٹيل شخصيتن جي نالن سان پاڙا قائم دائم آهن. اڄ جي ظالم دور ۾ بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميرن جا ٽنڊا

ٽنڊو ميرغلام حسين لطيف آباد نمبر 9 ۾ واقع آهي. ان جو بنياد ميرالهداد خان جي فرزند ميرغلام حسين ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ رکيو. ان جي پرسان ٽنڊو ميرفضل واقع آهي. جنهن ميرفضل ٽائون لطيف آباد نمبر 9 حيدرآباد ۾ ٿا.

ٽنڊو ميرنور محمد، ميرحسن علي جي چاچي پرنس ميرنور محمد خان پبلڪ اسڪول لطيف آباد نمبر 3 پرسان لطيف آباد نمبر 4 ۾ آباد ڪيو هو. ميرنصير خان جو ميوزيم پڻ اتي واقع آهي.

ٽنڊو يوسف ميان محمد يوسف منگول هو. جنهن جي والده ميرغلام علي خان ٽالپر جي پٽ ميرمحمد خان کي ڪير پياريو ان جي نالي سان مشهور ٿيو.

ٽنڊو ميرمحمود خان، ميرمحمود خان شهداڻي ٽالپر ميربهرام خان ٽالپر جي فرزند جي نالي سان ناهيو ويو. ميرمحمود بهادر جرنيل هو.

ٽنڊو آغا قليلي جي ڪپ تي آغا اسماعيل شاهه بن آغا ابراهيم شاهه بن سيد هادي شاهه جي نالي سان آباد ٿيو. جيڪي اصل ۾ اصفهان ايران جا رهواسي هئا. هادي شاهه حڪيم هو. ڪين ڪابل ۽ خراسان ۾ سفارتڪار ناهي موڪليو ويو. آغا اسماعيل ميرن جو وزير هو.

ٽنڊو نوڙهو نواب خير محمد خان نوڙهو جي فرزند نواب فتح علي خان نالي تي آباد ٿيو. جيڪو ميرمراد علي خان جي دربار ۾ امير هو.

ٽنڊو ولي محمد نواب غلام محمد خان لغاري جي فرزند نواب ولي محمد خان لغاري جيڪو ميرن جي دربار جو امير هو ۽ سپهه سالار هو. برڪ دانشور ۽ وڏو حڪيم پڻ هو. ان شروع ۾ چاٽوٽيءَ جو علائقو ٽنڊو ولي محمد وسايو جتي هن وقت گل سينٽر ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد جون سول لائين جون عمارتون آهن. بعد ۾ اهي نئين ٽنڈو ولي محمد نزد مارڪيٽ منتقل ٿي ويا. جڏهن ته سندس مقبرو سرفراز شاهه جي مزار لڳ واقع آهي.

ٽنڈو طيب، ريلوي استيشن پرسان الهداد چنڊ ڳوٺ لڳ ٽنڈو طيب ۽ مصري شاهه جو پاڙو آباد آهي. ميان محمد طيب مير نصير خان جو خدمتگار هو. ان ڪري اهو علائقو سندس نالي سان مشهور ٿي ويو.

ٽنڈو جهانيان، ٽنڈو فتح الدين شاهه سيد شير شاهه جلال الدين سرخ پوش بخاري جي اولاد مان 7 هجري ۾ بخارا کان پنجاب جي شهر اُچ ۾ ان جو پوٽو سيد جلال الدين مخدوم جهانيان جهان گشت رهائش اختيار ڪئي. ان جهانيان خاندان جي اولاد مان سيد وڏيل شاهه جو پٽ فتح الدين شاهه ڇانوٽي لڳ ٽنڈو جهانيان آباد ڪيو. جنهن جو پٽ قطب علي شاهه ۽ پٽ سيد روشن علي شاهه موجوده سجاده نشين هادي بخش شاهه، جنهن جي نالي هادي نگر قاسم آباد ۾ آباد آهي. موجوده سجاده نشين سيد نور حسين شاهه آهي. سيد منظور "ڪمتر" نقوي وصال ڪري ويا سندس فرزند سيد مختيار نقوي، سيد طاهر شاهه، سيد سجاد علي شاهه، پروفيسر سيد زوار نقوي ۽ ٻيا انهن جي خاندان مان آهن. سرڪاري نوڪرين ۾ آهن.

ٽنڈو ماهي ماهڙ، ڇانگ قوم جي عورت ماهي ماهڙ جي نالي تي آباد ٿيو. جنهن جو اصل نالو ماڻڪان هو جو بلوچي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ چانڊوڪي. ان ڪري جو فارسي رائج هجڻ سبب مائي ماهه تن مان بگڙجي ماهي ماهڙ ٿي ويو. ان جي پيءُ جو نالو سردار دليل خان ۽ عرس شاهه هو.

سردار تاج محمد خان اهي بلوچستان لڳ پاڳ ناڙي جي سراوان جا رهواسي هئا. جنهن پنهنجي ڏيءَ مير مراد علي خان تالپر سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گهر ۾ پرٽائي ڏني هئي.

ٽنڊو گدو، گدو بندر حسين آباد ديوان گدومل جي ملازم جي نالي آباد ڪيو ويو. بعد ۾ ديوان گدومل گدواڻي هتي منتقل ٿي ويو. جيڪو پڪي قلعي ۾ رسان واقع آهي.

حيدرآباد جي قلعي ۾ رسان ڏٽل شاهه جي چاڙهي آهي جتي به قبرون واقع آهن. فقير جي پڙ همون جي چاڙهي آهي. ڪلاٽ مارڪيٽ آڏو هميراڻي چاڙهي آهي، جنهن کي چيٽل چاڙهي پڻ سڏيو وڃي ٿو.

مسلم هاءِ اسڪول ڪلاٽ مارڪيٽ آڏو کاهي روڊ ڏانهن ويندڙ چاڙهي آهي. سخي پير جي چاڙهي مارڪيٽ کان لياقت ڪالوني وڃڻ جي آهي. قدم گاهه مولا علي، سخي وهاب جي چاڙهي قلعي کان استيشن روڊ ڏانهن لهي ٿي.

پڪي قلعي کان استيشن رود وڃڻ لاءِ پائي خان چاڙهي، هوم استيڊ هال جي چاڙهي، پڪي قلعي کان استيشن روڊ وڃڻ جي لاءِ استعمال ٿئي ٿي. پڪا پير چاڙهي ڪوهنور پلازه کان ريشم بازار وڃڻ جي لاءِ استعمال ٿيندي آهي. هوپ فل هاءِ اسڪول، ساڻي پاڙي ڏانهن ويندڙ بوچالو شاهه جي چاڙهي آهي. هيڊ حبيب بئنڪ استيشن روڊ آهي.

پناڻ ڪالوني کان سينٽرل جيل وڃڻ جي لاءِ نيشنل هاءِ وي واري چاڙهي. حر ڪئمپ واري چاڙهي، ڪلهوڙن جي مزارن وٽان لنگهي ٿي. جيمخانہ چاڙهي ٽڏي سڙڪ کان جيمخانہ گاڏي کاتي وڃڻ جي لاءِ استعمال ٿئي ٿي.

هل ٽاپ واري لطيف آباد کان حيدرآباد وڃڻ لاءِ 1964ع ۾ اُميدن پريو قبرستان لڳ ناهي وئي. تلڪ چاڙهي، لوڪمانيہ گنگاڏر تلڪ جي نالي سان مشهور آهي. سرفراز چاڙهي، شهيد سرفراز بابا جي نزد

لڳ چاڙهي جيڪب آباد روڊ ويندڙ چاڙهي.

سري گهات کان کاهي روڊ تي هوٽلون ڪباب وارا، جهوپڙا هوٽل موجود هئا. ڪنياتي پاڙو يا لينن ڪپڙو رنگڻ وارن جو ڪنياتي پاڙو ريشم گهات، پتاشو گهٽي آڏو آهي.

ميمڻ پاڙو مارڪيٽ کان اڳيان شهاب سئنيما آڏو آهي. ڪچي پاڙو قليلي جي ڪپ تي واقع آهي. جتي سمان ۽ ڪچي رهن ٿا. ڪوڪر پاڙو فريد محلو، گاڏي ڪاتي پرسان موجود آهي. اسلام آباد کان ٽنڊو يوسف ريلوي لائين وٽ گجراتي پاڙو آهي. مارڪيٽ جي پرسان سلاوٽ پاڙو موجود آهي.

فقير جي پڙ وٽ نوڙها چاڙهي طرف راءِ ٻائي جيناننڊ پاٽي پيارڻ واري شيد ناهي ويو.

قلعي پرسان ڪندن ٻائي جي ياد ۾ 1926ع ۾ ناهيو ويو. يعقوب ڪاسائي جي پڙ لڳ سبيل پنجره پول جي علائقي ۾ آفنديءَ وٽ سلطان نعل بند سبيل ميونسپل هاءِ اسڪول حيدرآباد آڏو جانورن کي پاٽي پيارڻ جي لاءِ سبيل. گورنمينٽ هاءِ اسڪول سوسائٽيءَ پرسان ساڌارام صداس رسالا روڊ هوش محمد شهيد روڊ تي ناهي وئي آهي.

ايلائيٽ سئنيما پرسان گهوڙن جي لاءِ هودي ۽ نل لڳايا ويا.

مائي خيري ٽالپر

مائي خيري جو اصل نالو بيبي خيرالنساءِ ٽالپر هو. اها مير صوبدار خان ٽالپر شهيد جي راڻي هئي. جيڪو ميرن جي دربار جو خاص رڪن هو.

مائي خيران لائق ۽ پرهيزگار استادن جي نظرداري هيٺ تعليم حاصل ڪئي. پاڻ ڏاڍي هوشيار ۽ ذهين هئي. سخي دل ۽ دريا دل عورت هئي. جنهن جو نالو اڄ ب ڳائجي پيو. ان وقت ۾ عربي ۽ فارسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تعليم ڏني ويندي هئي. هاڻي خيري قرآن شريف پورو ڪري ورتو. عربي فارسي جي لياقت حاصل ڪيائين. سخي ۽ ديندار ماڻهن جي احوال ٻڌندي هئي. ديني علم سان چاهه هوندو هوس. نهايت رحمدل ۽ نيڪ عورت هئي. هر سال زڪوات ڪيندي هئي. جيڪا غريبن ۽ مسڪينن ۾ گهر ڏياري موڪليندي هئي.

هن ٻڌڻين، معذورن ۽ بيواهه عورتن جي لاءِ ماهوار وظيفا پڌ مقرر ڪيا هئا. ڪنهن به سوالي ۽ کي هٿين خالي واپس نه ڪندي هئي. پاڻ دولت مند هوندي به سادگي سان رهندي هئي. سادو کائيندي هئي ۽ چوندي هئي ته الله تعالي دولت ڏني آهي ان ۾ غريبن جو حصو مقرر آهي. جيڪو ضرور ادا ٿيڻ گهرجي.

سندس خير جا دروازا مسڪينن جي لاءِ هر وقت کليل رهندا هئا. هن ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ مسجدون ۽ مدرسا تعمير ڪرايا ۽ کوهه کوٽرايا.

فقير جي پڙ ۾ هڪ مسجد جوڙايائين، جيڪا اڄ مائي خيري جي مسجد جي نالي سان مشهور آهي. هن مسجد سان لڳ هڪ ديني مدرسو پڌ قائم ڪرايو ويو جنهن جو خرچ پاڻ برداشت ڪندي هئي. کاڏو پيتو ڪپڑو لٽو ۽ علاج وغيره جو خرچ هن جي ذمي هوندو هو.

غريبن ۽ نادارن جي شادي، لاوارثن جو ڪفن دفن جو انتظام ڪندي هئي. هي نيڪوڪار خاتون پهرين رمضان سن 1272 هجري ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي. ڪيس هالا پرسان خدا آباد ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

حيدرآباد شهر ۾ هڪ مسجد جيڪا مائي خيري جيڪا فقير جي پڙ ۾ آهي. 1319 هجري ۾ مدرسو قائم ڪيو ويو.

مسجد مائي خيري مدرسو مولانا محمد حسن انگريزن جي دور حڪومت ۾ قائم ڪيو. جيڪو شهر جي مرڪز ۾ قائم هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ٺهڻ کان ٻ.ڻ 1949ع ۾ شاهه ولي الله سنڌ اورينٽل ڪاليج هيرآباد حيدرآباد ۾ قائم ڪيو ويو جنهن ۾ عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو کان علاوه ٻين ٻولين جي تعليم ڏني ويندي هئي. امتحان ٿيندا هئا، جنهن مدرسي مان پڙهي شاگرد اديب ۽ عالم ٿيندا هئا.

ان کان علاوه جامع رڪن الدين آزاد ميدان هيرآباد حيدرآباد مدرسه احسن البرڪات پڪو قلعو نزد هوم استيڊ هال (مڪي هائوس) حيدرآباد قائم ڪيو ويو. هوم استيڊ هال ۾ پبلڪ لئبريري 1972ع ۾ قائم ٿي، ان لائبريري کي ضلعي حڪومت نئين سر مرمت ڪري مولانا حسرت موهاني پبلڪ لائبريري نالو رکيو آهي.

جامعه رڪن الدين آزاد ميدان حيدرآباد هيرآباد مدرسه احسن البرڪات نزد هوم استيڊ هال حيدرآباد مدرسه قوت الاسلام غريب آباد، مدرسه مدينته العلوم پينڊو شريف تعلقو حيدرآباد، دارلعلوم اشرفيه ٽنڈو الهيار ضلعو حيدرآباد ۾ قائم ڪيو ويو.

مدرسه تعليم القرآن واڌن جو پڙ حيدرآباد، سائين عنايت الله عباسي مرحوم، جنرل سيڪريٽري سوشل ويلفيئر سوسائٽي واڌن جو پڙ جي ڪوشش سان جنوري 1975ع ۾ واڌن جي پڙ جي مسجد جي پيش امام مرحوم مولوي محمد عمر بروهي فاضل سند يافته مدرسه عربيه معلم حاجي فيض محمد ميمڻ مرحوم الله بچايو سومرو جي اولاد جي تعاون سان ٻار قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

(ڪتاب "اسلامي درسگاهه" تان ورتل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بمبئي بيڪري حيدرآباد

بمبئي بيڪري حيدرآباد 11 نومبر 1911ع تي مسٽر پهلاج راءِ گنگرام ٽڏاڻي جديد بيڪري جو بنياد ڪئينٽ ايريا صدر حيدرآباد ۾ رکيو.

11 نومبر 2011ع ۾ هن بيڪري جا سو سال پورا ٿيا هن بيڪري چوٽين پيڙهي هلائي رهي آهي. 1924ع ۾ ڪينٽ جي مجاز اٿارٽي کان اجازت ونڊي موجوده هنڌ تي قائم ڪئي. جيڪا هڪ بنگلي ۾ قائم ڪئي ويئي آهي جتي مسٽر پهلاج راءِ پنهنجي ٽن ٻارن شام داس، ڪشن چند، گوپي چند سان گڏ رهندو هو. بيڪري طرفان بسڪوٽ، روٽي ڪيڪ جي اعليٰ قسم جي معيار سان تيار ڪيا ويا. پهلاج ٽن پٽن ۽ ڏميوار ملازمن سان گڏ سڀن معيار واري لوازمات سان تيار ڪري فراهم ڪندا رهيا. مسٽر پهلاج 1948ع ۾ وفات ڪري ويو تہ ان جي پٽن ڪشن چند ان بيڪري جي ڪيڪ جي معيار کي وڌايو. ۽ ڪيڪ بسڪيٽ ايجان تائين ڏياري ۾ ماٺهو سوکڙي طور خريد ڪري وڃن ٿا. ڪشن چند جي 1960ع ۾ وفات بعد گوپي چند جي ۽ ڪشن چند جي پٽن بمبئي بيڪري جي ڪاروبار کي وڌايو.

ڪمار ٽڏاڻي پنهنجي وڏن جي ڪاروبار کي ترقي ڏني. جون 2010ع ۾ وفات ڪري ويو. جيڪو غريبن جي مدد ڪندو هو ان جي وفات تي اهي ڏکي ٽي پيا. هن وقت سندس فرزند سونو هن بيڪري کي خوش اسلوبي سان هلائي رهيو آهي. اندرونِ سنڌ ۽ حيدرآباد جا ماٺهو بمبئي بيڪري تي اعتماد رکن ٿا، جنهن سبب اها بيڪري اڄ ب عوام ۾ مقبول آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو قيام

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سڀ کان پهرين 17_8_1955ع تي هوم اسٽيڊ هال حيدرآباد جي عمارت ۾ قائم ڪئي وئي. ان وقت جي وفاقي وزير اطلاعات پير علي محمد شاهہ راشدي جي هدايت تي هڪ مهيني جي مختصر وقت تي قائم ڪئي وئي. جنهن جو افتتاح پير علي محمد شاهہ راشدي جي موجودگي ۾ گواليار خاندان جي گهراٽي جي خانصاحب مبارڪ علي خان کان ڪرايو ويو.

پهرين جولائي 1955ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآبادجو پهريون ريجنل ڊائريڪٽر ظفر حسين کي مقرر ڪيو ويو. جيڪو 12 سيپٽمبر 1955ع کان 27 آگسٽ 1957ع تائين حميد نسيم تائين ڪم ڪيو. 27 آگسٽ 1957ع کان 19 مئي 1958ع تائين اي اي حفيظ. 19 مئي 1958ع کان 22 جولائي 1961ع تائين حميد نسيم 17 نومبر 1958ع کان 22 جولائي 1961ع تائين سجاد حيدر. 5 آگسٽ 1961ع کان 2 اپريل 1962ع تائين اي ايم چاڱلا. 28 ڊسمبر 1962ع تي صدر پاڪستان فيلڊ مارشل محمد ايوب خان نئين عمارت جو افتتاح ڪيو.

2 اپريل 1962ع کان 27 مئي 1964ع تائين سجاد حيدر. 24 آگسٽ 1970ع کان 29 فيبروري 1972ع تائين ايم اي ڪاظمي. پهرين مارچ 1972ع کان 19 ڊسمبر 1972ع تائين ايم بي انصاري محمد بخش انصاري. 20 آگسٽ 1972ع کان محمد بخش انصاري کي پهرين اپريل 1974ع تائين اسٽيشن ڊائريڪٽر طور مقرر ڪيو ويو. پهرين اپريل 1974ع کان 18 مئي 1974ع تائين ايم ايم چاڱلا کي مقرر ڪيو ويو. 20 مئي 1974ع کان 31 جولائي 1974ع کان محمد بخش انصاري. 5 آگسٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1974ع کان 30 مئي 1981ع تائين الياس عشقي کي مقرر ڪيو ويو. جنهن جي دور ۾ انور سولنگي، صالح محمد شاهه ۽ ٻين فنڪارن کي ريڊيو تان بي گناهه نيڪالي ڏني وئي. 6 جون 1981ع کان 27 آگسٽ 1984ع تائين بدر عالم، 29 آگسٽ 1984ع کان 29 اپريل 1995ع تائين عنايت بلوچ، 24 اپريل 1995ع کان 5 مارچ 1996ع تائين شڪيل احمد فاروقي، 7 مارچ 1996ع کان 25 مئي 1997ع تائين امداد علي خواجه پهرين آگسٽ 1997ع کان 14 ڊسمبر 2000ع تائين سڪندر بلوچ، 16 سيپٽمبر 2000ع تائين منير احمد سومرو، 25 اپريل 2001ع کان 31 ڊسمبر 2001ع تائين زاهد حسين قلباڻي کي مقرر ڪيو ويو.

پهرين جنوري 2002ع کان 20 سيپٽمبر 2002ع ملڪ عزيز الرحمان الخ 21 سيپٽمبر 2002ع کان 20 جنوري 2003ع تائين محمد شفيع، 17 فيبروري 2003ع کان 10 جولائي 2004ع تائين فخرالدين بلوچ، 23 جولائي 2004ع کان 14 جون 2005ع کان سيد قمر حسين، 4 جولائي 2005ع کان 21 ڊسمبر 2006ع تائين فخرالدين بلوچ، 22 ڊسمبر 2006ع کان 6 مارچ 2007ع نصير بيگ مرزا، 7 مارچ 2007ع کان 5 مئي 2008ع تائين انيس الرحمان صديقي، هن وقت 16 مئي 2008ع کان نصير بيگ مرزا اسٽيشن ڊائريڪٽر آهي. جڏهن ته پروگرام مئنيجر ايف ايم 101حيدرآباد، الاهي بخش بانيڙ. جڏهن ته سينيئر پروڊيوسر عرفان انصاري آهي.

ايف ايم 101 حيدرآباد جو افتتاح 14 جولائي 2002ع تي وفاقي وزير اطلاعات نثار ميمڻ ڪيو هو. محمد اسلم بلوچ ايف ايم جو پهريون انچارج ۽ پروگرام مئنيجر 14_7_2002ع کان وڃي 7 آڪٽوبر 2003ع تائين رهيو. جنهن بعد هن جو انتقال ٿي ويو. نصير مرزا 10 جنوري 2003ع کان 30 مارچ 2007ع تائين پروگرام مئنيجر ۽ انچارج ايف ايم 101 حيدرآباد رهيو. جنهن بعد مستر الاهي بخش بانيڙ 30

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارچ 2007ع کان 11 مئي 2008ع تائين پروگرام مئنيجر ۽ انچارج ايف ايم 101 حيدرآباد رهيا. مسٽر گل حسن قريشي انچارج 12 مئي 2008ع کان هن وقت تائين 10 ڊسمبر 2009ع تائين رهيا. پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا ڊپٽي ڪنٽرولر پڻ رهيا. هن وقت ايف ايم ٻٽ شاھ تي اسٽيشن ڊائريڪٽر آهن. هن وقت الاهي بخش پانيڙ انچارج آهي.

راڻي باغ، حيدرآباد

حيدرآباد جي مرڪزي عيد گاهه راڻي باغ لڳ نيشنل هاءِ وي تي قائم ڪيل آهي. اها عيد گاهه بلڪل لاهور جي شاهي مسجد جي طرز تي تعمير ٿيل آهي. ٻي وڏي عيدگاهه چانوٽي واري علائقي ۾ نيومئجسٽڪ سئنيما لڳ قائم آهي. حيدرآباد چانوٽيءَ جي مرڪزي جامع مسجد وڏي آهي. جتي نمازي نماز ادا ڪن ٿا.

گاڏي کاتي ۾ اورنگزيب مسجد، پوليس لائين واري مسجد، گاڏي کاتي تي توڪل مسجد، مدينہ مسجد ۽ الله والي مسجد، ممتاز ڪالوني لڳ قائم آهي.

لطيب آباد نمبر 8 ۽ لطيب آباد نمبر 6 ۾ گول مسجد ۽ لطيف آباد نمبر 10 لطيب آباد نمبر 11 جون وڏيون مسجدون آهن.

حيدرآباد جي راڻي باغ جو بنياد 1935ع ۾ رکيو ويو. 1937ع ۾ پائي ليلارام پيرومل پنهنجي والد جا سهارام خوبچند ليلارام جي ياد ۾ هڪ چبوترو راڻي باغ جي وچ ۾ ٺهرايو هو. جنهن وٽ ڪنهن زماني ۾ هوٽل هوندي هئي. هينئر راڻي باغ جي مک جاءِ آهي. جتي جهولا لڳايا ۽ پارڪ ٺاهيو ويو آهي.

1942ع ۾ ديوان واڏو مل جهامن داس پائي واڏو مل پنهنجي نياڻي گوپي جي ياد ۾ هڪ تلاءُ ٺهرايو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اتي جانورن جو چڙيا گهر ٺاهيو ويو.

هن وقت هڪ طرف سيٺ ولي پائي وارن برڪت پائي پارڪ ٺهرايو آهي. جڏهن ته زناني پارڪ جنهن کي چاردیواري پٽ آهي کي فن لينڊ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف اوپن ايئر ٿيٽر آهي جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته ٻئي پاسي مسجد ۽ عيدگاهه قائم ڪئي ويئي آهي.

حيدرآباد ۾ پاڻيءَ جي فراهمي ۽ نڪاسي واڌو واهه جيڪو جي او آر ڪالوني کان قاسم آباد باءِ پاس کان عبدالله گارڊن وٽ فسادي واهه واقع آهي. حيدرآباد ۾ ڪليلي واهه مان صاف پاڻي حيدرآباد کي فراهم ٿيندو رهي ٿو. جڏهن ته ڪاري موري ۾ شهر جو گندو پاڻي خارج ٿيندو هو. اوڀين سئنيما کان نشاط سئنيما تائين هن وقت گندو نالو وهي ٿو جنهن ۾ شهر جو ڪنو پاڻي خارج ٿيندو آهي. واڌو واهه چوڪ واڌو مل واٽيي جي نالي ڪري مشهور ٿيو. اهو راڻي باغ کي آباد ڪندو هو.

حيدرآباد ۾ تلاءُ نمبر هڪ ميمڻ اسپتال واري علائقي گئوشالا وٽ واقع هو. ٻيو تالاب سابقہ ڪئپيٽل سئنيما موجوده ڪئپيٽل بينگل مارڪيٽ ۽ پلازه آڏو موجود هوندو هو. ٽيون تالاب مصري شاهه پاڙي جاني شاهه محلي وٽ واقع هو. ٽيون نمبر تلاءُ 1906ع تائين موجود هو. چوٽون تلاءُ حُر ڪئمپ ۾ واقع هو. جنهن کي جيڪب تلاءُ چيو ويجي ٿو. جنهن مان هيرآباد ۽ چانوٽي ۾ پاڻي رسايو ويندو هو. هينئر پڪي قلعي، صحافي ڪالوني ۾ واسا طرفان ٽانڪيون ناهي پاڻي فراهم ڪيو وڃي ٿو.

اتفاق جي ڳالهه آهي ته مکي باغ ۾ هڪ کوهه هوندو هو. جنهن جو پاڻي مٺو هوندو هو. جنهن سبب مکي باغ ۾ روزي اچي ڪمائڻ وارن جو رش هوندو هو.

داس باغ، جنهن کي شڪارگاهه مان داس باغ ۾ تبديل ڪيو ويو جنهن کي هاڻي راڻي باغ چون ٿا، جيڪو 120 ايڪڙن تي مشتمل آهي. انگريزن هن کي ايم ايس گارڊن، پاڪستان ٺهڻ بعد ميونسپل گارڊن پير الاهي بخش گارڊن نالو رکيو ويو.

يوسف گارڊن ٽنڊو يوسف ۾ ميرن جي ملازم جي نالي سان ٽنڊو يوسف قبرستان وٽ موجود هو. جيڪو پٽي ڳوٺ تائين پکڙيل هو.

خانبهادر حسن علي آفندي ٿروٽ باغ خريد ڪري رهائش اختيار ڪئي. ان کي آفندي باغ چيو ويندو هو. جتي هاڻي حسن علي آفندي ٽائون ناهيو ويو آهي. مير گاربن جيڪو شير محمد بلوچ کي ميرن سوکڙي ۾ ڏنو هندن طرفان مندر ۽ دوڪان، خدمت خلق طرفان استپال ناهي ولار ڪئي ويئي آهي. اسٽيشن روڊ آڏو واقع آهي مير باغ.

وسارام باغ حسين آباد گدو ۾ واقع هو. هاڻي درياهه جي ڪپ تي مهراڻ باغ ناهيو ويو آهي.

ڊولڊ داس باغ جيڪو گورنمينٽ ڪاليج ڪليلي جي ڪپ تي واقع هو اهو ختم ڪيو ويو آهي.

ايسرداس پارڪ، تلڪ چاڙهي مٿان فوڪس اسٽوڊيو واري گهٽي وٽ واقع هو ختم ڪيو ويو آهي.

شامداس پارڪ، پڻ ڪليلي جي ڪپ تي جديد پارڪ هو ختم ڪيو ويو آهي.

پريم پارڪ، جيمخانه ڪلب آڏو واقع شاپنگ سينٽر ٺهڻ کان اڳ پريم پارڪ واقع هو. جتي هاڻي سرڪاري ملازمن جا گهر ۽ فليٽ ناهيا ويا آهن. ماٺهو پارن سان گڏ وڃي ويهندا هئا.

ڊفينس پارڪ، تازو ناهيو ويو آهي. جيڪو ڊفينس پلازه پرسان ٽڏي سڙڪ تي واقع آهي.

برڪت پائي پارڪ گنجي ٽڪر تي سائيٽ ايريا فتح چوڪ وٽ ناهيو ويو هو تباهه ٿي ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تپيدار ٽريننگ ڪاليج ٽڏي سڙڪ حيدرآباد

سنڌ ايگرڪيلچر اسڪول ٽڏي سڙڪ حيدرآباد ۾ برطانيہ جي دور حڪومت ۾ 1881_1882ع ڌاري قائم ڪيو ويو بعد ۾ 1954ع ۾ ان اسڪول کي تپيدار اسڪول جو نالو ڏنو ويو. 1954_1955ع ۾ هن کي پٽورو ميرپورخاص ٽرپارڪر ضلعي ڏانهن منتقل ڪيو ويو جيڪو 1978ع تائين قائم رهيو. 1979ع ۾ اهو اسڪول نيو وحدت ڪالوني حيدرآباد جي بلڊنگ ۾ منتقل ڪيو ويو. 1986ع ڪان ٽڏي سڙڪ جي موجوده بلڊنگ ۾ منتقل ڪيو ويو جيڪا عمارت 1965ع ڌاري تعمير ڪئي ويئي آهي. هن اسڪول کي 1995ع ۾ تپيداري اسڪول کي ڪاليج جو درجو ڏنو ويو. هن تپيدار ٽريننگ اسڪول / ڪاليج جو پهريون پرنسپال.

فتح محمد ميمڻ 22 نومبر 1982ع کان 6 آڪٽوبر 1987ع تائين

حسين علي احمد زئي 7 آڪٽوبر 1987 کان 28 سيپٽمبر 1989ع تائين.

فتح محمد ميمڻ 29 سيپٽمبر 1989ع کان 3 ڊسمبر 1989ع تائين.

سک ديو آر شرما 7 ڊسمبر 1990 کان 10 ڊسمبر 1990ع تائين

حاجي پانڌي خان 11 ڊسمبر 1990ع کان 17 فيبروري 1991ع تائين

فتح محمد ميمڻ 18 فيبروري 1991 کان

پرشتم داس جي راڻي 18 فيبروري 1991 کان 18 جون 1991 تائين

عبدالواحد ايم آرائين 19 جون 1991ع کان 5 جولائي 1991ع تائين

احمد دين ڊوگر 6 جولائي 1991ع کان 24 اپريل 1993ع تائين

محمد صفر چنا 25 اپريل 1993ع کان 28 فيبروري 1994ع تائين

محمد عيسيٰ جي بروهي 16 مارچ 1994ع کان 6 جون 1994ع تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالرشيد جي ابڙو 7 جون 1994ع کان 30 سيپٽمبر 1996ع تائين
انجنيئر آصف رضا شاهه 10 آڪٽوبر 1996ع کان 29 ڊسمبر 1997ع تائين
محمد سالڪ مرزا 23 اپريل 1998ع کان 30 جون 1999ع تائين
آغا سهيل احمد پناڻ 1 جولائي 1999ع کان 7 فيبروري 2000ع تائين.
محمد سالڪ مرزا 8 فيبروري 2000 کان 23 فيبروري 2000ع تائين
سيد شبير حسين شاهه 24 فيبروري 2000ع کان 4 سيپٽمبر 2000ع تائين
رشيد احمد ڪي بلوچ 4 سيپٽمبر 2000ع کان 13 ڊسمبر 2002ع تائين.
عبدالرشيد جي ابڙو 14 ڊسمبر 2002ع کان 12 جنوري 2003ع تائين
20 محمد عثمان سهتو 13 جنوري 2003 کان 3 مارچ 2007ع تائين
ڏرمو مل جي مدهاڻي 5 مارچ 2007 کان 2 اپريل 2007 تائين
فرقان علي لغاري 20 اپريل 2007ع کان 2 مارچ 2008ع تائين
ڏرمو مل جي مدهاني 3 مارچ 2008ع کان 19 مئي 2008ع تائين
سجاد احمد ملاح 20 مئي 2008ع کان 20 مئي 2008ع تائين
امام بخش ڪاڪا 21 مئي 2008ع کان 1 سيپٽمبر 2008ع تائين
بشير احمد عباسي 23 آڪٽوبر 2008ع کان 5 نومبر 2010ع تائين
شفيق احمد سومرو 21 ڊسمبر 2010ع کان 4 جنوري 2011ع تائين
طارق امام جوٽيجو 4 جنوري 2011 کان 10 فيبروري 2011ع تائين
بشير احمد عباسي 17 فيبروري کان 16 فيبروري 2011ع تائين.
مولاداد دراني 27 آگسٽ 2013ع کان 15 سيپٽمبر 2014ع تائين.
عمران راجپوت 15 سيپٽمبر 2011 کان 28 آڪٽوبر 2014 تائين
ايم انوپاٽي 28 اڪٽوبر 2014ع کان 31 ڊسمبر 2014ع تائين
نور احمد کهڙو 1 جنوري 2015ع کان 2016ع تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪزي روينيو آفيسون

1881ع ۾ روينيو ڪاتي جي هڪ عمارت تعمير ڪئي ويئي جيڪا 1905ع ۾ ڪمل ڪئي ويئي. ان آفيس ۾ بيراج مختيارڪار جي آفيس واقع هوندي هئي. هن وقت خوراڪ ڪاتي ۽ رجسٽرار ڪو آپريٽو سوسائٽي جي آفيس واقع آهي. ٻئي طرف مڇي جي پالنا واري ڊائريڪٽر جي آفيس آهي ۽ صحت ڪاتي، ٻيلي ڪاتي وارن جي آفيسن کان علاوه ملير يا پروگرام جي آفيس آهي. اها ٻئرڪس راڻي باغ جي گيٽ نمبر 2 کان شروع ٿي پٽرول پمپ ۽ پراڻي استيٽ بئنڪ جي بلڊنگ آڏو ٿڏي سڙڪ تي واقع آهي. جتي تسليم ڪالوني ۽ ڊائريڪٽر سيٽلمينٽ سروي ۽ لئنڊ رڪارڊ آفيس ۽ سي آئي ڊي ڪاتي ۽ مختيارڪار روينيو قاسم آباد ۽ رجسٽرار جي آفيس واقع آهي.

حيدرآباد جي ڪليڪٽوريٽ بلڊنگ 1912ع ۾ تاج برطانيه جي دور ۾ ڳاڙهي پٿر جي اڏاوت ڪري هڪ ماڻ عمارت ٺاهي ويئي آهي، جيڪا اڄ به وڏي شان و شوڪت سان حيدرآباد شهر ۾ موجود آهي. ان عمارت تي انگريزي ۾ جي آر آءِ ايم سي ايم XII لکيل آهي.

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ حيدرآباد جي عمارت ۾ هن وقت ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جون آفيسون آهن، جتي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج صاحبان ويهن ٿا. هڪ پاسي سيشن جج جو بنگلو آهي ته ٻئي طرف سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ جي عمارت آهي جيڪا نئين تعمير ڪرائي ويئي آهي. ٻئي طرف ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر حيدرآباد جي نئين تعمير ٿيل عمارت آهي. هڪ طرف ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي آفيس آهي، ٻئي طرف ايڊيشنل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنٽرول سول ڊفينس حيدرآباد جي آفيس آهي. ان ڪليڪٽوريٽ بلڊنگ ۾ هڪ لطيف هال آهي، جنهن ۾ سينٽرل لائبريري کان علاوه ميٽنگ هال پڻ آهي. ٽورو اڳيان هلندئو ته ڪورٽ آف اسپيشل جج اينٽي ڪرپشن سينٽرل حيدرآباد جي ڪورٽ، سنڌ ليبر ڪورٽ نمبر 6، حيدرآباد پهرين ماڙ تي موجود آهن. ان کان علاوه ڊسٽرڪٽ اٽارني حيدرآباد جي آفيس موجود آهي. ان عمارت کي ڏٻڻي ڊسٽرڪٽ آفيسر روينيو لطيف آباد جي لاءِ نهرايو ويو هو. ان جو افتتاح ضلع ناظم حيدرآباد ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان 5 جولائي 2002ع تي ڪيو هو.

سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ حيدرآباد ان وقت جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه مارچ 1989ع ۾ پيڙهه جو پٿر رکيو جڏهن ته سيد مظفر حسين شاهه سنڌ جي وڏي وزير آگسٽ 1992ع ۾ هن بلڊنگ جو افتتاح ڪيو.

سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ جي عمارت کان هيٺ لهندا ته ڪي بي اعظم خان بلڊنگ 1934ع ڌاري تعمير ٿي، ان ۾ سنڌ پراونشل ڪو آپريٽو بينڪ قائم هئي. هاڻي ڪو آپريٽو سوسائٽي وارن جي آفيس آهي.

سامهون ريڊيو پاڪستان جي عمارت آهي. بي طرف جي پي او حيدرآباد جنرل پوسٽ آفيس آهي. هڪ طرف مينارام هاسٽل آهي. جنهن تي ايلسا قاضي ڪئمپس تحرير ٿيل آهي. هن وقت ان ۾ مادل ڪاليج سنڌ يونيورسٽي ڊاڪٽر اين اي ڪاليج جي نالي سان هلي رهيو آهي. ڪنهن وقت ۾ بورڊ آف انٽرميڊيئٽ اينڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن حيدرآباد جي آفيس قائم ڪئي ويئي هئي. جيڪا هاڻي لطيف آباد ۾ نئين عمارت ۾ منتقل ٿي وئي آهي.

ان جي پرسان ۾ ڪمرا نهرايا ويا آهن جتي ڪنوار کي هار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سينگار ڪرائي شادي هال ۾ آندو ويندو هو. ڊاڪٽر بولچند پرسرام اها عمارت ان وقت 1932ع ۾ ٺهرائي. ان پنهنجي ان وقت جي سڀني پگهار 35 روپيا ٺهرائڻ جي لاءِ ڏني جيڪي اڄ جي 45 لکن برابر آهن.

ٿورو اڳتي هلندا ته بسنت هال آهي. فري لائبريري آهي. جي شاديون ٿيندڙيون هيون، شادي هال آهي. ان کي 26 فيبروري 1901ع تي ڪرنل آلڪٽ يا ڪرنل آڪلٽ تعمير ڪرايو هو. اها ڳالهه اتي رهندڙ مسٽر ڪملپش ڪمار ڪرپلاڻي ٻڌائي. اهو هال ڊاڪٽر اپني بيسنت ٿيا سافيڪل سوسائٽي طرفان ٺهرايو ويو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشرت علي خان

حيدرآباد ۾ پوليس کاتي جو قيام

حيدرآباد ۾ پوليس کاتي جو قيام 1861ع ۾ جي ڊي انور جي ڪمشنريءَ ۾ وجود ۾ آيو. ڪمشنر سنڌ مسٽر هيولاڪ 1867ع ۾ رسالدار يعني گھڙيسوارن جي انچارج صوبيدار، جمعدار، حوالدار، نائيڪ، سپاهي جي نالن کي بدلائي ڪپتان تائون انسپيڪٽر (ڪوتوال) انسپيڪٽر، چيف ڪانسٽيبل ۽ ڪانسٽيبل جو نالو ڏنو. حيدرآباد شهر جو سپ کان پهريون ٽاڪو پڙ فقير يعني ستي ٽاڪو جيڪو 1901ع ۾ قائم ڪيو ويو. ڪينٽ اسٽيشن 1925ع ۾ مارڪيٽ ٽاڪو 1928ع ۾ لطيف آباد ٽاڪو اسٽيشن 1953ع ۾ قائم ڪيو ويو.

1906ع ۾ پوليس جي آفيس قائم ڪئي وئي. هن وقت شهر ۾ 20 ٽاڪا ۽ 20 پوليس چوڪيون آهن. 1906ع کان 1908ع تائين ڊي جي ڪپتان جي ڊي انور هو. خان بهادر حسين محمود شاهه پهريون مسلمان ڪپتان مقرر ٿيو هو.

سينٽرل جيل حيدرآباد 1949ع ۾ جڏهن ته ننڍي جيل نارا جيل 1851ع ۾ قائم ڪئي ويئي. سينٽرل جيل جو پهريون سپرنٽنڈنٽ آر جي ٽپو 1 ڊسمبر 1953ع ۾ مقرر ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد جي ريلوي استيشن

حيدرآباد ريلوي جنڪشن جو افتتاح 25 مئي 1900ع ۾ ٿيو. پيڙهه جو پٿر رکڻ بعد عمارت جو افتتاح 1908ع ۾ ٿيو. اولهه کان ڪراچي جي ريلوي اوير کان لاهور، پشاور ۽ ڏکڻ ۾ ميرپورخاص کوکراپار، جڏهن ته اتر ۾ ڪوٽڙي کان ڪوئيٽا تائين ريلوي لائينون وڃن ٿيون. استيشن پرسان گڏس ناڪو آهي. جتي گڏس ٺرکن جو ناڪو هوندو هو. هاڻي اتي اخبار مارڪيٽ آهي. ٽورو اڳتي هلي الهداد چنڊ پاڙو، جاني شاهه پارو، شيزان هوٽل، فردوس هوٽل ۽ مکي باغ آهي ان کان علاوه پڪي قلعي جي چاڙهي مٿي چڙهندا ته طاهر بازار اچي ٿي. پڪو قلعي جو مکيه گيٽ پرسان ۾ روڊ نڪرن ٿا هڪ سخي عبدالوهاب شاهه جيلاني جي درگاهه مولا عليءَ جا قدم ۽ ٻئي طرف هوم استيڊ هال، مکي هائوس آهي. مکي هائوس جا ديوان مکي طرفان ناهيل هئي جيڪو حيدرآباد شهر جي هندن جو مکيه هو، جنهن ۾ بهترين رهڻ جي لاءِ جاءِ ٺهرائي آهي جنهن ۾ هاڻي ميوزيم ناهيو پيو وڃي. ديوان مکي، مکي باغ ۾ هندو پنچائت جا فيصلا ڪندو هو. يوگيتا مکي مس ورلڊ سندس پوٽي هئي.

ان کان علاوه جاني شاهه جي مزار پرسان مصري شاهه، ٽنڊو طيب، ٽنڊو آغا حسين، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو جام، ميانڻي جي جنگ لڳي.

مکي گوبندرام 1898ع ۾ پريتم داس جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ حيدرآباد ميونسپل ڪاميٽي جا ميمبر ۽ هندو فنڊ جا ڊائريڪٽر، هندو سڀا جا صدر رهيا. سندّ اسيمبلي جي قانون ساز ڪاميٽي جا ميمبر ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وزير آبپاشي پڻ رهيا. 1945ع ۾ ٻيهر وزير مقرر ٿيا. ڪيس صحت ۽ صنعت وارو ڪاتو ڏنو ويو.

هن مڪي هائوس جي اڏاوت ڪرائي. سندس نياڻي مس يونيورس يوگيتا مڪي آهي. مڪي بلڊنگ 1920ع ۾ ٺهرائي ويئي. ان عمارت ۾ ڪنهن وقت پارت جو قونصل خانو هوندو هو بعد ۾ ان کي سيٽلمينٽ سروي جي آفيس، ڪجهه عرصو ان عمارت ۾ رينجرس کي 1988ع کان 2000ع تائين ترسايو ويو هو. ضلعي حڪومت اچڻ بعد خديجه گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول ان ۾ منتقل ڪيو ويو. هن وقت ان کي عجائب گهر ۾ ضلعي حڪومت تبديل ڪري رهي آهي.

پوڪياني بلڊنگ، تلڪ چاڑهي تي واقع آهي. 1918ع ۾ ٺاهي ويئي هئي. هن وقت ان کي خيال چند محل چيو وڃي ٿو.

جهمٽ مل ڪميٽ راءِ بلڊنگ قلعي چوڪ جي اولهه ۾ واقع آهي.

تولا رام بلڊنگ ليڊي ڊفرن اسپتال آڏو آهي. استيشن روڊ تي واقع آهي. جتي هن وقت جماعت اسلامي جي آفيس آهي.

ڏرمداس بلڊنگ، ٽريننگ ڪاليج فار ويمين واري گهٽيءَ ۾ تلڪ چاڑهي تي واقع آهي.

وسرام مولچند ديانواس ۽ ماڙ عمارت ۽ن قبرن نهال شاهه جي پڙ ۾ واقع آهي. جنهن ۾ يتيم خانه معنيه سعيديه قائم ڪيو ويو آهي.

مولچند محل، چوٽير مل ڏنڏومل جي ملڪيت ڪنياتي گهٽي پتاشه گهٽي ۾ واقع آهي. ان جي مالڪ کي ڏاڙيلن قتل ڪري ڇڏيو هو.

مظهر محل، راحت سئنيما واري روڊ تي ڪوڏو جهمدار جيڪو مير غلام علي ٽالپر جي ملڪيت هو، واقع آهي.

روپ محل: هير آباد ۾ ٽڪنڊي پارڪ وٽ 1942ع ۾ تعمير ڪيو ويو. ان کي روپ چند تعمير ڪرايو هو.

چوٽيرمل هندامل فقير جي پڙ ۾ 1918ع ۾ تعمير ڪرائي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شري رام بلڊنگ 1923ع ۾ لجپت روڊ سبزي گهٽي جي ڪنڊ تي واقع آهي.

پائي عالم چند هيمن داس بلڊنگ، ڳاڙهي سرن سان نهيل عمارت 1916ع ۾ حسين آباد ۾ گدو بازار کان ڪوٽڙي ويندڙ رستي تي قائم آهي.

پيرومل خانومل جي عمارت ڪورٽ روڊ تي فردوس سئنيما آڏو 1932ع ۾ تعمير ڪئي ويئي.

ٽائومل جو ويڙهو: 1935ع ۾ قائم ڪئي وئي، جيڪا بلڊنگ بابلاڻي گهٽي ۾ واقع آهي. (ڪتاب "حيدرآباد جي تاريخ" تان ورتل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضلعي حڪومت حيدرآباد

ضلع ڪائونسل حيدرآباد 1884ع ۾ قائم ٿي. سر غلام حسين هدايت الله لوڪل بورڊ جو پهريون نائب صدر جڏهن ته صدر ڪليڪٽر حيدرآباد هو. 1932ع ۾ سيد ميران محمد شاهه مير غلام علي ٽالپر، محمد علي شاهه جاموٽ 1979ع ۾ پير خالد خان سرهندي چيئرمين هو.

ضلعي حڪومت حيدرآباد طرفان، لطيف آباد نمبر پوٽا 7 جي ريلوي ڦاٽڪ ۽ شهر سان ملائڻ جي لاءِ فلائي اوور، نيشنل هاءِ وي واڌو واهه ۽ ٽڏي سڙڪ حيدرآباد شهباز بلڊنگ وٽ فلائي اوورن جي اڏاوت ان کان سواءِ پنجاري ۽ اڪرم واهه تي 5 پلن جي اڏاوت.

ٽراما سينٽر بين اسپتالن جي اڏاوت ۽ واڌارو ڪيو ويو.

210 مڊل اسڪولن کي انگريزي اسڪولن ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ اسڪولن جي توسيع ۽ مرمت ڪرائي ويئي.

ان کان علاوه پارڪ قائم ڪرڻ کان علاوه راندين جا ميدان ناهيا ويا آهن.

عباسي پائي پارڪ ۽ راڻي باغ جي بيهر اڏاوت تي 15 ڪروڙ روپيا خرچ ڪيا ويا آهن.

سائيٽ ايريا ۾ 300 ايڪڙن تي ٻڌل صنعتي زون ناهيو ويو آهي.

حيدرآباد شهر جي وڌن ننڍن رستن کي بيهر ناهيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تفريح گاهون

مارڪيٽ ٽاور پرسان الائيٽ سئنيما هوندي هئي، جيڪا هاڻي بند ٿي ويئي آهي. ڪاهي روڊ تي شهاب سئنيما آهي، جيڪا موجود آهي. نشاط سئنيما ۽ ڪئپيٽل سئنيما چوڙي مارڪيٽ نزد ميمڻ اسپتال وٽ موجود هئي. هاڻي ختم ٿي وئي آهي.

اوڊين سئنيما ۽ شاليمار سئنيما اسٽيشن جي پرسان واقع هيون، هاڻي ختم ٿي ويون آهن. جڏهن ته شمس سئنيما اسٽيشن روڊ تي موجود هئي هاڻي ختم ٿي وئي آهي. وينس سئنيما جيڪا ضلعي ڪائونسل بلڊنگ لڳ واقع آهي ختم ٿي ويئي آهي. اتي هوٽل پلازه ٺاهيو ويو. هل ٽاپ پڙ جيمخانه ڪلب پرسان واقع هئي. ختم ٿي وئي آهي. بمبينو سئنيما ٽڏي سڙڪ تي نيشنل بينڪ پرسان موجود آهي.

ڪيپري سئنيما، سينٽرل جيل پرسان هئي، اها ختم ٿي ويئي آهي. راحت سئنيما لجپت روڊ تي هئي هاڻي اتي شاپنگ سينٽر قائم ٿي ويو آهي. جڏهن ته نيو مئجسٽڪ سئنيما ڪئنٽونمينٽ جي جاءِ تي پلازه تيار ٿي رهيو آهي. جڏهن ته نور محل ڪليلي لڳ ختم ٿي وئي آهي جڏهن ته قيصر سئنيما ٽاڻي پرسان موجود آهي.

ڪوهنور سئنيما ريشم گهٽي پرسان موجود هئي، اتي شاپنگ سينٽر قائم ٿي ويو آهي. چراغ محل سئنيما ۽ شاهين سئنيما ختم ڪري لطيف آباد نمبر 8 ۾ چراغ شاپنگ سينٽر ۽ شاهين ڪامپليڪس ٺاهيو ويو آهي. جڏهن ته سنگيت سئنيما پڙ ختم ڪري عمارت ٺاهي ويئي آهي. جڏهن ته شادمان سئنيما لطيف آباد نمبر 6 ۾ شادمان شادي هال ٺاهيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد جا تعليمي ادارا

نيا وديالا اسڪول جيڪو راءِ بهادر پريوداس 1897ع ۾ تعمير ڪرائي 1900ع ۾ هن کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو. هاسٽل پڻ تعمير ڪئي وئي. هن عمارت ۾ پهرين سنڌ يونيورسٽي قائم ڪئي ويئي. ان جي نئين ڪئمپس جامشورو منتقل ٿيڻ بعد هتي ڊاڪٽر اين اي بلوچ ماڊل اسڪول ۽ ڪاليج جو بنياد رکيو ويو آهي. سنڌ يونيورسٽي پريس جامشورو منتقل ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه هتي ايڊيوڪيشن فيڪلٽي قائم ڪئي ويئي آهي. هن کي ايلسا قاضي ڪئيمپس اولڊ ڪئيمپس حيدرآباد جو نالو ڏنو ويو آهي.

چرچ مشن سوسائٽي طرفان 1862ع ۾ سينٽ بوناوينچر چوڪرن ۽ سينٽ ميري هاءِ اسڪول چوڪرين لاءِ کوليو ويو. نول راءِ ۽ تاراچند اين ٽي هوپ فل هاءِ اسڪول استيشن روڊ تي 1866ع ۾ قائم ڪيو ويو. جيڪو غريب شاگردن جي لاءِ قائم ڪيو ويو هو.

28 آڪٽوبر 1888ع ۾ قائم ڪيل نول راءِ هيرانند ميموريل اڪيڊمي طرفان 1901ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول سوسائٽي فوجداري روڊ حيدرآباد ۾ گول بلڊنگ آڏو تعمير ڪيو ويو.

الفاروق هاءِ اسڪول مرحوم سائين محمد نواز اعوان ريشم گهٽي ۽ ڪاهي روڊ تي قائم ڪيو هو.

خالد ميموريل بوائز اينڊ گرلز اسڪول تلڪ چاڙهي پرسان رسالا روڊ تي ڊاڪٽر اسماعيل نامي جي پٽ خالد جي نالي تي قائم ڪيو ويو.

شوقي رام چانڊومل اسڪول چوٽڪي گهٽيءَ ۾ 1885ع ۾ لوڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اثارتيءَ طرفان قائم ڪيو ويو.

1925ع ۾ ورنيڪيولر امتحان ورتو ويندو هو. پاڪستان ٺهڻ بعد لياقت علي خان پرائمري اسڪول ۽ خاتون نسوان اسڪول قائم ڪيو ويو.

اين بي ڪونسل طرفان فيميل فارمل اسڪول 1873ع ۾ قائم ڪيو ويو.

1869ع ۾ ساڌو ٽانورداس ليلارام واسواڻي ميران هاءِ اسڪول هيرآباد ۾ قائم ڪيو جنهن کي گورنمينٽ گرلس پائليٽ اسڪول، پاڪستان ٺهڻ بعد نالو ڏنو ويو.

رئيس جڙيل اسڪول ڪمانگرن جي وستي ميمڻ اسپتال پرسان 1931ع ۾ قائم ڪيو ويو جيڪو پاڪستان ٺهڻ بعد پيرآپور ڪنيارن جي پاڙي ۾ منتقل ڪيو ويو.

جسٽس فيروز نانا 1942ع ۾ گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول فيروز نانا هيرآباد جي حيدرآباد ۾ قائم ڪيو. اهو اسڪول جانورن جي اسپتال پرسان واقع آهي. نانا اسڪول جي بلڊنگ ۾ ڊسٽرڪٽ آفيسر ايڊيوڪيشن سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري حيدرآباد جي آفيس واقع آهي.

ٽيچر ٽريننگ ڪاليج فار مين ۾ 1854ع ۾ عربي ۾ قائم ڪيو ويو. ٽيچرز ٽريننگ ڪاليج فار ويمين 1891ع تلڪ چاڙهي تي قائم ڪيو ويو. اهو ديوان نول راءِ شوقي رام ٺهرايو.

زبيده گرلز ڪاليج 1953ع ۾ تعمير ٿيو ۽ 1955ع ۾ شروع ڪيو ويو.

حمايت الاسلام هاءِ اسڪول چوڪرن ۽ چوڪرين جي لاءِ خان بهادر سردار محمد بخش شيخ 1954ع ۾ قائم ڪيو.

(تاريخ حيدرآباد ڪتاب تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نور محمد هاءِ اسڪول جو قيام

نور محمد هاءِ اسڪول 1888ع ۾ برطانيہ جي حڪومت انگلش ميڊيم اسڪول قائم ڪيو. مسٽر نور محمد لاکير اهو اسڪول 1924ع ۾ برطانيہ حڪومت کان ونڊي حيدرآباد هاءِ اسڪول جي نالي سان قائم ڪيو. بلڊنگ جي گرائونڈ ۽ پهرين ماڙ تي جيڪو 16 ڪلاس رومن تي ٻڌل هو جنهن ۾ 6 هال ۽ هڪ آڊيٽوريم، هڪ لائبريري هال ۽ ٻہ سائنس هال لئبارٽريون، هڪ ڊرائنگ هال، ٻہ ڪمپيوٽر لئبارٽريون موجود آهن. جيڪي 1933ع ۾ قائم ڪيا ويا. ان کان پوءِ نئين اسڪول بلڊنگ ٺهرائي ويئي، جنهن ۾ 32 کان 53 ڪلاس روم قائم ڪيا ويا. نور محمد لاکير جي وفات کان پوءِ ان اسڪول جو نالو نور محمد هاءِ اسڪول رکيو ويو. نور محمد هاءِ اسڪول ۽ مسلم سائنس ڪاليج ۽ انهن جي هاسٽلن جا معاملا مسلم ايڊيوڪيشنل سوسائٽي حيدرآباد جي حوالي ڪيا ويا. جنهن ۾ نواب اڳواڻ الهہ بخش نظاماڻي ۽ ٻيا شامل آهن. جنهن ۾ قاضي اڪبر پڻ چيئرمين رهي چڪا آهن. 1972ع ۾ ان وقت جي عوامي حڪومت آڪٽوبر ۾ سمورن تعليمي ادارن کي قومي ملڪيت ۾ ورتو. جنهن ۾ نور محمد هاءِ اسڪول، مسلم سائنس ڪاليج ۽ هاسٽلون قومي تحويل ۾ ورتا ويا.

هن وقت 94 کان 114 استاد هن اسڪول ۾ ڪم ڪري رهيا آهن پي سي ون هيٺ 28818 هن اسڪول جي لاءِ ترقياتي ڪمن لاءِ منظوري لاءِ سرڪار وٽ ويل آهي. بلاول مسلم هاسٽل 14255 گزن تي قائم آهي. جنهن ۾ 1986ع کان رينجرس جي رهائش آهي. جنهن ۾ 57 ڪمرا، شاگردن جي لاءِ، پرنسپال ۽ ان جي آفيس، استاف لاءِ رهائش گاهون قائم آهن. ٻہ جنرل هال، 7 ڪامن روم، ٻہ باورچي خانا، هڪ مسجد ۽ 18 باترومس آهن. مسٽر نور محمد لاکير ۽ سندس اهليہ جا مزار پڻ هاسٽل ۾ قائم آهن.

سيٺ حاجي عبدالله هارون سائنس هال هاءِ اسڪول جي مين گيٽ ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ بلڪل آمهون سامهون آهي. هڪ طرف حاجي خان بهادر الهداد خان تالپر جي نالي سان ڪلاس روم آهي. ان سان لڳولڳ ميرحاجي حسين بخش تالپر آرٽ روم قائم آهي.

خان بهادر نور نبي خان، خان بهادر عظيم خان، رئيس غلام رسول پرڳڙي ۽ رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي اي اينڊ ڪيو پرڳڙي لائبريري قائم آهي. جنهن ۾ جاگرافي، اردو سنڌي، ادب، ناول، حڪومتي ڪتاب، گرامر، ڪمپوزنگ، عربڪ، تعليم، تاريخ ۽ ٻين مضمونن بابت 17 (ڪبارڊ) الماريون ڪتابن سان ستيل آهن. تازو نور محمد هاءِ اسڪول جي مرمت ٿي آهي.

نور محمد هاءِ اسڪول جا هيڊ ماستر

20 جون 1934ع کان 2016ع تائين:

1. ڊبليو زيد احمد 20 جون 1934ع کان 06 مئي 1939ع تائين
2. فضل محمد پنهل 07 مئي 1939ع کان 14 جولائي 1939ع تائين
3. غلام محمد شاهواڻي 15 جولائي 1939ع کان 14 مئي 1948ع تائين
4. ڪي اي آئر 14 مئي 1948ع کان 19 سيپٽمبر 1949ع تائين
5. بي اي جعفري 20 سيپٽمبر 1949ع کان 1966ع تائين

(بي اي آنرز، ايم اي، پي ايچ ڊي)

6. غلام حسين بالادي 1966ع کان 26 جنوري 1980ع تائين

(آڪٽوبر 1972ع ۾ حڪومت طرفان تعليمي ادارا قومي تحويل ۾ ورتا ويا)

7. قاضي غياث الدين 27 جنوري 1980ع کان 04 آڪٽوبر 1989ع تائين
8. نظر محمد عباسي 05 آڪٽوبر 1989ع کان 07 آگسٽ 1996ع تائين
9. محمد عثمان ٽڪو 13 آگسٽ 1996ع کان 02 آڪٽوبر 1997ع تائين
10. فريد احمد ميمڻ 03 آڪٽوبر 1997ع کان 06 مارچ 1998ع تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

11. منظور علي عيساڻي 07 مارچ 1998ع کان 08 مئي 1998ع تائين
12. فريد احمد ميمڻ 10 مارچ 1999ع کان 11 نومبر 2003ع تائين
13. آپا رحمت قاضي 10 مارچ 1999ع کان 21 جولائي 2004ع تائين
14. ايم ايم الياس انجم 22 جولائي 2004ع کان 18 آگسٽ 2004ع تائين
15. آپا صغرا شيخ 18 آگسٽ 2004ع کان 16 فيبروري 2005ع تائين
16. نادر حسين سومرو 18 اپريل 2005ع کان 16 فيبروري 2005ع تائين
17. مسز سعيده قاضي 15 نومبر 2006ع کان 21 نومبر 2006ع تائين
18. عطا محمد بوزدار 22 نومبر 2006ع کان

هن وقت 2016ع ۾ آپا وحيده سومرو هيڊ مستريس آهي.

نور محمد هاءِ اسڪول جا 22 دوڪان آهن، جڏهن ته اسڪول ۾ وڌيڪ ڪلاس روم تعمير ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ خان بهادر مير حاجي الهداد خان ٽالپر ۽ سيٺ حاجي عبدالله هارون جي نالي سان سائنس هال قائم ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه دارالفنون ڊرائنگ هال، حاجي حسين بخش خان ٽالپر جي نالي تي قائم ڪيا ويا آهن. جڏهن ته مسلم هاسٽل ان جو نالو مخدوم بلاول هاسٽل رکيو ويو آهي.

مخدوم بلاول هاسٽل جا 57 ڪمرا آهن، جڏهن ته پرنسپال جي رهائشگاهه علاوه 2 عدد هال، 2 بوريچيخانا ۽ 2 سپرنٽنڈنٽ هاسٽل جون 2 آفيسون، 7 عدد سنڊن رهائش جي لاءِ ڪمرا، هڪ عدد مسجد ۽ ليٽرين آهن. هن وقت رينجرس جا سپاهي اتي رهائش رکن ٿا.

هن اسڪول ۾ سنڌ جو وڏو وزير ۽ سابق نگران وزير اعظم غلام مصطفيٰ جتوئي، جسٽس عبدالقادر هالييپوٽو سيد قمرالزمان شاهه، وي سي مظهرالحق صديقي، مظهر بلوچ مرحوم، مرحوم پروفيسر عبدالرحيم ڏيٽو ۽ ٻيا هاسٽل ۾ شاگرد جي حيثيت ۾ رهي چڪا آهن.

اسلاميہ ماڊرن هاءِ اسڪول

اسلاميہ ماڊرن هاءِ اسڪول جي عمارت 1930ع ڏاري ديوان خان چند لالواڻي اسڪول قائم ڪيو.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ خانگي شعبي ۾ اسڪول هلندو رهيو ون يونٽ قائم ٿيڻ کان پوءِ مخدوم غلام احمد ايم اي بي ايڊ 1955ع کان هيڊ ماسٽر مقرر ٿيو. جيڪو 1972ع تائين اتي موجود رهيو. 1960ع ڏاري اتي اورينٽل ڪاليج قائم ڪيو ويو. جنهن ۾ اديب عالم فاضل جا شاگرد تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ امتحان ڏيندا هئا. 1956ع کان 62_1961ع تائين جا آثار ملن ٿا. جنهن جو پرنسپال مخدوم امير احمد سابق سيڪريٽري شفيق الرحمان پراچا ان ڪاليج جو شاگرد رهي چڪو آهي. جيڪو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ اناؤنسر پڻ هو.

اسلاميہ ماڊرن هاءِ اسڪول جا ٻيا هيڊ ماسٽر صاحبان الطاف احمد صديقي، ايم اي، بي ايڊ، احمد علي چانگ ايم اي، بي ايڊ، حمايت علي خان قائمخاني، ايم اي، بي ايڊ ۽ عبدالستار ٻگهيو 6_8_1999ع کان 29_9_1999ع.

محمد صديق شاهاڻي 30 سيپٽمبر 1999ع کان 21 فيبروري 2001ع تائين رهيا. عبدالستار ٻگهيو صاحب 22 فيبروري 2001ع نسيم اقبال قاضي، عبدالستار ٻگهيو امير علي مرزا 26 آڪٽوبر 2004ع کان 14 جولائي 2007ع تائين، عبدالقيوم انچارج هيڊ ماسٽر اي اي بي ايڊ 14 جولائي 2007ع کان 31 جولائي 2007ع تائين. محمد سعود خان زئي زيم اي اردو، بي ايس سي، بي ايڊ، ايم اي اسلامڪ ڪلچر، ڊي اي، ايل ايل بي.

علامہ اقبال هاءِ اسڪول

لطيف آباد نمبر 02، لطيف آباد نمبر 06

۽ لطيف آباد نمبر 09، حيدرآباد

علامہ اقبال هاءِ اسڪول لطيف آباد نمبر 09، حيدرآباد 1966ع ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسلامڪ ورشناس ايڊيوڪيشن سوسائٽي طرفان قائم ڪيو ويو. ان سوسائٽي غزالي ڪاليج، لطيف آباد نمبر 09 ۾ پڻ قائم ڪيو ويو هو. جيڪو ساڳئي بلڊنگ ۾ شام جي وقت هلندو هو. 1968ع ۾ اها عمارت ايل ايم نقوي کان مسواڙ تي ونڊي اسڪول ۽ ڪاليج هلايو ويو. آڪٽوبر 1972ع ۾ ان وقت جي عوامي حڪومت اسڪول ۽ ڪاليج ڪومي تحويل ۾ ورتو. جڏهن ته لطيف آباد نمبر 06 ۾ قائم ڪيل علامہ اقبال مڊل اسڪول کي اپ گريڊ ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو آهي.

جڏهن ته علامہ اقبال هاءِ اسڪول لطيف آباد نمبر 02 ۾ پڻ قائم آهي. واپڊا آفيس طرفان علامہ اقبال سب ڊويزن قائم آهي. ڊفينس ۾ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي جي ريجنل آفيس پڻ قائم آهي. علامہ اقبال هاءِ اسڪول لطيف آباد نمبر 09 جو هن وقت هيڊ ماسٽر عبدالمجيد آفريدي صاحب آهي ۽ فرسٽ اسسٹنٽ قمرالدين عثماني آهي.

پبلڪ اسڪول لطيف آباد

پبلڪ اسڪول لطيف آباد حيدرآباد 1960ع ڌاري نيشنل ايڊيوڪيشن ڪميشن جي سفارش تي قائم ڪيو ويو. جولائي 1961ع ۾ ان وقت جي ڪمشنر حيدرآباد نياز احمد ان جو بنياد رکيو. پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ جونيئر سيڪشن ۾ نرسري کان پنجين ڪلاس تائين تعليم ڏني وڃي ٿي. جتي هڪ هزار ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

ان کان علاوه سينيئر بوائز سينيئر گرلز سيڪشن پڻ آهي، جتي 6 ڪلاس کان ونڊي مئٽرڪ تائين. هائير سيڪشن ۾ فرسٽ ايئر ۽ انٽرميڊيٽ جا شاگرد تعليم حاصل ڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وقت ڪاليج جو پرنسپال عباس رضا عباسي آهي. جڏهن ته مسز فاطمہ اختر سينيئر سيڪشن جي پرنسپال آهي. جڏهن ته هائير سيڪشن جو وائيس پرنسپال اطهر آصف آهي.

گرلز سيڪشن جي وائيس پرنسپال فوزيا صديقي آهي. جڏهن ته جونيئر سيڪشن جي هيد مسٽريس مس روبينا پانڌياڻي آهي.

جڏهن ته شاگردن جي رهڻ جي لاءِ غزالي هائوس، ثناء هائوس، رومي هائوس، ٽيپو هائوس ۽ عائشہ هائوس نالن سان هاسٽلون آهن.

پبلڪ اسڪول ۾ سوئمنگ پول، نياڻين جي لاءِ ڪينٽين، ڊسپينسري، نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ هڪ مسجد پڻ آهي. اسڪول ۾ سائنس ليبارٽري ۽ لائبريري پڻ موجود آهي. تازو بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن حيدرآباد 2008ع جي امتحان ۾ بهتر ڪارڪردگيءَ تي ايوارڊ ڏنو ويو.

جاپان جي ٽي وي چينل طرفان ٻارن جي تصويرن جي نمائش تي پبلڪ اسڪول جي ٻارن کي ڪيترائي سونا ۽ چاندي جا ٻلا انعام ۾ ڏنا ويا آهن.

پبلڪ اسڪول جا ٻار مختلف راندين ۾ حصو پڻ وٺندا رهندا آهن. ان کان علاوه اسڪول ۾ راندين جو ميدان آهي جتي شاگرد ڪرڪيٽ راند ڪندا آهن. ان کان سواءِ اسڪول ۾ چڙيا گهر پڻ قائم ڪيو ويو آهي.

اسڪول ۾ پي ٽي کان علاوه چوڪرن ۽ چوڪرين جي پيئڊ پڻ آهي.

مدرستہ البنات هاءِ اسڪول

مدستہ البنات هاءِ اسڪول جي پيڙهہ جو پٽر مخدوم غلام حيدر صديقي ايم ايل سنڌ رکيو. ان موقعي تي سنڌ جو وزير تعليم جي ايم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد (سيد غلام مرتضيٰ شاهه) پڻ موجود هو. اهو پيڙهه جو پٿر 25 آگسٽ 1940ع بمطابق 20 رجب المرجب 1359 هجري تي مسلم ادبي سوسائٽي جي ساليانو جلسي جي موقعي تي رکيو ويو.

شمس العلماءِ عمر بن محمد دائودپوٽا خان بهادر محمد بخش شيخ ان وقت جي حيدرآباد جي ڪليڪٽر حاجي سائين بخش ٽالپر، ميران محمد شاهه ۽ ديوان بهادر ڪيمتياري آسومل ڪراچي. بيگم عبدالله هارون وڏو هال ٺهرايو. جڏهن ته مير الله بخش ٽالپر هنري ڪلاس ٺهرايا ۽ خانصاحب عبدالحق مرحوم سڪينه جي ياد ۾ هنري ڪلاس ٺهرايو. سيد نادر حسين شاهه هنري ڪلاس ۽ رئيس غلام محمد پرڳڙي پنهنجي مرحوم ڏيءَ غلام فاطمه جي نالي تي هنري ڪلاس قائم ڪرايو. هن وقت اهي نالا پيڙهه جو پٿر غائب ڪيا ويا آهن.

خديجه گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول حيدرآباد

خديجه گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول حيدرآباد پائي خان جي چاڙهي تي هڪ گهٽي ۾ 1965ع ڌاري هڪ خانگي گهر ۾ قائم ڪيو ويو. جيڪو 5 آڪٽوبر 2000 تائين مسواڙ جي هڪ رهائشگاهه ۾ قائم هو. جيڪا هڪ بيواهه جي ملڪيت هو. حافظ عبدالمطوب جي درخواست تي اهو اسڪول 6 آڪٽوبر 2000 تي مڪي هائوس جي عمارت ۾ 31 مارچ 2009ع 9 سال قائم رهيو. ضلع حڪومت طرفان مُڪي هائوس کي ميوزيم ۾ تبديل ڪرڻ سبب ضلع ناظم جي حڪم تي 1 اپريل 2009 تي قاضي محمد اڪبر بوائيز هاءِ اسڪول جي عمارت ۾ هن اسڪول کي شفٽ ڪيو ويو. گورنمينٽ نيشنلائيزڊ خديجه گرلز هاءِ اسڪول حيدرآباد جون هيٺيون هيڊ مسٽريس مقرر ڪيون ويون. اسڪول 10 آڪٽوبر 1972ع تي قومي تحويل ۾ ورتو ويو.

آپا مزمل جهان 1974ع کان 1979ع تائين.
آپا اختر اي تنيو 1979ع کان 1984ع تائين.
آپا نسيم صالح 2 آگسٽ 1996ع کان 11 نومبر 1998ع تائين.
آپا فرزانہ سرور 18 ڊسمبر 1998ع کان 13 جنوري 2005ع تائين.
ان کان پوءِ گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول کي اپ گريڊ ڪري هائير سيڪنڊري اسڪول قائم ڪيو ويو تہ پهرين پرنسپل آپا سويده خاتون 26 نومبر 2004 کان 9 جنوري 2011 تائين مقرر رهيون.
آپا شاهده قريشي 10 جنوري 2011 کان 2016 تائين هن وقت ڪم ڪري رهي آهي.

گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري

گورنمينٽ ڪاليج ڪليلي جو بنياد 1917ع ۾ رکيو ويو. سنڌ نيشنل ڪاليج نالو رکيو ويو. 1919ع ۾ ڪاليج جو بورڊ ناهيو ويو. 1920ع ۾ ان ڪاليج ۾ لائبريري جو قيام عمل ۾ آيو. 1934ع ۾ بمبئي جي گورنر لارڊ برابورن ڪاليج جو دورو ڪيو.
گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري جو اصل نالو ديارام گدومل نيشنل ڊي جي نيشنل ڪاليج ڊي جي اين ڪاليج هو. ان جو بنياد 1917ع ۾ رکيو ويو. جڏهن تہ 1945ع ۾ ان جي گولڊن جوبلي جي تقريب ملهائي ويئي. اهو ڪليلي جي ڪپ تي واقع آهي.
غلام نبي ميمڻ، وزير قانون پارلياماني معاملا، ويسٽ پاڪستان 18 اپريل 1965ع ڊائريڪٽوريٽ پيڙهہ جو پٽر رکيو. ڊائريڪٽوريٽ آف اسڪولس ايڊيوڪيشن حيدرآباد ريجن جيڪا جيڪب آباد کان وٽي حيدرآباد تائين پرائمري، مڊل، هائير ۽ هائير سيڪنڊري اسڪولن جي ڊائريڪٽوريٽ هئي، جنهن ۾ ڊائريڪٽر ڪاليجز

حيدرآباد ريجن جي آفيس واقع آهي. 2005ع ۾ ريجنل مئنيجر ڪاليجز حيدرآباد جي آفيس ٺاهي ويئي آهي. جيڪا هن وقت 7 ضلعن کي ڪنٽرول ڪري ٿي. جڏهن ته ريجنل ڊائريڪٽر پرائيويٽ انسٽيٽيوشن تازو قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جو ڊائريڪٽر قادر بخش رند آهي.

جڏهن ته ايگزيڪيٽوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر ايڊيوڪيشن حيدرآباد جي آفيس موجود آهي. جنهن جي اختيار هيٺ 2001ع کان 8 ڊسٽرڪٽ آفيسر ايڊيوڪيشن حيدرآباد ڪم ڪن ٿا. اسپورٽس، اڪيڊمڪ ۽ ٽريننگ، ايليمينٽري، سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري حيدرآباد.

مسلم هاءِ اسڪول

مسلم هاءِ اسڪول نزد ڪلاٽ مارڪيٽ حيدرآباد جو بنياد 1947ع ۾ پائي ڏرمداس گهنشام داس نانوني جي ياد ۾ ٺاهيو ويو. جنهن بعد ۾ 1951ع ۽ 1952ع کان سيپٽمبر 1972ع تائين خانگي شعبي ۾ هجڻ کان پوءِ پهرين آڪٽوبر 1972ع تي سرڪار طرفان پهريون هيڊ ماستر اميرالدين جوٽيجو مقرر ڪيو ويو. جنهن بعد علي احمد آخوند 11 آڪٽوبر 1972ع کان 29_10_1974ع تائين رهيو. جنهن بعد خان محمد مغل 30 آڪٽوبر 1974ع کان 18 ڊسمبر 1974ع تائين هيڊ ماستر رهيو.

سائين احمد شاهه بخاري 9 ڊسمبر 1974ع کان 14 جنوري 1985ع تائين، نيڪ محمد جوڪيو صاحب 15 جنوري 1985ع کان 12 اپريل 1986ع تائين رهيو. جنهن بعد ايم اي رشيد خان 13 اپريل 1986ع کان 30 جون 1987ع تائين هيڊ ماستر رهيو.

1 جولائي 1987ع کان 16 آگسٽ 1988ع تائين مقصود احمد شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

23 نومبر 1997ع کان 1 اپريل 1999ع ۽ 30 نومبر 2000ع تائين بشير احمد ميمڻ هيڊ ماستر رهيو. 30 نومبر 2000ع کان 7 نومبر 2003ع تائين امير علي مرزا. 7 نومبر 2003ع کان 30 مئي 2005ع تائين اشرف بن محمد ۽ 31 مئي 2005ع کان 16 جون 2008ع تائين ابراهيم راجپوت ۽ 13 جون 2008ع کان هن وقت تائين فياض خان هيڊ ماستر آهي.

گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي

گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي پراڻي وحدت ڪالوني حيدرآباد ۾رسان 1957ع ۾ ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ قائم ڪيو ويو. جنهن کي 1962ع ۾ پولي ٽيڪنيڪل ڪاليج جو درجو ڏنو ويو ۽ بي ٽيڪ پروگرام شروع ڪري ان انسٽيٽيوٽ کي اپ گريڊ ڪيو ويو. انجنيئر غلام محمد ميمڻ پرنسپال ۽ محترم تنيو صاحب وائس پرنسپال آهن.

1983ع ۾ ڊپلوما ايسوسيئيٽ انجنيئر بي ٽيڪ بيچلر آف ٽيڪنالاجي، بي ٽيڪ آنرز بچلر آف ٽيڪنالاجي، ڊپلوما ايسوسيئيٽ انجنيئر ٽن سالن جو پگورام شروع ڪيو ويو.

ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ 1988ع ۾ سيلف فنانس رڳا هيٺ پڙ شام جو سول ٽيڪنالاجي، اليڪٽرڪ ٽيڪنالاجي، مڪئنيڪل ٽيڪنالجي، اليڪٽرونڪس ٽيڪنالاجي ۽ ڊپلوما ان ڪمپيوٽر انفارميشن ٽيڪنالاجي ۾ شروع ڪيو ويو آهي. داخلا لاءِ ميٽرڪ سائنس ۽ مئٽرڪ ٽيڪنيڪل لاءِ ڊپلوما ايسوسيئيٽ انجنيئر جي لاءِ 45 سيڪڙو مارڪون هجڻ ضروري آهن.

86_1985ع ۾ حڪومت سنڌ مونو ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ مٽياري جو بنياد رکيو. جيڪو الهڏنو ساند روڊ تي نيشنل هاءِ وي کان هڪ ميل پري مٽياري ويجهو قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ ميٽرڪ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انٽر پري انجنيئرنگ جي شاگردن کي داخلا ڏني وڃي ٿي.

ڪاليج ۾ ڊپلوما آف ايسوسيئيٽ انجنئرنگ جو ڊپلوما ڪورس ڪرايو وڃي ٿو.

سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد

گورنمينٽ سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد 10 نومبر 1948ع تي اين ايڇ اڪيڈمي هاءِ اسڪول موجوده گورنمينٽ اسڪول سوسائٽي نمبر 1 حيدرآباد جي ان حصي ۾ قائم ڪيو ويو جتي صبح جي شفٽ ۾ محمدي انگلش ٽيچنگ اسڪول ڇوڪرين جو اسڪول هلندو هو. سنڌ لا ڪاليج سنڌ ايڊيوڪيشن سوسائٽي طرفان قائم ڪيو ويو.

هن ڪاليج ۾ اندرون سنڌ سان تعلق رکندڙ شاگرد قانون جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد شهر جي وچ ۾ واقع آهي. ڪاليج ۾ بي اي پاس شاگردن داخلا حاصل ڪري ٽي سال وڪا - جي تعليم حاصل ڪن ٿا. جڏهن ته 28 نومبر 1975ع تي بيگم نصرت پٽو ذوالفقار علي پٽو هاسٽل جي پيڙهه جو پر رکيو هو. جيڪو هن وقت غائب آهي ۽ پلازه ناهي وئي آهي.

ڪاليج جا شاگرد

جسٽس آغا عبدالرسول 1956ع کان 1957ع.

جسٽس محمد اسلم آرائين 1957ع کان 1958ع

جسٽس عبدالماجد خانزاده 1958ع کان 1959ع

جسٽس ناظم حسين صديقي، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان 1960ع کان 1961ع.

جسٽس حامد علي مرزا، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان 1960ع کان 1961ع چيف اليڪشن ڪمشنر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسٽس امان الله عباسي، سنڌ هاءِ ڪورٽ 1960ع کان 1961ع.

جسٽس ديدار حسين شاهه، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ جج سپريم ڪورٽ آف پاڪستان 1964ع کان 1965ع.

جسٽس مجيب الله صديقي 1964ع کان 1965.

جسٽس غلام رباني پروفيسر رهي چڪا آهن. سنڌ هاءِ ڪورٽ جا قائمقام چيف جسٽس ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جا جج آهن 1966ع کان 1967ع

جسٽس محمد اشرف لغاري (پروفيسر) 1966ع کان 1967ع

جسٽس شمس الدين هيسباڻي 1967ع کان 1968ع

جسٽس عزيز الله ايم ميمڻ 1969ع کان 1970ع.

جسٽس ياسمين عباسي 1969ع کان 1970ع.

جسٽس علي سائين ڏنو ميتلو 1971ع کان 1972ع.

جسٽس افتخار محمد چوڌري، چيف جسٽس بلوچستان هاءِ ڪورٽ، چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان 1972ع کان 1973ع

مسٽر جسٽس موسيٰ ڪي لغاري (پروفيسر) 1975ع کان 1976ع ۽ جسٽس محمد افضل سومرو 1975ع کان 1976ع تائين، هن ڪاليج جا شاگرد رهي چڪا آهن.

سنڌ لا ڪاليج جي لائبريري جو افتتاح 10 نومبر 1976ع تي ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد محمد هاشم ميمڻ ڪيو. ان وقت يونين جو صدر زين العابدين تنيو هو.

چيف جسٽس آف پاڪستان سپريم ڪورٽ آف پاڪستان اسلام آباد 28 جنوري 2006ع تي سنڌ لا ڪاليج جي ڪمپيوٽر ليب جو افتتاح ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد جا پرنسپال

ڪي بي سڪندر بيگ ايس مرزا 20 نومبر 1948ع کان 19 جولائي 1953ع
عبدالجليل عبدالجبار 20 جولائي 1953ع کان 4 سيپٽمبر 1965ع
اي بي آخوند 3 آڪٽوبر 1965ع کان 10 آڪٽوبر 1966ع
قنبر علي بيگ مرزا 7 نومبر 1966ع کان 30 جون 1972ع
احمد محمد قاضي 1 جولائي 1972ع کان 18 سيپٽمبر 1980ع
سيد غلام رسول شاهه 19 سيپٽمبر 1980ع کان 9 نومبر 1985ع
پريوداس ايم امر 10 نومبر 1985ع کان 6 اپريل 1995ع
ايم جميل اي جليل زبيدي 6 اپريل 1995ع کان 17 آڪٽوبر 1999ع
خواجه غلام حيدر 18 آڪٽوبر 1999ع کان 3 جولائي 2000ع
موجوده پرنسپال پروفيسر احمد علي شيخ 3 جولائي 2000ع کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن

پبلڪ سروس ڪميشن جو بنياد 1 اپريل 1937ع تي پيو. ان جو پهريون چيئرمين سر يوج جي ڪلنٽن 31 مارچ 1942ع تائين رهيو. جنهن بعد 1 اپريل 1942ع تي سر جي اي مدن مقرر ٿيو جيڪو 31 مارچ 1947ع تائين رهيو. جنهن بعد 1 اپريل 1947ع تي مسٽر واءِ اي گاڊيول جنهن کان پوءِ پهرين آگسٽ 1947ع تائين ڪم ڪيو.

جنهن کان پوءِ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ 1 آگسٽ 1947ع تي ڪي بي محمد دائم صديقي بحيثيت چيئرمين 11 نومبر 1948ع تائين ڪم ڪيو. ايڇ بي هنگورني 11 نومبر 1948ع کان 3 اڪتوبر 1955ع تائين چيئرمين طور ڪم ڪيو. جنهن بعد ويسٽ پاڪستان ٺهڻ بعد ويسٽ پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن لاهور منتقل ٿي. جتي 4 آڪٽوبر 1955ع کان 3 آڪٽوبر 1956ع تائين ايڇ بي هنگورنو ڪم ڪيو. جنهن بعد سنڌ بلوچستان پبلڪ سروس ڪميشن قائم ڪئي ويئي، جنهن جو چيئرمين جسٽس فيروز نانا 24 ڊسمبر 1970ع کان 20 اپريل 1972ع تائين چيئرمين مقرر ڪيا ويا. جنهن بعد جي ڊي ميمڻ کي چيئرمين 2 مئي 1972ع کان 5 جنوري 1973ع تائين مقرر ڪيو ويو.

ان وقت ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جي آفيس سول لائين ۾ الهه بخس مگسي (مرحوم) جي پراٽي بنگلي ۾ قائم ٿيل هئي. جتي ان وقت ميمبر مير محمد علي پڻ هوندو هو. مسٽر علي حسن ڪلهوڙو سينيئر اسٽينوگرافر هوندو هو جيڪو بعد ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو ڊپٽي سيڪريٽري طور رٽائرمينٽ ورتي. جڏهن ته محمد عثمان پنهور پڻ اتي اسٽينوگرافر هوندو هو جيڪو بعد ۾ ڊي سي او عمرڪوٽ ۾ ٿنو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي عهدي تي فائز رهيو.

جي ڊي ميمڻ 14 آگسٽ 1974ع کان 22 مارچ 1974ع تائين چيئرمين رهيو.

ٻپلڪ سروس ڪميشن جي نئين عمارت جيڪا ٽڏي سڙڪ حيدرآباد تي قائم ڪئي ويئي آهي. ان جي پيڙهه جو پٿر 20 مارچ 1974ع تي جي ڊي ميمڻ، ان وقت جي چيئرمين رکيو هو.

21 مئي 1974ع تي جي ايم شيخ چيئرمين مقرر ٿيو جيڪو 5 جنوري 1977ع تائين چيئرمين طور ڪم ڪندو رهيو.

6 آڪٽوبر 1977ع کان 26 جولائي 1978ع تائين جسٽس قادر نواز اعوان چيئرمين مقرر ڪيو ويو.

7 آگسٽ 1978ع تي امداد علي آغا چيئرمين مقرر ڪيو ويو جيڪو 6 آگسٽ 1984ع تائين رهيو. سندس ايام ڪاري ۾ سنڌ ٻپلڪ سروس ڪميشن جي نئين مرڪزي آفيس جو افتتاح 2 فيبروري 1981ع تي ڪيو ويو.

3 ڊسمبر 1989ع تي جسٽس رٽائرڊ مشتاق علي قاضي 31 ڊسمبر 1992ع تائين بحيثيت چيئرمين ڪم ڪيو. جنهن بعد محمد راول وريامائي 31 جولائي 1994ع تائين ڪم ڪيو. جنهن بعد 1 آگسٽ 1994ع کان انجنيئر منظور حسين قريشي (مرحوم) 15 مارچ 1996ع تائي چيئرمين رهيو.

13 جون 1996ع کان قاضي عبدالقادر 29 جنوري 1997ع تائين چيئرمين رهيو. جنهن بعد جسٽس رٽائرڊ عبدالقادر شيخ جيڪو بعد ۾ گورنر سنڌ به مقرر ٿيو. چيئرمين طور 1 فيبروري 1997ع کان 28 جنوري 1998ع تائين رهيو.

28 جنوري 1998ع کان 27 جنوري 2003ع تائين ايم ايم عثماني چيئرمين طور مقرر رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

28 مارچ 2003ع کان محمد حسن پٽو چيئرمين مقرر ٿيو جيڪو 27 مارچ 2008ع تائين چيئرمين رهيو. جنهن جي دور ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جا اضافي بلاڪس ٺهرائي نوان امتحان هال ٺهرايا ويا. جنهن بعد 28 مارچ 2008 کان محمد جاويد اشرف حسين سابق چيف سيڪريٽري سنڌ کي مقرر ڪيو ويو جنهن 26 مئي 2008ع تائين ڪم ڪيو. جنهن بعد مسٽر اين اي عباسي کي 27 مئي 2008ع کان چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي. ان بلڊنگ جون ٻه عمارتون آهن، جنهن ۾ سيڪريٽري سروس پبلڪ ڪميشن چيئرمين ۽ ميمبرن عنايت بلوچ ۽ ٻين ميمبرن جون آفيسون قائم آهن، جڏهن ته ڪنٽرولر سعيد شفيع محمد شاهه جي آفيس پڻ موجود آهي.

پبلڪ سروس ڪميشن جي برانچ آفيس ڪراچي کان علاوه سکر ۾ پڻ آهي. تازو لاڑڪاڻي ۾ برانچ آفيس قائم ڪئي وئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو 1992ع ۾ قائم ڪيو ويو. نئين عمارت نيشنل هاءِ وي لڳي سنڌ ميوزيم وٽ تعمير ڪئي ويئي آهي، جنهن جو افتتاح فيبروري 1996ع تي سنڌ جي وڏي وزير، سيد عبدالله شاهه (مرحوم) ڪيو. ان اڳارتي جو پهريون چيئرمين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ممتاز مرزا، امر جليل، عبدالحميد سنڌي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر محمد قاسم بگهيو، عبدالقادر جوٽيجو ۽ هن وقت ڊاڪٽر فهميده حسين چيئرپرسن طور مقرر آهي.

اڳارتي جا پبليڪيشن سيڪشن، انفارميشن ريسورس سينٽر، انسائيڪلوپيڊيا سيل، ڀارن جي ادب جو شعبو، آڊيو ويوئل سيڪشن، سنڌي انفارمئٽڪس، لائبريري، هال کان علاوه قليچ ڪتاب گهر ۽ ثقافتي ڊسپلي سينٽر پڻ قائم ڪيل آهي.

اردو ٻوليءَ جي واڌاري وارو ادارو

انجمن ترقيءَ اردو جو 1942ع ۾ حيدرآباد ۾ بنياد رکيو ويو. مولوي عبدالحق باباءِ اردو دهلي کان هتي اچي، ان انجمن جي آفيس جو افتتاح ڪيو هو.

ڊاڪٽر اسماعيل شيخ ان انجمن جو بنياد رکيو. سيد علي اڪبر شاهه جامعه عربيه وارو مولانا حامد علي ندوي ساڻس مددگار هئا. سنڌي اردو مشاعرا حيدرآباد کوڻايا ويندا هئا. پاڪستان ٺهڻ بعد اڪبر چيمبرس صدر ۾ تعمير ٿي. هن وقت هيرآباد ۾ انجمن جي آفيس شاهه عبداللطيف يٽائي گرلز اسڪول پرسان منتقل ٿي وئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائريڪٽوريٽ جنرل هيلٿ سروسز سنڌ حيدرآباد

ڊائريڪٽوريٽ جنرل هيلٿ سروسز سنڌ حيدرآباد جي آفيس شهباز بلڊنگ ۾ واقع هئي. نئين بلڊنگ ٺهڻ بعد 90_1989ع ۾ پراڻي وحدت ڪالونيِ ۾ منتقل ٿي آهي. ڊاڪٽر سجڻ ميمڻ ۽ ڊاڪٽر هادي بخش جتوئي ڊائريڪٽر جنرل رهي چڪا آهن.

ان آفيس جون ذيلي آفيسون آهن، ڊائريڪٽر پبلڪ هيلٿ، ڊائريڪٽوريٽ مليريا پروگرام، ڊائريڪٽوريٽ ٽي بي ڪنٽرول حيدرآباد، Save the Children USA Program، ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر هيلٿ حيدرآباد، سروس اسپتال حيدرآباد، ون يونٽ ٺهڻ بعد ون يونٽ بلڊنگ ۾ هڪ ڊسپينسري قائم ڪئي ويئي، بعد ۾ 62_1961ع ڌاري موجوده ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر هيلٿ آفيس جي پرسان نئين دشپينسري قائم ڪئي ويئي، جيڪا اڄتي هلي بيسڪ هيلٿ سينٽر موجوده ملٽي پرپز اسڪول پراڻي وحدت ڪالوني، جيڪو سوشل ويلفيئر ڪاتي طرفان هلايو پيو وڃي، ۾ قائم ڪيو ويو. جنهن کي 1970ع ڌاري اپ گريڊ ڪري موجوده سروسز اسپتال جي بلڊنگ ۾ منتقل ڪيو ويو آهي.

1976ع ڌاري ليڊيز روم روٽري ڪلب حيدرآباد طرفان ٺهرائي ڏنو ويو. سروس اسپتال جا سول سرجن 1970ع کان اڳ سول اسپتال حيدرآباد ۾ ويهندا هئا.

سروسز اسپتال کان سواءِ سر سي جي مينٽل اسپتال حيدرآباد 496 بسترن تي ٻڌل اسپتال قائم آهي. جڏهن ته لطيف آباد نمبر 4 ۾ پبلڪ هيلٿ اسڪول قائم آهي. يتائي اسپتال لطيف آباد نمبر 4 ۾ 158

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسترن تي ٻڌل اسپتال قائم آهي. لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال 1250 بسترن تي ٻڌل آهي.

ڪائونٽ ليڊي ڊفرنس اسپتال ۾ 50 بسترن تي ٻڌل اسٽيشن روڊ تي قائم آهي. جڏهن ته پريٽ آباد جي اسپتال جي لاءِ 85 بسترا ۽ پريٽ آباد قليلي ۾ 50 ۽ قاسم آباد ۾ قائم ڪيل نئين اسپتال ۾ 50 ايم آئي قاضي جا، شورو بيسڪ هيلٿ سينٽر ۾ ٻن بسترن جي سهولت حاصل آهي.

پهرين اپريل 1970ع کان سروس اسپتال جي نئين تعمير ٿيل عمارت ۾ سول سرجن ويهڻ لڳا.

سروسز اسپتال حيدرآباد جا سول سرجن

1. ڊاڪٽر ڪئپٽن ايس ايس زوها، 1 اپريل 1970ع کان 16 مئي 1974ع
2. ڊاڪٽر خير محمد شيخ، 17 مئي 1974ع کان 2 آڪٽوبر 1974ع تائين.
3. ڊاڪٽر مجتبيٰ اي جوٽيجو 3 آڪٽوبر 1974ع کان 22 جنوري 1980ع تائين
4. ڊاڪٽر نبي بخش قاضي 23 جنوري 1980ع کان 24 جون 1980ع تائين
5. ڊاڪٽر شائق علي جعفري 25 جون 1980ع کان 18 سيپٽمبر 1980ع تائين
6. ڊاڪٽر عطا محمد ميمڻ 19 سيپٽمبر 1980ع کان 25 مئي 1984ع تائين.
7. ڊاڪٽر عبدالصمد ميمڻ 24 مئي 1980ع کان 19 سيپٽمبر 1987ع تائين
8. ڊاڪٽر ڪئپٽن عارف خان 19 سيپٽمبر 1987 تائين 11 جون 1988ع تائين
9. ڊاڪٽر عبدالصمد 12 جون 1988ع کان 16 آگسٽ 1989ع تائين
10. ڊاڪٽر قادر بخش ميمڻ 16 آگسٽ 1989ع کان 30 مارچ 1994ع تائين
11. ڊاڪٽر غلام حيدر 30 مارچ 1994ع کان 26 آڪٽوبر 1994ع تائين
12. ڊاڪٽر لعل محمد شيخ 26 آڪٽوبر 1994ع کان 15 نومبر 1994ع تائين
13. ڊاڪٽر جهامنداس 15 نومبر 1994ع کان 31 ڊسمبر 1996ع تائين
14. ڊاڪٽر نور محمد عباسي 1 جنوري 1997ع کان 3 مارچ 1997ع تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

15. ڈاڪٽر حسين شاهه بخاري 3 مارچ 1997ع کان 10 آڪٽوبر 1997ع تائين
16. ڈاڪٽر غلام سرور چنا 10 آڪٽوبر 1997ع کان 2 سيپٽمبر 1999ع تائين
17. ڪئپٽن ڈاڪٽر اشاق ايڇ قريشي 2 فيبروري 1999ع کان 6 مارچ 2000ع تائين
18. ڈاڪٽر قادر بخش 6 مارچ 2000ع کان 22 نومبر 2000ع تائين
19. ڈاڪٽر سعيد احمد ميمڻ 22 نومبر 2000ع کان 28 جولائي 2001ع تائين
20. ڈاڪٽر عبدالرحيم ميمڻ 28 جولائي 2001ع کان 2 نومبر 2004ع تائين
21. ڈاڪٽر مظفر حسين عباسي 22 فيبروري 2004ع کان 14 مئي 2005ع تائين
22. ڈاڪٽر سعيد احمد قاسمي 14 مئي 2005ع کان 30 جون 2005ع تائين
23. ڈاڪٽر سعيد احمد ميمڻ 1 جولائي 2005ع کان 30 سيپٽمبر 2008ع تائين
24. ڈاڪٽر محمد يعقوب ميمڻ 30 سيپٽمبر 2008ع کان

صحت کاتو، مينٽل اسپتال

سر ڪائوسجي سائيڪاترسٽ اسپتال حسين آباد گدو 1894ع ۾ قائم ڪري 1941ع ۾ ان عمارت جي ٻيهر اڏاوت ٿي. ليڈي ڈفرن اسپتال 22 جنوري 1937ع ۾ قائم ڪري 1946ع ۾ ليڈي مڊ وائفري نرسنگ اسڪول استيشن روڊ حيدرآباد تي قائم ڪيو ويو. پائي ناملرام سويراج واسواڻي ميونسپل چيريٽيبل ڈسپينسري 1940ع ۾ رسالا (هوش محمد شهيد) روڊ تي قائم ڪئي ويئي.

جانورن جي اسپتال 1898ع ۾ هيرآباد حيدرآباد ۾ قائم ڪئي ويئي. سي ايم ايڇ فوجي اسپتال 1948ع ڪينٽ چانوڻيءَ جي علائقي ۾ قائم ڪئي ويئي. سينٽ الزبيٿ اسپتال امريڪن اسپتال لطيف آباد نمبر 7، ڪيٿولڪ چرچ مشن هيٿ 1956ع ۾ لطيف آباد ٺهڻ بعد آباد ڪئي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد جون مسجدون

مسجد ملا رحمت الله غلام شاهہ ڪلهوڙي جي قلعي پرسان نئين سري سان ناهي ويئي آهي. پراڻي مسجد جا آثار موجود نہ آهن. مسجد حيات دينو شاهہ جي پڙ ۾ واقع آهي ۽ مسجد خضرا فوجداري روڊ تي اڪال پونگا لائين نسيم سينٽر پٽرول پمپ پرسان واقع آهي. مسجد عباسي دادن شاهہ پاڙي ۾ درگاهہ سرفراز شاهہ چاڙهي جي سامهون موجود آهي. آفندي مسجد آفندي باغ جي علائقي ۾ قديم مسجد واقع آهي.

مسجد پنهور ٽنڊو ولي محمد 150 سالن کان وڌيڪ پراڻي مارڪيٽ ٽاٽي ويندڙ گهٽيءَ جي چوڪ تي واقع آهي. تيورن جي مسجد، عبدالڪريم تيورا گهٽيءَ ۾ غلام شاهہ ڪلهوڙي نهرائي هئي. واڌن جي پڙ جي جامع مسجد واڌن جي پڙ ۾ گذريل 150 سالن کان آباد آهي ۽ ٻہ ٽي پيرا نئين سري سان نهرائي وئي آهي. حاجي عرس مسجد، ڪورين جي پڙ ۾ واقع آهي، ۽ اها ٻہ 150 سال پراڻي آهي ۽ ٻہ پيرا نئين ڪري نهرائي وئي آهي ۽ هينئر تازو ٽيون پيرو نئين سري سان تمام سهڻي ڪري نهرائي وئي آهي.

شهر قاضي مسجد نائن جي پڙ ۾ واقع آهي. جيڪا پڻ تمام قديم آهي ۽ شهر ابراهيم شاهہ قاضي جي نالي سان مشهور آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين زبون حالت ۾ موجود آهي ۽ باقاعدگي سان ان ۾ نماز ادا ڪئي ويندي آهي.

مسجد طالب شاهہ غلام شاهہ ڪلهوڙي قلعي جي دروازي تي واقع هئي، هن وقت آثار ختم آهن. مائي شهربانو مسجد نعلبند، نعلبندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پاڙي ۾ جمن شاهه جي پڙ ۾ نور محمد ڪلهوڙي جي نياڻيءَ مائي شهربانو اڏرائي هئي.

سرهندي مسجد فقير جي پڙ ۾ واقع آهي ۽ ناريجن جي مسجد قلعي جي دروازي جي اولهه ۾ هوم اسٽيڊ هال جمعدار ڪوڙو پاڙي ۾ واقع آهي. مرزا علي حسن بيگ مسجد ٺندو ٽوڙهو ۾ واقع آهي. وادن جي پڙ جي مسجد کي قائم ٿئي 200 سال ٿيا آهن جيڪا رائل ڪاليج آف ڪامرس وادن جي پڙ ۾رسان قائم آهي. قديم مسجد شاهجهان ملڪ افغان بادشاهه جي نالي ٺندو آغا ۾ واقع آهي. ميرن جي قبن ۾رسان مسجد خير جيڪا ڪيپري سئنيما ۾رسان واقع آهي، جتي عورتون نماز پڙهنديون هيون، اڄ به قائم آهي، جتي مرد نمازي نماز ادا ڪن ٿا.

مسجد ڪمانگر ميمڻ اسپتال شهاب سئنيما لڳ پراڻي مسجد قائم آهي. خير شاهه جي پڙ ۾ لوهرن جي مسجد پڻ قديم وقت کان قائم آهي، خدا آباد مان آيل ماڻهن تعمير ڪرائي هئي. سلاوٽ پاڙي جي جامع مسجد پوڻا ٻه سئو سال قديم آهي. بغدادي مسجد بربلاڻي گهٽي سک لين ۾ 1855ع ۾ قائم ڪيل مسجد هندن جي غلبي بعد ويران هئي، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انهيءَ کي ٻيهر آباد ڪيو ويو آهي. جامع مسجد صدر چانوٽي ڪينٽ ٽاڻي ۾رسان واقع آهي، جنهن ۾ شاهه ولي الله اڪيڊمي جي آفيس قائم آهي.

مسجد ابراهيم شاهه جيڪو قاضي شهر هو نائين جي پڙ ۾ مسجد واقع آهي. عيد ميلادالنبيءَ جي موقعي تي گهوڙي تي چڙهي قاضي شهر جلوس جي قيادت ڪندو هو.

مسجد آزاد ميدان جتي برڪ عالم مولانا ابوالڪلام آزاد جلسو ڪيو هو. قائم آهي، جتي هڪ مدرسو پڻ آهي ۽ مولانا ابوالخير جي نگراني ۾ آهي. فقير جي پڙ ٻير بلائي گهٽيءَ وچ ۾ شاهي مسجد شاهي

بازار ۾ واقع آهي. مسجد قبا جيل روڊ ميرن جي قبن پرسان واقع آهي.

ميرن جي مسجد ٽنڊو گدو حسين آباد ۾ واقع آهي. اتي حاجي شفيع جو مزار واقع آهي. محمد مسجد صدر 1842ع ۾ چانوٽي جي علائقي جوهري بازار ۾ قائم ڪئي ويئي. مسجد ابوالفضل مولا علي قدم گاهه تي استيشن روڊ تي قائم آهي.

لاڪا مسجد ڪوڪر محلي استيشن روڊ پرسان فاطمه اسڪول لڳ تلارام بلڊنگ وٽ قائم آهي. بلوچ مسجد نوحاڻي پاڙي فريد محلو جي قديم مسجد آهي. استيشن روڊ تي واقع آهي.

مسجد مير غلام حسين ٽنڊو ٽوڙهو ۾ واقع آهي. مدينه مسجد هالا ناڪي تي واقع آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد جا مندر

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ 1945ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ 360 مندر هئا. هندن جي لڏپلاڻ کان پوءِ اهي هاٿي گهٽ ٿي ويا آهن. انهن ۾ هينيان مندر شامل آهن.

جي پواني مندر گردوارا گرونانڪ کاهي رود، ٽنڈو ولي محمد ۾ قائم آهي.

قلعي چوڪ کان اڳيان ٻن قبرن آڏو اُتمچند مندر ٽرسٽ بورڊ طرفان هال ٺاهيو ويو آهي.

هيرآباد ۾ 1895ع ۾ ميگهواڙن جو گوشواٿي پرشوتم مندر واقع آهي.

شوَ مندر پريٽ آباد ۾ مرزا قليچ بيگ هاءِ اسڪول ڀليلي پرسان واقع آهي.

ڪاليءَ جو مندر شهاب سئنيما وٽ واقع آهي.

سريگهاٽ تي راما پير جو مندر واقع آهي، جتي سوچي عبادت ڪندا آهن.

ميرگارڊن شوَ جو مندر ريلوي اسٽيشن آڏو واقع آهي، جتي ان پرسان هڪ وڏي ميدان تي خدمت خلق اسپتال ۽ ايمبولينس سروس قائم ڪئي ويئي آهي.

گربت جو ٽڪاٽو ۽ مندر سريگهاٽ تلڪ چاڙهي تي واقع آهي، جتي هڪ آشرم پڻ آهي. حيدرآباد ايندڙ هندو زائرين اتي ترسندا آهن. گنگا مائي جو مندر، پريٽ آباد ڀليلي دال پاڙي ويجهو مندر ڪجلال پاڙي ۾ واقع آهي. تلسي داس مندر قاضي عبدالقيوم روڊ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واقع اهي اهو هڪ قديم مندر آهي.

ڏياللداس مندر پڪي قلعي پرسان هوميوپيٿڪ ڪاليج گوشت مارڪيٽ وٽ واقع آهي.

شوَ مندر موهن داس مينگهراج سلطان هوٽل استيشن روڊ هوم استيڊ هال جي چاڑهي وٽ واقع آهي.

ڪاليءَ جو مندر گنجو ٽڪر فتح ٽيڪسٽائيل مل جي ٽڪريءَ پرسان پٽرول پمپ مٿان قائم آهي، جيڪو قديم مندر آهي. جتي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جوگين سان گڏ ربَ کي ٻاڏايو ۽ بيت چيا.

حسين آباد ميونسپل پارڪ ۾ شوَ جو وڏو مندر آهي، جتي حيدرآباد جي سموري هندو برادري پوجا پاٺ لاءِ ايندي آهي، جتي هن وقت هندو باگڙي برادري جو قبضو آهي ۽ ڪجهه هندو پنهنجن گهرن اندر پوجا پاٺ ڪندا آهن، جيئن مکي داس پنهنجي گهر جي اندر هڪرو مندر قائم ڪيو هو جنهن ۾ سونيون مورتيون رکيل هيون، پاڪستان ٺهڻ بعد اهي مورتيون غائب ڪيون ويون ۽ سيٽلمينٽ ڪاتي جي آفيس قائم ڪئي ويئي. جيڪا هاڻي ختم ٿي ويئي آهي. مکي هائوس ڏيڊ ڪروڙ روپين جي لاڳت سان ناهيو ويو هو.

صدر چانوٽيءَ جي علائقي ۾ حُر پاڙي ۾ شيڊيول ڪاسٽ هندو ينگين پنهنجا جدا جدا مندر ناهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسز رضيہ لياقت عزيز

دوآبو هاڻوڪو قاسم آباد

سنڌ جي 3 پيرا راڄڌاني ۽ تاريخي، تهذيبي، معاشي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي گهوارو رهندڙ حيدرآباد جي شهر جي اتر-اولهه ۾ واقع اڳوڻو دوآبو ۽ هاڻوڪي قاسم آباد تعلقي جي 1998ع جي آدمشماري موجب ڪُل آبادي ستانوي هزار 719 ماڻهن، ٻارن، نوجوانن ۽ پوڙهن سردن توڙي عورتن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ايڪونجاهه هزار 846 مرد ۽ پنجتاليهه هزار 873 عورتون شامل آهن. هتي اها ڳالهه ڏيان ۾ ويهاري وڃي ته هاڻي هڪڙي ڪاڻي موجب اها آبادي اٽڪل ڏيڍ لک ٿي، وئي آهي. دوآبي تي قاسم آباد جو نالو 1972ع ۾ سنڌ تي چڙهائي ڪندي فتح ڪندڙ عرب فاتح محمد جي پٽ قاسم پويان رکيو ويو آهي. هوڏانهن هن تعلقي جي جاگرافيءَ تي ٿوڙو ڏيان ڏيڻ سان پتو پوندو ته ان جي ڏکڻ-اوير ۾ حيدرآباد شهر، ڏکڻ ۾ لطيف آباد تعلقو، اتر ۾ هالا تعلقو واقع آهي، جڏهن ته اولهه ۾ جامشوري پُل کان وٺي ڪوٽڙيءَ پُل تائين لڳاتار سنڌو درياءَ هلندو هلي ٿو. بهرحال، اچو ته ٿورڙو ماضي ڏانهن نهار وجهون.

هن علائقي کي اڳي دوآبو سڏجڻ جو سبب اهو آهي، جو اهو سمورو علائقو صدين کان دريائي ٻوڏ هيٺ ايندو رهيو آهي، چو ته سنڌو درياءَ تي بڃاءُ بند نہ هئڻ سبب خاص ڪري آبڪلاڻيءَ ۾ درياءَ ۾ ڦليليءَ جو سندن ڪنارن کان پاڻي اڇلون کائيندو ميدان ٻوڙي ڇڏيندو هو. جنهن جو عرصو آبڪلاڻيءَ جا اٽڪل ٻہ مهينا مس هوندو هو. پوءِ ٻہ هتي صدين کان ماڻهن جي آبادي هئي، جيڪي ٻوڏ دوران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجا ٽيڙ گنجي ٽڪر يا مٽاهين وارن علائقن ڏانهن ڪٽي ويندا هئا. هنن جي گذران جو وسيلو آبڪلاٽيءَ ۾ ريج ٽيل زمينن ۾ اناج، آراڙبون ۽ ٻيا فصل پوکڻ تي هوندو هو. اهڙيءَ ريت پوکجندڙ فصلن ۾ جُوار، باجهري، ڪٽڪ جَوَ مڪئي، چانور، چانيو، ڪمند، مٽر، سرهن شامل هئا. تر، گدرا، چانهيون، هنداڻا ۽ شامل هوندا هئا، جن وٽ پنهنجون مينهون، ڍڳيون، اُٺ، رڍون ۽ ٻڪريون ۽ هوندين هيون. هاڻوڪي قاسم آباد ۾ سنڌو درياءَ سان لڳ ٻيلا ۽ هوندا هئا، جن ۾ گندي وارو ٻيلو، رک ٻيلو، ڳنڍيو وغيره شامل هوندا هئا. انهن ٻيلن ۾ سوئر، گدڙ، لومڙ، بگهڙ، ڍاڑها، سَها ۽ پکين ۾ آڙيون، بدڪون، پاريهڙ، ڪبوتر، ڪوئل، ڪانوَ ڪبرون ۽ چبون وغيره شامل آهن.

ميرعلي شير قانع ارڙهين صديءَ ۾ لکيل پنهنجي ڪتاب "تحفتہ الڪرام" ۾ لکي ٿو: "شاهہ بخاري پٽ متئين شهر کان ٽن ڪوهن جي پنڌ تي هڪ برڪت پري درگاهہ ۽ زيارتين جي گڏ ٽيڙ جي جاءِ آهي!" اها درگاهہ هينئر قاسم آباد تعلقي ۾ شامل آهي ۽ قليلي جي پوئين پاسي هينئر شاهہ بُخاري جي نالي سان مشهور ۽ وڏو ڳوٺ ۽ موجود آهي جنهن جي آبادي اٽڪل هڪ هزار ماڻهن تي مشتمل هوندي.

قليليءَ واهہ اڳ ۾ گهليان ڳوٺ واري ماڳ وٽان نڪرندو هو. پر ائٽڪن جي سهيڙيل "سنڌ گزيٽيئر" موجب: 1857ع قليليءَ واهہ جي مُنهن منجهان واريءَ جا درّا هٽائي، وڇڙيل پاڻ کي ويڪرو ڪري ۽ 20 هزار روپين جي لاڳت سان باقاعدي لاهي وارو وهڪرو ڪوٽي سُڌاريو ويو. 1858ع ۾ اٽڪل پنج ميل ڊگهو نئون پاٽيءَ جو وهڪرو حيدرآباد ويجهو قليلي ڏانهن جامشورو وٽ درياءِ مان ڪوٽيو ويو ۽ 1861ع ۾ هڪ لک پنج هزار تي سئو روپين جي لاڳت سان مڪمل ٿيو.

قليليءَ جي مُنهن ڪوٽڻ مهل ايندڙ ڏکيائين بابت ڪاڪو پيرو مل

آڏواٽي پنهنجي ڪتاب "سنڌ جو سيلاني" ۾ لکي ٿو: "ڪليليءَ جي نئين مُنهن ڪرڻ لاءِ سرڪار کي جام شوري جي ڳوٺ واري زمين کپندي هئي، تنهنڪري ڳوناڻن کي اُتان اٺاريو هئائون. ته هنن وڏو گوڙ مچايو هو ۽ بمبئي ڪائونسل تائين ڳالهه وئي هئي. اسان سنڌن ڏنل ماڳ ڏنا. اُهي اهڙا اُجهاڻا پيا هئا، جو جڙ ته ڪن ايامن جا پَڊُ هئا." پر هاڻي اهو جامشورو وارو ڳوٺ ڪرن خان شوري جي نالي سان سُڃاتو ويجي ٿو. جنهن جو پُٽ نور محمد شورو، قاسم آباد تعلقي جو ناظم آهي، جڏهن ته سندن وڏو ياءُ ديدار علي شورو، يونين ڪائونسل 4 جو ناظم آهي.

ديهه شاهه بُخاري، ديهه جامشورو، ديهه سيري ۽ ديهه سُپڪي ميارُ تي پڏل دوآبي ۾ بوڏون به قهر جون ايندیون هيون. انهيءَ ڏس ۾ ڪاڪو پيرو مل آڏواٽي پنهنجي ڪتاب "سنڌ جو سيلانيءَ" ۾ لکي ٿو: "1892ع ۾ درياهه اٽل کاڌي هئي، جو هيناهين وارن علائقن ۾ ٿورا ڏينهن ٻيڙيون پئي هليون." هوڏانهن نَوَ ميل ڊگهي جامشورو بچاءُ بند جي اڏاوت جو ڪم، 93_1892ع واري سال دريائي اٽل ڪانپوءِ ضرور ڪوٺيو ويو. جنهن حيدرآباد شهر ۽ ڪئنٽونمينٽ جي ڏکڻ دوآبي ۾ عمارتن ۽ رستن سميت حيدرآباد_ امر ڪوٽ ريلوي کي به ڏاڍو گهٽو نقصان پهچايو هو. انهيءَ اڏاوت تي ٽيندڙ خرچ ٻارهن هزار 516 روپيا هو. پوءِ نيٺ ان بند جي سگهارپ لاءِ وڌيڪ ڇهه هزار 505 روپيا به خرچ ڪيا ويا. 1897ع ۾ درياءَ بند جي ڪجهه حصي کي نقصان پهچايو ۽ وري ٻيهر 01_1900ع ۾ هڪڙو ٻيو نئون جامشورو بند جي نالي سان، واڌو واهه جي ساڄي پاسي سان لڳو لڳ واريا سن دڙن تائين سورهن هزار 559 روپين جي لاڳت سان بند ٺاهيو ويو. ياد رهي ته حيدرآباد شهر کي بچائڻ لاءِ ٺهرايل انهيءَ بند جي مرمت جو ٻيهر ڪم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي 1976ع ڌاري شروع ڪرايو هو ۽ بند سان گڏ هڪڙو ٻيو نندڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بند بہ ٺهرايو هو. جيڪو واسطيدار ادارن طرفان سنيال نہ ڪرڻ سبب تعميراتي ڪمپنين ان بند جي مٿي ٽريڪٽرن وسيلي ڪٽائي پنهنجي تعميراتي اسڪيمن ۾ ڪالونين ۾ ڪپائي ڇڏي آهي ۽ هاڻي رُڳو هڪڙو حصو اهو بہ ڪجهہ جاين تي وڃي بچيو آهي.

جامشورو وٽان درياهہ مان آبڪلاڻيءَ ۾ واڌو واهہ نڪرندو هو. جيڪو ٽالپر اميرن جي دؤر ۾ آبپاشي ڪاتي جي ملازم واڌو مل کوٽايو هو. اهو واهہ گدو بندر ۽ ميرجي ٽنڊي وارن رستن تان لنگهي وڃي نهال شاهہ جي ڳَنَ ۾ پوندو هو. اي واڌو واهہ ۾ چانديا ڳوٺ ويجهو لڳل ريگليوليٽر وٽان موڙ هوندو هو. جنهن سبب پاڻيءَ هاڻوڪو نهيل پرائمري اسڪول اسماعل سومرو وٽان ٽيندو ڳوٺ طاهر محمد سومرو جي اولهہ کان ڳوٺ حسين سومرو وٽان ٽيندو اچي هاڻوڪي نسيم نگر جي مکيہ چوڪ، جتي الله بخش مگسيءَ وارن آبپاشي ڪاتي ۽ روينيو ڪاتي جي ملي پڳت سان، ڪٽت تي زمين ڪٽي، پنهنجا دڪان ٺهرايا آهن. انهيءَ جاءِ تي اڳي ڇڻن ايڪڙن ۾ پاڻيءَ جو وڏو تلاءُ هوندو هو. وري ان جاءِ تي ٽہ مُنهينلا ڇيو ويندو هو. جو اتان تي واهہ نڪرندا هئا. هڪڙو وهڪرو هاڻوڪي واڌو واهہ جو رستو ونندو هو. جيڪو اڳتي هلندو وڃي هاڻوڪي شهباز بلڊنگ کان ٽيندو. وڃي نهال شاهہ جي ڳُن ۾ پوندو هو. ٻيو وهڪرو لهواري بجاءِ اوياروهندو چنا، لاشاري ۽ جتوئين جي ڳوٺ وٽان لنگهندو وڃي، جيڪب تلاءُ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. جڏهن تہ ٽيون وهڪرو علي پيلس يا سحرش نگر ڏانهن هليو ويندو.

هڪڙو ٻيو بہ واهہ ڪليلي مان نڪرندو هو. جنهن کي "فسادي واهہ" ڇيو ويندو هو. اهو بہ ٽالپر حڪومت جي دؤر جو واهہ هوندو هو. جيڪو هينئر بہ وهندڙ ۽ موجود اهي. اهو هاڻي پڪو ۽ مستقل وهندڙ آهي. هينئر اهو پٽائي ٽائون وٽ لڳل ريگيوليٽر وٽان نڪري مُهاڻن ۽ ڪيرين جي گهرن پرسان لنگهندو، حاجي بچل سومرو ڳوٺ کان

ٽيندو وڃي ڏيڻن ۾ شورن جي گھرن تائين پھچي ٿو.

ھاڻوڪي پڪي واڌو واھ جو ڪم ايوب خان جي دؤر ۾ 1961ع ڌاري شروع ٿيو ۽ 1964ع ۾ پڄاڻيءَ تي پھتو. اھڙيءَ ريت واڌو واھ ۽ فسادين واھ سبب ھتي زراعت ۾ گھٽو سڌارو ۽ واڌارو ٿيو. پاڻيءَ جي گھٽتائيءَ سبب ٻنين ۾ فصلن جي وارا ڦيري ٽيڻ لڳي ۽ ماڻھو سال ۾ ٻن کان ٽي فصل کڻڻ لڳا. پاڃيون پوکيون وڃڻ لڳيون ۽ گھرج کان وڌيڪ پاڃيون حيدرآباد ۽ خاص ڪري ڪراچيءَ سبزي منڊي ۾ موڪلجڻ لڳي. جڏھن ته ھتي اڪثر ويھن کان مٿي باغ ھئا، جن ۾ انب، ڄمون، ليما، زيتون، ڪاروا، ڏاکون، پپيتا، ڪيلا وغيره ميوا پوکيا ويندا ھئا. جيڪي به علاقي جي گھرج کان وڌيڪ شھر ڏانھن موڪليا ويندا ھئا. جنھن مان مقام ماڻھن کان ڇڪو اُپرا سو ٽيندو ھو.

دوآبي ۾ پاڪستان کان اڳ عام بيمارين ۾ ٻيئڙ ٻرو، ڇاتيءَ جو زخم، ٻِتو ڏکو ٽيڻ، پٽر ۽ ڳلو خراب ٽيڻ وغيره شامل ھيون. پر اسان کي سڀ کان آڳاتي 1869ع ۾ ايندڙ ڪالرا جي مرض جو به پتو پوي ٿو جنھن ۾ ڪجھ ماڻھو مرڻ جا اشارا ملن ٿا. جڏھن ته 1902ع ۾ جنوريءَ کان مئي تائين جاري رھندڙ مامري ۾ حيدرآباد ۾ 1308 ماڻھو مُئا ھئا. جنھن بابت ائٽڪن سنڊ گزيٽيئر ۾ لکندي چوي ٿو ته "شھرن سميت ڳوٺ به نه بچيا ھئا. تنھن ڪري اسان مٿين ڳالھ مان نتيجو ۽ ڪجھ جھونڙن کان مليل روايتن مان پتو پوي ٿو ته مٿين بيمارين ۾ دوآبي جا ماڻھو به مئا ھئا."

حيدرآباد کي ميونسپالٽيءَ جو درجو 1853ع ۾ ڏنو ويو. مِنو پاڻي پُھچائڻ لاءِ کوھ کوٽايا ويا. پر اسان کي ڪنھن سرڪاري کوھ جو اَتو پتو نه نٽو پوي، پر ٻون واٽئي طرفان کوٽايل کوھ جو پتو ضرور پوي ٿو جيڪو کوھ "ٻَون جو کوھ" جي نالي سان اڪثر ويھارو سال اڳ به مشھور ھو. جيتوڻيڪ اھو لَٽجي ويو ھو. اُتان ماڻھو سال جو گھٽو عرصو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻي پريندا هئا. پر اهو پاڻي ڪوڙو ۽ ڪارو هوندو هو. جڏهن ته ماڻهن کي پيئڻ جو مِنو پاڻي رُڳو آبڪلاڻيءَ جي بن ايائي مهينن ۾ ئي مس ملندو هو. پاڻيءَ ماڻڻ لاءِ ماڻهو کوهيون ۽ کويندا هئا. جڏهن ته پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ضلعي حيدرآباد طرفان 1955ع ڌاري هاڻوڪي عبدالله بليسنگ ۾ واڌو واهه سان لڳ هڪڙو کوهه کوٽايو ويو هو جنهن جو پاڻي ڪوڙو ۽ کارو هوندو هو. پوءِ اهو پاڻي ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ واپرايو ويندو هو. بهرحال، هاڻي اهو کوهه لَٽجي ويو آهي.

1930ع ڌاري دوآبي ۾ گدو بندر واري رستي تي تپيدارن جو اسڪول ۽ سرڪاري گشتي بنگلو ۽ سالارو باغ هوندا هئا. جيڪو پوءِ داس باغيچو بڻيو. پوءِ راڻي باغ ۽ هاڻي گلستان بلديہ جي نالي سان مشهور آهي. ساڳئي رستي تي مانا ڊوري ۽ اُتي پوليس جو ٽاڻو هوندو هو (هاڻي بہ آهي). ۽ اُتي ٽريفڪ پوليس جي آفيس ۽ 15 وارن جي آفيس قائم آهي). چون ٿا ته انهيءَ ڊوريءَ ۾ اڳي ڳهڻو پاڻي وهندو هو. تنهن ڪري ڪيتريون زالون اُتي آکو پائڻ ايندیون هيون. "مانا" نالي هڪ هندواڻي اُتي آکو پائيندي ٻُڌبي هئي. تنهنڪري سندس نالو انهيءَ ڊوريءَ تي پئجي ويو.

ڪئنٽونمينٽ جي علائقي ۾ آيل گورا قبرستان کان وٺي لطيف آباد، پنهور ڳوٺ واري ايراضي، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ مقامي ماڻهن جي تحويل ۾ ۽ سندن ڪاتي تي چڙهيل هوندي هئي، پر اُن تي سرڪاري قبضو ڪيو ويو آهي، ۽ اڄا مقدما هلندڙ آهن. ايستائين جو پنهور ڳوٺ، چنا ڳوٺ لاشاري-جتوئي، ڪُنيار پاڙو وغيره کي لڳائڻ لاءِ ڪيئي ڪوششون ڪيون ويون آهن، جو اُهي چون ٿا، زمينون فوج جون آهن، تنهن ڪري هاڻي ان تي سندن قبضو آهي.

انهيءَ ڏس ۾ ياد رهي، ته صدر ايوب جي دؤر ۾ ون يونٽ واري وقت، دوآبي ۾ فوجي چاند ماري ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. ۽ مقامي هارين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فصل جو ڏاڍو نقصان ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪين ڪو هاري منع ڪندو هو ته ڪين پيلايل فصل جو اجورو ڏيڻ بجاءِ ڪين مارڪٽ ڪندا هئا. ورلي اُتي مري ٻه ويندا هئا. پنجيتاليهن سالن جو حامد ولد صالح ليلو، ڳوٺ حاجي هاشم سومرو ويجهو نسيم نگر جي رهواسيءَ کي پنهنجي ٻنيءَ تي آرڙيءَ ۾ نقصان نه ڪرڻ تي ڪيل منع تي پاڪستاني فوجين ٽڏا هڻي قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن ته ٻيو شخص طاهر ولد سليمان، ڳوٺ حاجي هاشم سومرو ويجهو نسيم نگر جي رهواسي هو جنهن کي ٽڦڙ هڻي ماريو ويو ڪو دادُ فرياد نه ٿيو.

دوآبي ۾ هينئر ٻه اٽڪل اسي (80) ڳوٺ آهن، جن مان اڪثر ڪچين آبادين ۾ اچن ٿا، جن ۾ رهندڙ قبيلن ۽ ذاتين ۾، جن جا ڳوٺ واقع آهن سومرا، چانڊيا، چنا، لاشاري، ڏيٽا، شورا، ڪولهي، واٽيا، مُهاٽا، ملاح، ڪيريا، هُليا، ڊيشڪ، جتوئي، شيدي، ڪُنيار، ڪورائي، پٽني، ڏومرا، باگراٽي، سيد، خاصخيلي، تالپر، درس، ڳاها، پنهور، چانگ، ميمڻ، ڇُٽا، ابڙا، سيال، ويسر، دايا، ڪوکر وغيره شامل هئا. جن مان آخري ڪجهه ذاتيون هتان لڏي وڃي شهرن ۾ وينا، جن ۾ خير محمد ڪوکر وارا شامل آهن.

هن علائقي جو 1983ع واريءَ تحريڪ ۾ ٻه اڳيرو ڪردار رهيو آهي: ڪافي مظاهرا ۽ گرفتاريون ٻه ٿيون. بهرحال، تعليم ۾ پويان رهندو آيو آهي ۽ ڪجهه ماڻهوئي مس وڃي سرڪاري نوڪرين ۾ پيا، جڏهن ته ڪجهه ماڻهو زميندارن ۽ هارپ سميت واپار ٻه ڪندا هئا. خاص طور سومرن جا پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سکر، ڪراچي ۽ حيدرآباد شهر ۾ مارڪيٽ، ٽنڊو ولي محمد ۽ صدر ۽ لجپت روڊ تي اٽڪل ويهن کان مٿي دُڪان ۽ هوٽلون هيون.

قاسم آباد واري علائقي سان پاڪستان ٺهڻ کان وٺي ٻه اکيائي جو مظاهرو ٿيندو رهيو آهي. سمورين ٿيندڙ اليڪشنن، بلدياتي، صوبائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ قومي ۾ سدائين ڏاريا ۽ ٻاهريان ماڻهو هن علائقي مان، مقامي عوام جي مرضيءَ جي ابتڙ، چونڊبا رهيا آهن، جن هن علائقي جي ماڻهن کي پنهنجو ووٽر نه سمجهندي، يا شايد ڏڪار ڪارڻ، کين ڪي به سهولتون نه ڏنيون. بنيادي سهولتون مهيار ڪرڻ بجاءِ علائقي جي ترقيءَ لاءِ منظور ٿيندڙ رٿائن کي ختم ڪرائڻ جي سازش ڪندا رهيا آهن.

هوڏانهن وري اسان جي سياسي توڙي سماجي تنظيمن جي، مجموعي طور تي، حالت اها رهي آهي، جو وٽن علائقن جي ترقيءَ يا سماجي تبديليءَ لاءِ ڪو منشور به نه آهي ۽ اُهي ڪنهن به تبديليءَ ۾ پائيوار نٽا ٽيڙ چاهين، اتلندو پنهنجي غير شعوري ۽ غير سماجي عملن سان علائقي جي مسئلن ۾ واڌاروئي آڻيندا رهيا آهن.

ٻئي پاسي علائقہ، جو عوام- شهرن ۾ نسلي جهيڙن کانپوءِ ڳريل لُٽيل، مقامي طور علائقي ۾ اڳيئي رهندڙ آبادين سميت سنڌ مان اغوا، ڦرن، ڏاڙن ۽ ڏوهن کان بچاءُ خاطر، پنهنجي ٻارڙن کي تعليم ڏيارڻ، ڪاروبار ڪرڻ واسطي آيل- علائقي جي ترقيءَ کان لاتعلق رهندا پيا اچن. گڏوگڏ اُهي پنهنجا ووٽ به هي داخل نٽا ڪرائين ۽ پنهنجي علائقي يا ڪالونيءَ سان لاڳاپيل مسئلا سُلجهائڻ کان نٽائين ٿا ۽ تنظيم سازيءَ ۾ بهرو نٽا وٺن، جنهن ڪري ماضيءَ جيان هاڻوڪي ٿيندڙ بلدياتي اليڪشنن ۾ به اڪثر غير نظرياتي ۽ غير سماجي ماڻهو چونڊجي آيا آهن، جن وٽ علائقي توڙي عوام جي ڀلائي ۽ بهتريءَ لاءِ ڪو به پروگرام ڪونهي.

هيءَ قاسم آباد واسين جي ياڳائي آهي، جو قاسم آباد تعلقي تي اهڙي قسم جا ماڻهو چونڊجي آيا آهن ۽ اهڙن ماڻهن کي انتظامي عهدن تي مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪي علائقي جي ترقيءَ بجاءِ رڳو پنهنجو پيٽ پرڻ ۾ پُورا آهن. حيدرآباد ضلعي جي ٻين تعلقن ۾ ٿيندڙ ترقياتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمن ۾ علائقي واسين کي ملندڙ سهولتن کي جاچي ڏسڻ سان پتو پوندو ته علائقي سان ڪيڏي نہ ويڌن ڪئي پئي وڃي.

بلدياتي اليڪشن کي اٽڪل 3 سال گذري چڪا آهن، پر هيستائين تعلقي جي پنهنجي آفيس جُڙي نہ سگهي اهي ۾ سڄو عملو حيدرآباد ترقياتي اداري جي آفيسن ۾ اوڏر تي وينل آهي. تعلقي جي علائقن سحرش نگر، نارٿ قاسم آباد، نسيم نگر ويجهو واڌو واهہ سان لڳ، پٽائي ٽائون، بڇاڻ بند ۽ ٻين علائقن ۾ جيڪي سرڪاري پلاٽ پيل هئا، جيڪي هر حال ۾ عوام يا سرڪار جي ئي ملڪيت هوندا آهن، تن تي تعلقي انتظاميا جي ملي ڀڳت سان قبضا پيا ٿين. قاسم آباد ٽاٽي جي پلاٽ تي قبضو ٿيل آهي، ان قبضي کي ڇڏائڻ بجاءِ مورڳو ڪاليج جي عمارت ئي پوليس جي حوالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن مان قاسم آباد انتظاميا۔ ناظم، نائب ناظم ۽ ٻين اهلڪارن جي ذهنيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

پوري تعلقي ۾ ڪوبہ ڪميونٽي هال نہ آهي، جتي ماڻهو شادي مرادين سميت ٻيون سماجي توڙي ثقافتي تقريبون ملهائي سگهن. هي وڏي بدقسمتي آهي ۽ قاسم آباد شايد پوري پاڪستان جو واحد تعلقو آهي، جتي تعلقي انتظاميہ جي ڪا بہ لائبريري جُڙيل نہ آهي. نہ جسماني ۽ ذهني صحت جي سڌاري لاءِ ڪو ورزش خانو آهي. ڪٿي بہ فروٽ مارڪيٽ، پاڄي مارڪيٽ، گوشت مارڪيٽ، مڇي مارڪيٽ جو ڪو نالو نشان نہ آهي، انهن بنيادي سهولتن لاءِ رٿيل پلاٽ الاٽجي ڪيڏانهن ويا. روڊن رستن جي ڪنارن تي ڪلي عام پاڄيون، گوشت، مڇيون پيون وڪامجن، جن تي مڻيءَ جا ٽهہ جميل هوندا. جن ڏانهن انتظاميہ جي ڪن لاتار آهي.

هوڏانهن وري علائقيَ جڏ مختلف وسندين ڏانهن نهاربو ته گهٽين ۽ رستن تي ڪن ڪچري جا ڍير نظر پيا ايندا. ڪچري ڪٺڻ لاءِ مقرر

گاڏيون روڊن تان غائب. جنهن ڪري ڪچري جي ڊيرن ڪري مختلف وبائي بيمارين ڦهلجڻ جو خطرو بہ وڌي ويو آهي. جڏهن تہ صفائيءَ وارو عملو خاص ماڻهن جي حوالي آهي. جيڪي پنهنجي گهرن جي صفائي ئي مس ڪرائيندا آهن ۽ وري ٻيو عمل "دستوري" تي هوندو آهي. تعلقي ميونسپل انتظاميا جي ذريعن جو چوڻ آهي. تہ اڳ عملو "دستوري" تي آهي. جنهن مان تعلقي انتظاميہ کي ماهوار ويهن کان پنجاهہ هزار روپيا رشوت ملي ٿي. ٻئي پاسي رولو ۽ چتا ڪتا بہ هر هنڌ ڏسڻ ۾ پيا ايندا. جيڪي هر ڪنهن واٽهڙو کي ڏاڙهڻ لاءِ پيا واجهائيندا.

ضلعي انتظاميہ طرفان گهٽين ۽ رستن لاءِ منظور ڪيل ٽيوب لائيٽون تعلقي انتظاميا "ڳڙڪائي وئي". جنهن ڪري علاقي ۾ اونداهہ جو راج آهي. جيڪي اسٽريٽ لائيٽون مليون. سي رڳو ڪجهہ خاص دوستن جي گهرن سامهون ئي مس لڳايون ويون ۽ ائين اڪثر "جادوئي اثر سان الوپ" ڪيون ويون.

ميون. پاڄين. گوشت. مڇي سميت دڪانن تي وڪرو ٽيندڙ شين ۽ سامانن جي قيمتن تي ضابطو آڻڻ وارو ڪوبہ نہ آهي. جنهن ڪري دڪاندار عام ماڻهوءَ کان پنهنجيءَ مرضيءَ وارا اڳهہ وصول ڪري سندن چيلهہ پيا چٻي ڪن. هونئن بہ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس هيٺ مٿين شين جي اگهن تي ضابطو آڻڻ مقامي تعلقي انتظاميا جو ئي ڪم آهي. پر هي ڳالهہ سندن ايجنڈا تي ئي ناهي.

هوڏانهن. تعلقي قاسم آباد ۾ ترقياتي ڪمن جي ٺيڪن ۾ بدعنوانيون ۽ سرڪاري پلاٽن تي قبضا جاري آهن ۽ راڻي باغ ۾ ميلن. صنعتي نمائشن ۽ عيد بازار جي بهاني سان من پسند ماڻهن کي ٺيڪا ڏنا ويا. جن عيدن توڙي نمائش مان لکين روپيا ڪمايا. پر تعلقي قاسم آباد جا بقايا بہ ادا نہ ڪيائون. پوءِ بہ اهي ٺيڪا ڏيڻ جو سلسلو ايجا بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاري رهندو پيو اچي. ترقياتي ڪمن جا ٺيڪا مبينا من پسند ماڻهن کي ڪميشن عيوض ڏنا ويا. جنهن ڪري ملڪ جو لکين روپيا ناڻو عوامي پلائيءَ وارين رڳائن تي استعمال ٿيڻ بدران رشوت جي ور چڙهي ويو ۽ ٻيو ته ڪجهه عرصو اڳي جيڪي روڊ ناهيا ويا هئا. سي هنڌان هنڌان اکيڙجي ويا آهن. جنهن ڪري ٽرانسپورٽ گاڏين سميت عام ماڻهو به پريشانيءَ کي منهن پيا ڏين.

حيدرآباد ضلعي ۾ ماڻهن جي اهم وندر وارو مرڪز راڻي باغ تباهه پي ٿئي. چپر اڙ لپ. استريٽ لائيٽ غائب. ٻيو ته انتظاميه جي نااهلي جي ڪري ڪافي جانور اڳيئي مري چڪا آهن ۽ جيڪي هاڻي جيئرا وڃي بچا آهن. سي به مختلف بيمارين ۾ ونجي ويا آهن. راڻي باغ هاڻ ڪنڊر بڻجي چڪو آهي.

قاسم آباد تعلقي جي واحد سرڪاري اسپتال. گورنمينٽ اسپتال 1995ع ۾ ٺهي جُڙي راس ٿي. اسپتال پنجاهه ڪمرن تي مشتمل آهي. اسپتال جو افتتاح 2001ع ۾ ٿيو هو. تڏهوڪي وزير افتتاح مهل چيو ته ايندڙ ٽئين سال کان اسپتال جي ايس اين اِي (S.N.E) منظور ڪئي ويندي. ساڳي ريت ٻين وزيرن توڙي صحت کاتي جي عملدارن به مختلف وقتن تي انهيءَ ڏس ۾ واعدا ڪندا رهيا. پر اڄا تائين اسپتال جي ايس اين اِي (S.N.E) منظور نه ٿي اهي. جنهن ڪري قاسم آباد تعلقي جو غريب عوام سرڪاري طور صحت جي سهولتن کان محروم بڻيل آهي. جيتوڻيڪ. اسپتال عارضي طور تي ڪم نه ڪري پئي پر سمورو اسٽاف صحت کاتي جي ٻين اسپتالن کان ڊيپوٽيشن تان آندل آهي.

هي ڳالهه به ڏيان ۾ آڻجي ته حيدرآباد ستيءَ ۾ ضلعي ۾ وڏي سول اسپتال سان گڏوگڏ اتڪل سورنهن ڊسپنسريون (اڳوٽي بلديه هيٺ) به ڪم پيون ڪن. جڏهن ته لطيف آباد ۾ پٽائي اسپتال جي نالي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائم تعلقي اسپتال سميت اٽڪل اٺ ڊسپينسرين وسيلي ۽ عوام صحت جي بنيادي سهولتن مان فائدو پيو ماڻي پر هيءَ ڏک جهڙي ڳالهه آهي ته قاسم آباد تعلقي ۾ مٿي ڄاڻايل تعلقي اسپتال کانسواءِ کابه سرڪاري اسپتال يا ڊسپينسري موجود نه آهي. تنهن هوندي به ڪجهه نجي ادارا گهٽن سالن کان قاسم آباد تعلقي اسپتال کي نجي ادارن حوالي ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪندا رهيا آهن، جنهن عمل ۾ صحت کاتي جي ڪجهه عملدار به مبينا ملوث رهيا آهن.

ياد رهي ته هاڻوڪي حڪومت اسپتال لاءِ خرچ ۾ پئسا ته منظور ڪيا آهن، پر اُهي اڃا جاري نه ڪيا آهن ۽ چيو وڃي ٿو ته اهي پئسا اڳئين مالياتي سال جاري ڪيا ويندا.

(دوآبو گورنمنٽ گرلز ڊگري ڪاليج قاسم آباد جي 2005ع مئگزين تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر فتح الدين ايڇ ميمڻ مرحوم

ڪوٽڙي شهر جي تاريخ

① شهر ڪوٽڙي واقع سنڌو نديءَ تي هئڻ ڪري بندرگاهه جي حيثيت رکي ٿو. هي هڪ تمام پراڻو بندر آهي. صحيح معنيٰ ۾ ڪوٽڙي شهر جو وجود ۾ اچڻ جو خاص ۽ اولين سبب بندرگاهه ئي آهي.

هي شهر دنيا جي نقشي ۾ 22_25 ڊگريون اتر ويڪرائي ڦاڪ 22_68 اوير ڊگهائي ڦاڪ ۾ اتڪل ڇهن چورس ميلن ۾ آباد آهي. هي شهر حيدرآباد شهر کان اتڪل ساڍا چار ميل اولهه طرف سنڌوندي جي ساڄي ڪپ تي نهايت آباد ۽ نظاريدار شهر آهي ۽ هن وقت دادو ضلع جو ڏاکڻو سرحدي ۽ مشهور شهر آهي.

سنڌ جي ٻين پراڻين شهرن وانگر هي شهر ايترو پراڻو ڪونهي. هن کان وڌيڪ جديد شهر سنڌ ريجن ۾ ورلي ڪو هوندو هن شهر کي آباد ٿئي اتڪل ٻه ڏيڍ سو سال مس ٿيا آهن. عام طرح چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن شهر ۾ قبرون (مقام) تمام گهٽيون هيون. سڄي شهر جي ايراضي مقام هو. جتي هن وقت ماڻهو قيام پذير آهن.

جيئن ته تمام عرصو ڪوٽڙي شهر ملڪن جي جاگير ۾ آباد هو جي اجا تائين يون پاڙو وصول ڪندا آهن. تنهن ڪري ملڪن جي باري ۾ ڪجهه تاريخ حقيقت پيش ڪرڻ ضروري آهي:

---

① Sind Gazzattes. 1919 page: 37

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

① عيسوي پندرهن صدي ڏاري يعني مغلن جي حڪومت واري دور ۾ راجپوتانا رياست جو هڪ سردار ملڪ عيسب خان ڪن سياسي سببن ڪري راجپوتانا ڇڏي پنهنجن ٻين ائٽن پائرن سان گڏ سنڌ ملڪ ۾ اچي وارد ٿيو. جيڪو سنڌ جي ڪيترن شهرن مان ڦرندو گهرندو نيٺ سنڌوندي پار ڪري، ڪوٽڙي کان اولهه طرف اٽڪل 32 ميلن جي مفاصلي تي کيرٿر جبل جي قطارن ۾ وڃي قيام پذير ٿيو. جيئن ته هي سردار پاڻ ۾ ڪل نوَ ڀڻا هئا تنهنڪري مٿن نومردي يا نومڙيا (يعني نو ڀڻا) نالو پئجي ويو. ايا تائين محال ڪوهستان جي ٽاڪي بولا خان شهر کان اٽڪل ڇهن ميلن جي مفاصلي تي ڳوٺ ٽاڪي احمد خان ۾ موجود آهن. هن وقت ملڪ سڪندر خان پڳدار آهي، جو صوبائي اسيمبلي مغربي پاڪستان جو ميمبر پڻ آهي.

انهيءَ زماني ڪانوڻي قيام پاڪستان کان چند سالن تائين ڪوٽڙي شهر ملڪن جي جاگير ليکجڻ ۾ ايندو هو.

سن 1828ع کان اڳ ڪوٽڙي شهر جو ڪوبه وجود ڪونه هو. فقط سنڌوندي جي ڪپ تي هڪ ننڍڙو پٽڻ هوندو هو. جتي ٻيڙيون سامان وغيره لاهيندڙيون هيون ۽ ڪٽندڙيون هيون. ملڪن جا ٻه ماڻهو موجود هوندا هئا جي ٻيڙين تان ملڪن جي طرفان ناڪو وصول ڪندا هئا. جي هن وقت شهر آهي اتي ڪجين جي وڻن جا جڳهتا هوندا هئا، جڻ ڪجين جو ٻيلو لڳو پيو هوندو هو. اڄ ٻه ڪوٽڙي ۾ ڪجين جا ڪيترائي باغ آهن. هتي "هليلا" مشهور آهن. گهوڙيا "ڪوٽڙي جا هليلا، "ڪوٽڙي جا هليلا" جو هوڪو ڏيندا آهن.

شهر کان ڏکڻ طرف اٽڪل ڇهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ننڍڙو ڳوٺ "ڪاروکهو" نالي سان اڄ ٻه آباد آهي سو تنهن زماني ۾ ڪوٽڙي کان وڏيڪ آباد هوندو هو. اتي مهاڻن جا اٽڪل ٻه سو ڪن گهر

---

[1] Book of Five Rivers

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندا هئا. جن جو گذران مڇي پلي تي هوندو هو.① اڄ بہ اوترائي گهر انهن حالتن ۾ موجود آهن. ڪوٽڙي جا پلا پڙ مشهور آهن.

1835ع ۾ جيئن انگريزن هندوستان سان واپار جو سلسلو جاري رکي ڇڏيو هو تنهنڪري لنڊن جي ڪن سرمايہ دار واپارين جي اها اچي نيت تي تہ سڄي سنڌوندي تي قبضو ڄمائجي تنهنڪري انهن هڪ "انڊس فلوٽيل" نالي ڪمپني کولي جنهن جا ڇاڙتا هندستان ۾ بمبئي تائين وڃي نڪتا. انهيءَ ڪمپني جي وڏي آفيس بمبئي ۾ هوندي هئي. سنڌوندي تي سندن مرڪز ڪوٽڙي ۾ هو.② ڪوٽڙي ۾ جتي هن وقت جي تعلقہ آفيس آهي اتي سندن هڪ ننڍرو قلعو هوندو هو جنهن جي ايراضي 338X338X21 هئي. مٿس ڪل خرچ 20103 روپيہ آيو هو. جنهن ۾ مرمت لاءِ هڪ عاليشان ورڪشاپ هوندي هئي ۽ ٻئي طرف سندن آفيس. ڪمپني جا ڪيترائي انگريز ملازم لوڪو ڪوٽڙي ۾ رهندا هئا. شهر ۾ فقط چند گهرڙا شيدين ۽ گدن جا هوندا هئا. جي ملڪن جا خاص ماڻهو هوندا هئا. سندن گهر ڪجين جي پٽن جون ڪچيون لانڊيون ۽ ڪجين جون پٽريون هوندیون هيون. سڄي شهر ۾ صرف هڪ ڪجين جي پنن جو ٺهيل ڪچو دوڪان هوندو هو. جتان پٽڻ وارا مسافر کاڌي پيتي لاءِ سامان وغيره ونڻ ايندا هئا ۽ واپس پٽڻ تي هليا ويندا هئا. پٽڻ تي مسافرن جي رهڻ لاءِ ڪوبہ بندوبست ڪونہ هوندو هو. چند ڪپڙي جون رانٽيون هوندیون هيون جن ۾ چگا چگا واپاري اچي رهندا هئا باقي غريب غربا ميدان ۾ راتيون ڪاٽيندا هئا. بندرگاهہ تي اختياري وارن انگريزن جا 20_25 بنگلا هوندا هئا.

جتي پهرئين ڪاٺ جون تراکڙيون ٻيڙيون هلنديون هيون اتي هاڻي هن ڪمپني جا جهاز هلڻ لڳا. جتي پهرين هڪ معمولي گهيڙ

---

① Blue Book of Sind

② Economic History of Sindhi

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو هو اتي هڪ ڪاٺ جي سليپرن جو ڊپو تيار ڪرايو ويو. مڪران وغيره کان جيڪو واپار جو سامان پنجاب يا سنڌ ۾ ويندو هو سو سڀ درياماڻ هن پار ڪڇي ويندو هو. ٻيو سامان درياءَ رستي جهازن ۾ چڙهي سکر ۽ ملتان ويندو هو.

هن ڪمپني جا جهاز هفتي ۾ هڪ ڀيرو ملتان ۽ سکر طرف ڪوٽڙيءَ کان سامان سان پرجي نڪرندا هئا. پاڙو ملتان تائين ٽي روپيه سادا ڀارنهن آنا في مڻ جي حساب سان ورتو ويندو هو. جهازن کي ڪوٽڙي کان ملتان تائين پهچڻ ۾ 24 ڏينهن لڳندا هئا. درياءَ پار سامان لاهڻ لاءِ ٻيو بندر گهيلن وٽ هوندو هو. هتان واپار جو ڪيتروئي سامان جهازن ۽ ٻيڙين ۾ چڙهندو هو. اناج، ماکي، ڪاٺ، جانور ۽ مسافر وغيره. اهو پهاڪو گهڻو ڪري ته سيڪنهن ٻڌو هوندو ته ڪو ماڻهو ناسمجهائي سبب اجائي ضد ڪندو آهي ته چوندا آهن ته "اهڙي مار کائيندين جهڙي اٺ کائي پٽڻ تي" تنهن زماني ۾ اها عين حقيقت هئي. انن جو ٻيڙي يا جهاز ۾ چڙهڻ هڪ قسم جو عجيب نظارو هوندو هو. اٺ اڳيئي بيوقوف مشهور آهي. جڏهن چاڙهيندا هئا ته ويچارو هڪ طرف ايڌو وڏو درياءَ ٻئي طرف جهازن جا دهيل ۽ دونهن جا ڪارا ڪڪر ۽ ٻيڙيون ڏسندا هئا ته ڏاڍو ڊڄندا هئا. هڪ انن جون رڙيون ٻئي پاسي جتن جا ڏنڌن جا وسڪارا ڇڪ ڇڪان عجيب ڇهڇتو لڳو پيو هوندو هو. جانور ڏاڍو مشڪل سان چڙهندا هئا.

سن 1843ع ۾ انگريزن مڪمل طرح سنڌ فتح ڪري ورتي هئي تنهن کان پوءِ البته بندرگاهه ڪجهه سڌري ويو هو انڊس فلوٽيل جي پهرئين سالانه هڪ لک ڪمائي ٿيندي هئي مگر پوءِ آهسته آهسته ٻين رستن وغيره جي نڪرڻ ڪري سندس سالياني ڪمائي گهٽجي 30 هزارن تائين ٿي تنهن ڪري 1854ع ڌاري جيئن ته اصلي انڊس اسٽيم نيويگيشن ختم ٿي ويئي ريلوي پوڻ ڪري ريلوي جا ملازم ڪوٽڙيءَ ۾

اچي آباد ٿيا هاڻي شهر هيڪاري آباد ٿي ويو.

انڊس اسٽيم جي ختم ٿي وڃڻ ڪري سرڪار کي پنهنجي حصي ۾ جيڪي جهاز مليا اهي "دي سنڌ پنجاب دهلي ريلوي" اختياري وارن جي حوالي ڪيا.

سن 1854ع ۾ ليڊي فريئر نالي هڪ انگريز دولتمند عورت ڪوٽڙي ۾ هڪ ديول ٺهرائي جيڪا سن 1888ع ۾ مڪمل طرح آباد ٿي ويئي. ديول ۾ عبادت ڪرڻ لاءِ هڪ سو نشستون هيون. منجهس هالا جي جنڊي جو سامان موجود هوندو هو. اڃيمل جا پراٽا پراٽا ڪتاب هتي رکيل هوندا هئا.

ڪوٽڙي ۾ مسلمان، هندو انگريز ۽ فارسي رهندا هئا. سن 1872ع ڏاري ڪوٽڙي شهر جي آبادي 7949 هئي جنهن ۾ 304 ڪرستان هوندا هئا. پارسين جو مقام به ايڏا تائين ڪوٽڙي شهر کان اولهه طرف آهي.

انگريزن جا بنگلا ڪوٽڙي شهر جي اتر اولهه طرف هوندا هئا. نهايت سهڻا ۽ ڪشادا ٺهيل هوندا هئا بنگلن جي اڳيان تمام سهڻا باغيچا هوندا هئا. گلاب جا گل اهڙا ته خوبصورت هئا جو: سنڌ جا پر سڄي هندستان ۾ ملڻ مشڪل هئا. بنگلن کان ويندي شهر ريلوي اسٽيشن تائين عاليشان سڏا ۽ صفائي وارا رستا هوندا هئا. رستن جي ٻنهي طرفن کان وڻن جي ساوڪ هوندي هئي. موجوده شهر وارو مکيه رستو وڏائي راس واهه ڏانهن مين روڊ سان ملايو ويو ٻئي طرف خانپور ڏانهن مياڻي واري رستي سان ڳنڍيو ويو. آهستي آهستي شهر ترقي ڪندو ويو. ڪافي سرڪاري خواهه نيم سرڪاري آفيسون ٺهنديون ويون.

مسٽر عيدالجي فارسي جو ان وقت پاڻي جي جهنڊن جو ٺيڪو ڪٺندو هو تنهن جو بنگلو نهايت خوبصورت هوندو هو. جتي ريلوي ملازمن ۽ انگريزن لاءِ شراب پاڻي جو بندوبست پڻ هوندو هو. بنگلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايا تائين موجود آهي مسٽر عيدلجي جو اولاد ايا تائين آباد آهي. شهر ۾ ٻه وڏا باغ هوندا هئا جن مان هڪڙو انڊس فلوٽيلا جي سپرنٽينڊنٽ مسٽر ولڪسن جو هوندو هو جو ڪجهه وقت ڪاميري باغ جي نالي سان سڏبو هو اڄ اتي غريب آباد ڪالوني آهي ۽ هڪ ٻه رڻ ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. ٻيو باغ هندن جو خانگي هوندو هو جو پهرئين باغ کان وڌيڪ مشهور هو.

سن 1883ع ڌاري پڪي مارڪيٽ، ڪاردار جي آفيس مسافرن لاءِ ڊاڪ بنگلو تعمير ٿي چڪو هو جنهن ۾ گوا کان آيل بورچي نوڪر موجود هوندا هئا ۽ تمام بهترين کاڌا تيار ڪيا ويندا هئا.

تنهن کان سواءِ هڪ گورنمينٽ اسڪول پبلڪ لئبريري ۽ ڪنڪس انسٽيٽيوٽ هوندي هئي. هاڻوڪي تعلقہ آفيس واري بلڊنگ ۾ سول اسپتال هوندي هئي جتي بمبئي کان مشهور ڊاڪٽر علاج خاطر ايندا رهندا هئا. هڪ ڏر مسالا ڊاڪ بنگلو ڪچو جيل ڊڪ، ميونسپل آفيس، پوسٽ، ٽيليگراف آفيس وغيره اڄ ٻه موجود آهن.

سن 1897ع ۾ سڄي سنڌ هند ۾ پليگ جي بيماري پکڙجي ويئي جنهن ڪري ڪيترا ماڻهو مري ويا ۽ گهڻا انگريز ڇڄي ويا. تنهن ڪري آدمشماري تمام گهٽي گهٽجي ويئي. ساڳي وقت ڪوٽڙي ۾ سن 1896ع کان 1904ع جي دوران درياءَ تي پل پڻ ٻڏجي رهي هئي. ايتري ۽ سڌاري باوجود سن 1901ع ۾ ڪوٽڙي شهر جي آدمشماري سن 1872ع جي مقابلي ۾ فقط 7617 هئي جن ۾ 259 ڪرستان هئا. وري سن 1911ع ۾ هيڪاري گهٽجي وڃي 7256 ٿي جن ۾ صرف 45 ڪرستان هئا.

ڪوٽڙي جو شهر درياءَ جي ڪنڊي تي هو ۽ سنڌو ندي جي سالياني اٿل ڪري ايامن کان وڻي مشهور آهي. تنهن ڪري هن شهر جي مٿان ڪيترائي ڀيرا انقلابي حالتون برپا ٿيندڻيون رهنديون هيون.

نئين بارڻ جيڪا شهر کان چار ميل ڏکڻ طرف سنڌوندي ۾ ڳنڍجي ٿي وڃي تنهن ڪوٽڙي کي ڪيئن پيرا ٻوڙيو آهي. ويتر سن 1914ع جي آگسٽ واري مهيني ۾ سنڌوندي ۾ بي پناهه چاڑهو اچڻ سبب سڄو شهر پاڻي هيٺ اچي ويو ۽ شهر ۾ ٻيڙيون هلڻ لڳيون. پراڻن پاڻي جي نيڪال وارن رستن سبب ڪوٽڙي وري به البته بچي ويئي.

تنهن کان پوءِ ڪوٽڙي ۾ سن 1944ع ڏاري هڪ منحوس بيماري منهن ڪڍيو تنهن ۾ هزارين جانيون سپرد خاڪ ٿي ويون سڄي شهر ۾ رڳو ڪتا پيا اوناياون ڪندا هئا. الله جي امان اهي ڏينهن ٿا ياد پون ته اڄ به بدن ڏکيو وڃي وري سن 1949ع ۾ ٻي ٻوڏ آئي مگر اها اهڙي خطرناڪ نه هئي، ٻڌڻ جو اندیشو هو. هاڻ البته غلام محمد بئريج پوڻ کان پوءِ ڪوٽڙي شهر کي ساليانه ٻوڏ کان نجات ملي وئي.

(سچل مڱزين 1966ع سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد تان ورتل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نور محمد پٹو

مهراڻ آرٽس ڪائونسل

مهراڻ آرٽس ڪائونسل 1963ع ڌاري قائم ڪري 1964ع ڌاري وزارت تعليم حڪومت پاڪستان امداد ڏني، ۽ قومي شاهراھ تي لطيف آباد ۾ ميونسپل طرفان ان لاءِ زمين الاٽ ڪئي وئي، جنهن تي 1966ع ڌاري انتظامي آفيس جي لاءِ بلاڪ تعمير ڪيو ويو. جنهن ۾ هڪ ريفرنس لائبريري پڻ قائم ڪئي وئي آهي. 1990ع ۾ جڏهن ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ جي حوالي ٿيڻ بعد 36 لک روپين جي لاڳت سان آڊيٽوريم تعمير ڪيو ويو جنهن ۾ 800 کان هڪ هزار ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش آهي، جنهن جي ساڄي پاسي آرٽ گئلري آهي. جتي 2005ع ۾ ظفر ڪاظمي، عبدالفتاح هاليپوٽو، نادر آغا، استاد شمشير، موهن داس ۽ ٻين جي تصويرن جي نمائش ڪئي وئي. اڌارو سنڌ جي ثقافتي ورثي کي محفوظ ڪرڻ سميت فائن آرٽس، مروج دستڪاريءَ جي واڌاري لاءِ ڪوششون ونڊي رهيو آهي. 1971ع کان 1974ع تائين ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ عبدالحميد آخوند (ڊائريڪٽر پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد) اعزازي سيڪريٽري مقرر ڪيا ويا. جڏهن ته 1975ع کان عبدالرزاق چانڊيو کي باقاعده سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. ان عهدي کي 1987ع ۾ اپ گريڊ ڪري ڊپٽي ڊائريڪٽر جي پوسٽ منظور ڪئي وئي. موجوده سيڪريٽري رابعہ ياسمين جميل زبيري نومبر 2004ع کان ان عهدي تي ڪم ڪري رهي آهي. 1970ع کان ڊويزنل ڪمشنر جي سربراهيءَ ۾ بورڊ آف گورنرس قائم ڪيو ويو. 1971ع ۾ مسرور احسن (ڪمشنر حيدرآباد) ان جي پهرين گڏجاڻي ڪوٺائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کانپوءِ الله بخش سومرو ڪمشنر حيدرآباد ۾ ٻيا سرگرم رهيا. آرٽس ڪائونسل 23 مارچ، 14 آگسٽ ۽ قائداعظم جو پيدائش وارو ڏينهن هر سال عقيدت ۽ احترام سان ملهائيندي آهي. حيدرآباد جي شهرين کان علاوه يونيورسٽي، ڪاليج ۽ اسڪول جا شاگرد پرپور نموني سان حصو ونندا آهن. آگسٽ 1978ع کان مقابلا حسن قرآت ۽ تقريري مقابلا ٿيا. پهرين مقابلي واري تقريب جا خاص مهمان غلام رباني آگرو ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي هئا. فيبروري 1979ع ۾ لطيف ڪوئيز عيد ميلاد النبي ص، بارن جي عالمي سال ۾ موسيقيءَ جو مقابلو ۽ قومي گيتن جو مقابلو ڪرايو ويو ۽ احمد فراز شاعر سان شام ملهائي وئي. 1980ع ۾ اوپن ايئر ٿيٽر ۾ چيني فنڪارن طرفان فن جو مظاهرو ڪيو ويو. خاص مهمان علي محمد شيخ ڊويزنل ڪمشنر هو. ساڳئي سال حضرت قلندر شهباز جي ورسي ملهائي وئي. جنهن ۾ عابده پروين، علڻ فقير ۽ ٻين فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. فيبروري 1980ع ۾ اسلامي خطاطي جو افتتاح ڊويزنل ڪمشنر عبدالله جي ميمڻ ڪيو. جرمنيءَ جي تصويرن جي نمائش، نيپال جي ٽڪيٽن جي نمائش، 23 مارچ تي بارن جي قومي گيتن جو مقابلو ٿيو. آگسٽ 1980ع ۾ صحافي اديب محمد خان غني مرحوم جي پهرين ورسي ملهائي وئي، ان موقعي تي غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ محمد عثمان ڏيپلائي شرڪت ڪئي. ساڳئي مهيني ۾ تماهي مهراڻ جي ايڊيٽر مولانا غلام محمد گرامي جي ورسي ملهائي وئي.. 1986ع ۾ فقير عبدالغفور جي ورسي ملهائي وئي. آرٽس ڪائونسل ۾ ڪيترائي ناٽڪ 1978ع ڌاري پيش ڪيا ويا، جن ۾ منظور مراد، اي آر بلوچ ۽ ٻين مرزا قليچ بيگ جي لکيل ناٽڪ انڪوائري آفيسر ۾ ڪردار ادا ڪيو. ڪيترائي لوڪ فنڪار مائي پاڳي، محمد ابراهيم، محمد جمن، محمد يوسف، زرينا بلوچ هتي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪا آهن. مهتاب اڪبر راشدي پڻ اڪثر پروگرام ۾ شرڪت ڪندي رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1980ع ڌاري استاد بلال بينجيم، فقير عبدالغفور، فقير خادم حسين ۽ وحيد علي شرڪت ڪندا رهيا. سنڌ جي ان وقت جي گورنر جنرل جهانداد خان پڻ 1979ع ۾ مهراڻ آرٽس ڪائونسل جي هڪ تقريب ۾ شرڪت ڪئي. 1980ع ۾ ٽي وي جي ليڪڪ فاطمہ ثريا بجيا پڻ پروگرام ۾ شرڪت ڪئي. 6 سيپٽمبر تي ترانن جو مقابلو ڪرايو ويو. اپريل 2004ع تي جشن عيد ميلاد النبي صہ ٿي گذريو. آڪٽوبر 2004ع ۾ هٿ جي هنر جي نمائش ڪرائي وئي. اپريل 2005ع ۾ جشن عيد ميلاد النبي صہ ۾ آپا مريم سلطانہ نوحاڻي شرڪت ڪئي. مهراڻ آرٽس ڪائونسل ۾ 24 فنڪارن جي تصويرن جي ڳڙيل نمائش جو افتتاح سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر مظهرالحق صديقيءَ ڪيو. عورتن جي عالمي ڏينهن 8 مارچ 2006ع تي مينا بازار جو افتتاح ايڊيشنل سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت مسز رابعہ جويريا آغا ڪيو. مهراڻ آرٽس ڪائونسل لطيف آباد حيدرآباد پنهنجي محدود وسيلن جي باوجود علمي، ادبي ۽ ثقافتي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. مهراڻ آرٽس ڪائونسل جي آڊيٽوريم پرسان قائم گل محمد ڪتري ڪارنر ۽ ظفر ڪاظمي ڪارنر کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي. آرٽس ڪائونسل لوڪ فنڪاره صنم مارويءَ کي ملڪي سطح تي متعارف ڪرايو. آرٽس ڪائونسل کي جنرل ضياءُ الحق پرائيڊ آف پرفارمنس ايوارڊ ڏنو. مهراڻ آرٽس ڪائونسل طرفان بدين جي ثقافتي ميلي ۾ پڙهيل مقالن ۽ مضمونن تي ٻڌل ڪتاب 1976ع ۾ پڌرو ڪيو ويو. مولوي حاجي احمد ملاح جي منظوم ترجمي وارو قرآن پاڪ شايع ڪيو ويو. ذريعت الوصول حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي عقيدت ۾ تحرير ڪيل حضرت علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو فارسيءَ ۾ ڪتاب شايع ڪيو ويو.

ان کان سواءِ ميوزيڪل انسٽرومنٽ آف سنڌ آرٽس اينڊ ڪرافٽس، سنڌ ۾ اردو شاعري، سنڌ کي مختلف ڪلام پر مبني ڪتاب سب رنگ، هسٽري آف ڊرامہ سنڌي شايع ڪيا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راز شاهاڻي

سنڌي ادبي بورڊ جي تاريخ

تاريخ:

سنڌ صدين کان وڻي علم، ادب جو گهوارو رهي آهي. هن ڌرتيءَ هر دور ۾ ڪيترن ئي عالمن، اديبن، شاعرن، سگهڑن ۽ دانشورن کي پئي جنم ڏنو آهي، جن نہ فقط پنهنجي ٻوليءَ جي جهولي پري آهي پر عالمي ادب ۾ پڻ پاڻ موکيو آهي. اهوئي سبب آهي جو عربي ادب ۾ امام اوزاعي، ابو معشر سنڌي ۽ ابو عطا سنڌيءَ جهڙا سگهارا دانشور ڳر کڻي اڄ بہ پنهنجي حيثيت مجرائي رهيا آهن. فارسي ادب ۾ اسان جي وڏڙن بي مثال خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ هن ئي ڌرتيءَ "هفت زبان" شاعر پيدا ڪيا. اهي روايتون اڳ بہ قائم هيون ۽ اڄ بہ قائم آهن. البت هر دؤر ۾ انهن روايتن جو رنگ ۽ ڍنگ الڳ الڳ رهيو آهي.

انگريزن جي اچڻ کان اڳ صوفي بزرگن ۽ روحاني رهبرن جون خانقاهون، ديني مدرسا ۽ مڪتب ۽ سگهڑن سپورنجن جون ڪچهريون اسان جي ٻولي، علم ادب ۽ ثقافت جا مثالي ادارا ٿي رهيا. 1843ع ۾ ڏارين جي اچڻ سان نئين انتظام، نئين تهذيب ۽ نئين تعليم اسان جي انهن ادارن کي متاثر ڪيو. هن ئي دؤر ۾ علم، ادب، درس و تدريس جا نئين روپ سان ادارا جڙيا ۽ تنظيمون ٺهيون.

1853ع ۾ سنڌ جي تڏهوڪي ڪمشنر سربارٽل فريئر جي ڪوشش سان موجوده عربي-سنڌي لپي ٺهي ۽ سنڌي زبان ۾ ان جو علم ادب ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. وقت ۽ حالتن جي علمي، ادبي ۽ تعليمي تقاضائن کي ڏيان ۾ رکندي تڏهوڪيءَ سرڪار ورنيڪيولر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لٽريچر ڪاميٽي" جوڙي، جنهن سنڌيءَ ۾ درسي ۽ ادبي نوعيت جا ڪيترائي ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا.

1936ع ۾ جڏهن سنڌ بمبئي پريزيڊنسي کان الڳ ٿي پنهنجي صوبائي خود مختياري حاصل ڪئي تہ سنڌ سرڪار پنهنجي بولي، علم ادب، تاريخ ۽ ثقافت جي تحفظ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوششون وٺڻ شروع ڪيون. انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ آگسٽ 1940ع ۾ تڏهوڪي سنڌ جي تعليم جي وزير سائين جي ايم سيد جي تحريڪ سان سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ قائم ٿيو. انهيءَ ساڳئي بورڊ کي 1948ع ۾ نئين سر تشڪيل ڏنو ويو. نئين بورڊ پنهنجي ٽن سالن جو مدو پورو ڪيو تہ 1954ع ۾ بورڊ جي نئين سر تشڪيل ڪئي وئي. 1950ع ۾ تڏهوڪي سنڌ سرڪار سنڌي ادب لاءِ اعليٰ اختيار جي ڪارواري ڪاميٽي مقرر ڪئي تہ جيئن "مرڪزي صلاحڪار بورڊ" سنڌي ادب جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ جيڪي رٿائون وڙي تن کي اها ڪاميٽي عمل ۾ آڻي.

ڊسمبر 1951ع ۾ سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ کي ٽوڙيو ويو ۽ سنڌي ادب لاءِ اعليٰ اختيار جي ڪارواري ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي تعداد کي ستن مان وڌائي يارنهن ڪيو ويو ۽ تعليم، صحت ۽ مڪاني ادارن واري کاتي جي نمائندا نمبر 4694-4619/B تحت سيد ميران محمد شاهہ جي سربراهيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ قائم ڪيو ويو. بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي رجسٽريشن آف سوسائٽي ايڪٽ 1860/XXI تحت نمبر 468 بتاريخ 26 مارچ 58_1957ع تي خيرپور ميرس ۾ اسسٽنٽ رجسٽرار آف جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيز جي آفيس ۾ رجسٽر ڪيو ويو.

اهڙيءَ ريت گذريل 55 سالن جي تاريخ ۾ بورڊ جي چيئرمين ۽ سيڪريٽريءَ سميت بورڊ آف گورنرس جي ميمبرن ۽ مختلف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاميٽين ۾ مختلف وقت تي قير قار/ واڌارو ٿيندو رهيو. تازو دانشور، استاد ۽ محقق پروفيسر ڊاڪٽر حميده کهڙو سنڌ جي تعليم جي وزير جي حيثيت سان 13 جولاءِ 2004ع تي بورڊ جي چيئرپرسن طور ذميواريون سنڀاليون آهن. جڏهن ته ان کان اڳ سنڌ حڪومت طرفان آڪٽوبر 2003ع تي سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪ ۽ سنڌي يونيورسٽيءَ جي استاد انعام الله شيخ کي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ڪري بورڊ آف گورنرز ۽ ڪاميٽين جي هيٺين ريت تشڪيل کي عمل ۾ آندو ويو.

تنظيمي ڍانچو

بورڊ آف گورنرس: بورڊ لاءِ راهنما پاليسيون مرتب ڪرڻ ۽ اُن جي جملي ڪم ڪار جي نظرداريءَ لاءِ 13 ميمبرن تي ٻڌل بورڊ آف گورنرس تشڪيل ڏنل آهي، جنهن جو سربراهه صوبائي وزير تعليم ۽ لٽريسي حڪومت سنڌ آهي. چيئرمن/ چيئرپرسن جي غير موجودگيءَ ۾ وائيس چيئرمين سندس اختيار استعمال ڪرڻ جو مجاز آهي. جنهن جي چونڊ بورڊ جا ميمبر گڏيل طور ڪندا آهن. انتظامي ڪاتي جي سربراهه جي حيثيت ۾ بورڊ جو ڪاروهنوار هلائڻ ۾ سيڪريٽري تعليم جي نظرداري ۾ رهي ٿي. بورڊ آف گورنرس کي هڪ ڪُل وقتي انتظامي آفيسر يعني سيڪريٽريءَ جون خدمتون حاصل آهن، جيڪو بورڊ جي عام رواجي ڪاروهنوار کي هلائڻ سان گڏ اداري جي پلاٽيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ وقت بوقت سفارشون، تجويزون ۽ رٽائون ڪٽي بورڊ آف گورنرس جي اجلاس ۾ پيش ڪندو آهي. بورڊ آف گورنرس جي اجلاس ۾ پيش ڪندو آهي. بورڊ آف گورنرس بااختيار آهي ته سيڪريٽريءَ پاران پيش ڪيل سمورين سفارشن / صلاحن کي قبول يا رد ڪري ڇڏي. ان کان علاوه بورڊ آف گورنرس جا ميمبر وقت بوقت پنهنجين گڏجاڻين ۾ بورڈ جي پلاٽيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ مختلف حڪمت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمليون طئہ ڪندا رهندا آهن.

ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي: ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي بورڊ جي ترقياتي ۽ انتظامي ڪمن جو جائزو وٺڻ سان گڏ بورڊ جي رٿائن کي عملي جامو پارائڻ لاءِ پنهنجون تجويزون ۽ رٿون بورڊ آف گورنرس کي ڏيندي آهي. هن ڪاميٽيءَ ۾ چيئرمين ڪانسواءِ ٽي ميمبر شامل آهن.

مالي ڪاميٽي: مالي ڪاميٽيءَ کي بورڊ جي مالي وسيلن جي نظرداريءَ جي ذميداري سونپيل آهي. ان کان علاوه سالياني بجيٽ جي پڙتال بہ اُن جي ذمي آهي. هيءَ ڪاميٽي چيئرمين کانسواءِ ٻن ميمبرن تي ٻڌل آهي.

پبليڪيشن ڪاميٽي: پبليڪيشن ڪاميٽي بورڊ پاران مختلف ليکڪن کان لکرايل/ مليل مسودن جي چنڊ ڇاڻ ڪري انهن کي ڇپائڻ ۽ اڳ ڇپيل ڪتابن کي ٻيهر ڇپرائڻ بابت بورڊ آف گورنرس کي سفارشون ڏيندي آهي. ان کان سواءِ ڇپائيءَ واري ڪم جي اڪلاءَ ۽ ان جي معيار جي نظرداري بہ ڪاميٽيءَ جي ذميدارين ۾ شامل آهي. هن ڪاميٽيءَ ۾ چيئرمين کان علاوه چار ميمبر شامل آهن.

اهي ڪميٽيون وقت بورڊ ۾ پنهنجون گڏجاڻيون منعقد ڪري کين مليل اختيارن تحت سفارشون مرتب ڪرڻ کانپوءِ بورڊ آف گورنرس ڏانهن موڪلينديون آهن. بورڊ پنهنجي آئيني قاعدن مطابق انهن سفارشن تي عملدرآمد ڪرائيندو رهندو آهي.

انتظامي ڍانچو

سيڪريٽري: معمول جي ڪاروهنوار جي نظرداري ۽ روز مرهہ جي انتظامي ۽ ادارتي ڪم جي اڪلاءَ جا جملي اختيار سيڪريٽريءَ وٽ آهن ۽ اهو ئي اداري جو انتظامي سربراهہ هوندو آهي. اداري کي فعال بڻائڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ ۽ ان جي ڪم ۾ تسلسل آڻڻ خاطر بورڊ آف

گورنرس جي فيصلن جي روشنيءَ ۾ طئه ٿيل طريقيڪار تحت، سيڪريٽريءَ جي وقت بوقت اداري جي پلائيءَ ۽ فلاح لاءِ عملي قدم، هدايتون ۽ احڪام جاري ڪندو رهندو آهي. ان کانسواءِ اداري ۾ ٿيندڙ / ٿيل ڪمن بابت بورڊ آف گورنرس کي آگاهي ڏيڻ لاءِ، هر ڇهين مهيني بورڊ آف گورنرس جي گڏجاڻي ڪوناڻ جو بندوبست ڪندو آهي. سيڪريٽريءَ کي بين علمي/ادبي ادارن پاران منعقد پروگرامن، ادبي تقريبن، ڪانفرنسن ۽ مذاڪرن ۾ بورڊ جي نمائندگي ڪرڻ ۽ بورڊ طرفان هر قسم جي لکپڙهه جا اختيار به حاصل آهن.

انتظامي شعبو: اداري جي جملي شعبن تي نظرداري رکڻ ۽ معمول جو ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ "انتظامي شعبو" قائم ٿيل آهي. اداري طرفان مختلف ادارن ڏانهن لکپڙهه جي ڪم جو ذمو به هن شعبي جي حوالي آهي.

پبليڪيشن جو شعبو: بورڊ ۾ موجود مختلف اديبن ۽ ليکڪن جي ڪتابن/ تحريرن جي مسودن جو معيار/ اهميت جاچڻ ۽ ان کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ لاءِ پبليڪيشن جو الڳ شعبو قائم ٿيل آهي، جتي پبليڪيشن ڪاميٽيءَ طرفان منظور ٿيل مسودن/ تحريرن کي ڏيان سان سنيالي، چنڊي چاڙي پريس جي شعبي تائين پُڄائڻ جو بندوبست ڪيو ويندو آهي، ان کان علاوه پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي هدايتن جي روشنيءَ ۾، مختلف ليکڪن ۽ اديبن کي تاريخ، ٻولي ۽ ثقافت جي مختلف موضوعن تي مسودا لکرائڻ خاطر هيءُ شعبو ليکڪن سان لهه وچڑ ۾ ايندو آهي.

اڪائونٽس جو شعبو: بورڊ جي جملي مالي معاملن جو اڪلاءُ اڪائونٽس شعبي ۾ ٿئي ٿو. ملازمن جون پگهارون ادا ڪرڻ، سالياني گرانٽ جي وصول ۽ مالي امداد جي حوالي سان لکپڙهه جي ذميواري نيائڻ جو ڪم به هيءُ شعبو سرانجام ڏئي ٿو. ان کان علاوه بورڊ جي

مجموعي خرچن جي آڏت جو اختيار به اڪائونٽس شعبي وٽ آهي.

پريس جو شعبو: ڪتابن جي مسودن، مخطوطات ۽ قلمي نسخن کي ڇپائيءَ جي مختلف مرحلن ۾ داخل ڪرڻ لاءِ "پريس جو شعبو" قائم ٿيل آهي. مسودن کي ڪمپيوٽر جي شعبي ۾ ڪمپوز ڪرائڻ کان پوءِ پروف چيڪ ڪرڻ واسطي پبليڪيشن ۽ اتان وري پروفنگ شعبي تائين رسائڻ ۽ اُتان سفارش ٿيل درستگيون ڪرائي ڇپائيءَ ۽ بائينڊنگ جي مرحلن ۾ داخل ڪرڻ هن شعبي جو ڪم آهي. ان کان علاوه ڇپائيءَ جي مشينن وغيره جي سار سنيال ۽ اُن سان لاڳاپيل مڪمل رکارڊ به هن شعبي ۾ رکيو وڃي ٿو.

پروف ريڊنگ جو شعبو: ڪتابن جا مسودا ڪمپوز ٿيڻ کانپوءِ انهن جي درستگي ۽ معيار جي جملي ذميواري پروف ريڊنگ جي شعبي مٿان عائد آهي. مڪمل ڏيان ۽ نظرداريءَ سان ڪتابن جا پروف چيڪ ڪرڻ، فهرست ۽ ڏسٽيون ترتيب ڏيڻ، ڪتابن جا پروف مختلف ماهرن تائين رسائي ڪم جي وقت سر اڪلاءُ لاءِ ساڻن رابطي ۾ رهڻ ۽ بعد ۾ ڪانئن پروف واپس وٺي حتمي مرحلي ۾ داخل ڪرڻ کان علاوه مسودن جي ايڊيٽنگ وغيره ڪرائڻ جهڙا ڪم هن شعبي جي ذمي آهن.

ايڊيٽوريل اسٽاف: بورڊ طرفان جاري ٿيندڙ علمي ۽ ادبي رسالن ته ماهي "مهراڻ"، عورتن جي رسالي ماهوار "سرتيون" ۽ ٻارڙن جي ماهوار رسالي "گل ڦل" جي وقت سر ۽ معياري اجراءَ لاءِ الڳ "ايڊيٽوريل اسٽاف" مقرر ٿيل آهي.

عوامي رابطي جو شعبو: بورڊ ۾ ٿيندڙ علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين جي انعقاد ۽ انهن کي ميڊيا ذريعي اُجاگر ڪرڻ، توڙي ٻين ادارن ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان رابطي ۾ رهڻ لاءِ عوامي رابطي جو شعبو تازو ئي قائم ڪيو ويو آهي. هن شعبي جي ذمي اداري جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويب سائيٽ کي اپ ڊيٽ ڪرڻ. بورڊ جو خبرنامو ۽ بروشر وغيره وقت سر آڻڻ. ڪانسواءِ مختلف فنڪشنز، مشاعرن، ليڪچر پروگرامن وغيره جو انتظام ڪرڻ ۽ انهن تقريبن ۾ بورڊ جي ڪتابن جا اسٽال لڳرائڻ ۽ بورڊ جي رسالن ۽ ڪتابن جي پذرائيءَ بابت عوام کي آگاهه ڪرڻ جو ڪم سونپيل آهي. ان ڪانسواءِ اداري کي بهتر حالت ۾ رکڻ ۽ انتظاميه سربراهه جي هدايتن تحت مختلف پروگرامن ۾ بورڊ جي نمائندگي ڪرڻ جون ذميواريون به هن شعبي کي مليل آهي.

طبعي جوڙجڪ

مُک انتظامي عمارت: سنڌي ادب، ٻولي، ثقافت ۽ تاريخ تي تحقيقي ۽ تخليقي ڪم ۾ اڳيرائي ۽ ادارتي معاملن جي بهتر نموني اڪلاءَ خاطر ابتدا ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" جي آفيس هڪ نجي عمارت "امين منزل" ۾ قائم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي جي حدن اندر انڊس هاءِ وي لڳ سنڌ يونيورسٽي ريلوي اسٽيشن جي سامهون سنڌ يونيورسٽيءَ پاران مليل 10 ايڪڙ پلاٽ تي هڪ عمارت تعمير ڪرڻ جي رٿا شروع ڪئي وئي، جيڪا 1972ع ۾ مڪمل ٿي. اهڙي ريت ان سال ئي "امين منزل" گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ عارضي بنيادن تي قائم ٿيل بورڊ جي آفيس کي نئين عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو.

نئين جُڙيل هڪ ماڙ عمارت جي هيٺينءَ منزل کي بورڊ جي پريس لاءِ مخصوص ڪري اُتي ڇپائيءَ جي مشينري نصب ڪئي وئي. ان ساڳئيءَ منزل تي پريس مئنيجر جي آفيس، اسٽور، بائينڊنگ ۽ ڪمپيوٽر سيڪشن به قائم ڪيا ويا. عمارت جي پهرين ماڙ تي بورڊ جي چيئرمين ۽ سيڪريٽريءَ جون آفيسون، ريسرچ لائبريرين، جنرل برانچ، اڪائونٽ سيڪشن، بيورو آف پرائڊڪشن اينڊ پبليڪيشن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيا انتظامي شعبا موجود آهن. بورڊ طرفان ڇپجندڙ رسالن: ٽ ماهي مهراڻ، ماهوار سرتيون ۽ ماهوار گل ڦل رسالن جي ايڊيٽرن کي الڳ الڳ ڪمرا مخصوص ڪري ڏنا ويا آهن.

پريس: سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جو واحد ادبي/ علمي ادارو آهي، جنهن کي پنهنجن ڪتابن ۽ رسالن جي ڇپائيءَ لاءِ پريس جو مڪمل يونٽ حاصل آهي. جنهن ۾ جرمنيءَ جي ٺهيل رولنڊ ۽ هيڊلبرگ مشينن کانسواءِ ڪٽنگ مشين، ڪمپيوٽر سيڪشن، پيسٽنگ ۽ پليٽ ميڪنگ جون سهولتون به موجود آهن. پريس ۾ بورڊ جي پبليڪشن کي وقت سر معياري طريقن سان ڇاپي مارڪيٽ ۾ پهچايو وڃي ٿو. ان کان علاوه مختلف ڏيهي توڙي پرڏيهي ساک وارن ادارن جهڙوڪ: يونيسيف، ايسرا، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، سنڌي هوليءَ جي ٻااختيار اداري ۽ ٻين خانگي ادارن کان به مختلف وقتن تي ڇپائيءَ لاءِ ڪتاب/پروجيڪٽ ملندا رهن ٿا، جن مان حاصل ٽيندڙ منافعو بورڊ جي ٻلائيءَ ۽ ترقيءَ وارن منصوبن تي خرچ ڪيو وڃي ٿو.

سيڪريٽري هائوس: بورڊ آفيس کان الهندي طرف چند وکن جي فاصلي تي اداري جي انتظامي سربراهه جي رهائش "سيڪريٽري هائوس" قائم ٽيل آهي، جيڪو ڊرائنگ روم کانسواءِ ٽن ڪمرن ۽ ٽي وي لائونج تي مشتمل آهي. سيڪريٽري هائوس ۾ مختلف وقتن تي سنڌ جون نامياريون شخصيتون سيڪريٽريءَ طور مقرر ٿي رهائش اختيار ڪنديون رهيون آهن، جنهن سبب هن رهائشگاهه جي تاريخ اهميت ٿي چڪي آهي.

ملازمن جا ڪوارٽر: سيڪريٽري هائوس جي ڀاڪٽي پاسي ڪجهه وکن جي فاصلي تي بورڊ جي ملازمن جي رهائش لاءِ ٽي عدد، ڊي ٽائيپ ڪوارٽر تعمير ٽيل آهن. هر ڪوارٽر ۾ ٽن ڪمرن ۽ ورانڊي تي مشتمل آهي. ملازمن جي وڏيڪ تعداد ۽ محدود ڪوارٽر هجڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب اهي ملازمن جي سينارتي ۽ ڏميوارين کي نظر ۾ رکي الاٽ ڪيا ويڻ ٿا.

گودام: تلڪ چاڙهي حيدرآباد ۾ قائم بورڊ جي ڪتاب گهر واري عمارت جي خالي پيل ڇهن ڪمرن ۾ هڪ اسٽور قائم ٿيل آهي، جنهن ۾ بورڊ جون نيون توڙي پراڻيون شيون، مشينري، رڪارڊ ۽ وڪري لاءِ بورڊ توڙي ٻين ادارن کي گهرايل مختلف موضوعن تي نت نوان ڪتاب نهايت حفاظت ۽ نظرداريءَ سان رکيل آهن. اسٽور جي ٻن ڪمرن کي خاص طور نون ڪتابن سانڍڻ لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي، جن ۾ هڪ ئي وقت هڪ لک ڪتاب رکڻ جي گنجائش موجود آهن.

سهولتون

ڪُتب خانو: لائبريريءَ ۾ بورڊ پاران ڇپايل تخليقي، تحقيقي ۽ سنڌ جي تاريخ بابت ڇپيل ڪتابن کان علاوه سائنس، لوڪ ادب، لسانيات ۽ ٻين موضوعن بابت لڳ ڀڳ 10 کان 12 هزار ڪتاب موجود آهن، جن ۾ سنڌيءَ کان علاوه عربي، فارسي، اُردو، انگريزي ۽ پنجابي ٻولين ۾ ڇپيل ڪتاب شامل آهن. ڪتب خاني ۾ تاريخ ۽ ادب بابت 400 کان وڌيڪ مخطوطات پڻ محفوظ آهن، جن مان وقت بوقت ڏيهي توڙي پرڏيهي عالم، ڏاها، اديب ۽ دانشور ڄاڻ حاصل ڪندا رهن ٿا. ادب ۽ تحقيق جي حوالي سان ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جي تياري ڪندڙ شاگرد وقت بوقت لائبريريءَ ۾ مطالعي ۽ تحقيقي جي غرض سان اچي علم ۽ دانش جي برڪتن سان فيضياب ٿين ٿا.

نامياڻن محققن ۽ دانشورن سائين جي ايم سيد، سيد ميران محمد شاهه، شمس العلماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، علامه آءِ آءِ قاضي، مولانا دين محمد وفائي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويو، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، پير علي محمد شاهه راشدي، پير

حسام الدين شاهہ راشدي، مخدوم محمد زمان طالب المولي، مولانا غلام محمد گرامي، علي احمد بروهي، مولانا محمد ادريس ڏاهري، محترم محمد صالح گوپانگ هن ڪتب خاني مان فائدو حاصل ڪيو آهي. ان کان علاوه ايران ۽ سعودي عرب مان ڪهي آيل محقق ۽ عالم به مختلف وقتن تي لائبريريءَ ۾ مطالعي تي غرض سان ايندا رهن ٿا.

ڪتاب گهر: سنڌي ادبي بورڊ طرفان هڪ شاندار ڪتاب گهر/ٻڪ شاپ به قائم ڪيل آهي. تلڪ چاڙهي حيدرآباد ۾ موجود ان ڪتاب گهر ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپايل ڪتابن کانسواءِ ٻين ناميارن ادارن جا نوان توڙي نايابَ ڪتاب وڏي انگ ۾ مناسب اگهہ تي دستياب آهن. ان کانسواءِ پرڏيهہ توڙي ڏورانهن ماڳن تي رهائش پذير علم ۽ ادب سان چاهہ رکندڙن لاءِ وي پي ذريعي به ڪتاب گهرائڻ جو بندوبست ٿيل آهي. هن ڪتاب گهر تان سڄي ملڪ ۾ ڪتاب ۽ رسالا پهچائڻ جو سرشتو قائم ٿيل آهي، جنهن مان ملڪ جا علم دوست ذهن فيضياب ٿين ٿا. ڪتاب گهر سان لڳو لڳ تقريبن ٻہ هزار چورس فوٽن تي هڪ عمارت به بورڊ جي ملڪيت آهي، جنهن کي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ رٿابندي ٿي رهي آهي. ڪتاب گهر سان رابطي لاءِ فون نمبر 022_2633679 آهي.

ريسٽ هائوس: سنڌي ٻولي، تاريخ، ادب ۽ ثقافت تي تحقيق ۽ تخليقي ڪم جي ارادي سان بورڊ ۾ ايندڙ اديبن، دانشورن ۽ ليکڪن جي سهولت لاءِ ريسٽ هائوس قائم ٿيل آهي. جتي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪهي آيل ڏاها، عالم ۽ دانشور پنهنجي تحقيقي، تخليقي ۽ مطالعاتي ڪم دوران رهائش پذير ٿين ٿا. بورڊ جي هوادار فضا ۾ لکڻ پڙهڻ لاءِ موافق ماحول ۾ سندن تخليقي ڪم، ڪنهن رُخني بنا بهتر نموني مڪمل ٿئي ٿو. تازو ئي ريسٽ هائوس کي خاص طور سنڌي ادب لاءِ تحقيق ۽ تخليقي ڪم ڪندڙ اديبن، عالمن ۽ دانشورن

لاءِ مخصوص ڪري مناسب سهولتون مهيا ڪرڻ جو اعلان ٻه ڪيو ويو آهي.

مسجد شريف: بوربڊ جي مُک عمارت جي پر ۾ سنڌ جي ڪاشيءَ سان سينگاريل هڪ مسجد شريف ٻه تعمير ٿيل آهي، جيڪا پنهنجي اڏاوت ۽ خوبصورتيءَ ڪري نهايت دلڪش لڳي ٿي. مسجد ۾ ڏيوٽي ٽائيم دوران اداري جا ورڪر ۽ ڪوارٽرن ۾ رهندڙ ملازم نماز ادا ڪن ٿا. ان کانسواءِ جمعي جي نماز پابنديءَ سان پڙهائڻ جو بندوبست ٿيل آهي. مسجد شريف ۾ بوربڊ پاران هڪ پيش امام پڻ مقرر ڪيل آهي.

عوام ۾ جاڳرتا ۽ علمي ۽ ادبي ذوق پيدا ڪرڻ، نون توڙي پراڻن ليکڪن جي لکڻين کي سنواري سُڌاري ۽ ڇاپي عوام آڏو آڻڻ خاطر، سنڌي ادبي بوربڊ پاران عام پڙهندڙ ڪانسواءِ، عورن ۽ ٻارڙن لاءِ خصوصي طور رسالا جاري ڪرڻ جو بندوبست ٿيل آهي، جن ۾ نئين توڙي پراڻي ٽهيءَ جي تخليقڪارن جون لکڻيون شامل ڪيون وڃن ٿيون. ان کانسواءِ مڙني رسالن جي ايڊيٽوريل اسٽاف پاران ادب توڙي مختلف سماجي موضوعن ۽ مسئلن تي مذاڪرا، بحث مباحثا، سيمينار ۽ ورڪشاپ ٻه منعقد ڪرايا وڃن ٿا.

سنڌي ادبي بوربڊ پنهنجي 55 سالن جي تاريخ ۾ ڪتابن جي ڇپائيءَ کان وٺي ڪيترائي سيمينار، ورڪشاپ، مهورتي پروگرام، تعزيتي گڏجاڻيون ۽ سماجي جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي حوالي سان بحث مباحثن ۽ڏل مذاڪرا منعقد ڪرائي چڪو آهي. ان کانسواءِ تاريخ ۽ لوڪ ادب تي شاندار اسڪيمون جوڙي سنڌ جي علمي خزاني ۽ لوڪ ورثي کي محفوظ ڪرڻ جهڙا ڪم سرانجام ڏئي چڪو آهي.

اداري طرفان سنڌيءَ ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ادب، ثقافت، سنڌي شاعريءَ جي حوالي سان دنيا جي معتبر ليکڪن، اڪابرن جا لکيل سادا چار سئو کان وڌيڪ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. انهن ڪتابن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، حضرت سچل سرمست، چين راءِ سامي، خليفي نبي بخش لغاري، غلام محمد خانزئي، شاهہ شريف پاڏائي، حمل فقير لغاري، مخدوم حمد زمان طالب المولي جي ڪلام سان گڏ جامع سنڌي لغات، آتم ڪٿائون، سوانح عمريون، ڏيهي پرڏيهي ادب جا شاهڪار ناول، افسانا، ڪهاڻين جا مجموعا، لوڪ ادب سيريز، سنڌي بولي ۽ سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان نامور تاريخدانن، محقق، سيد طاهر محمد نفسياني نٽوي، يوسف ميرڪ، مير علي شير قانع، خانبهادر خداداد خان، رحميداد خان مولائي، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بند محمد دائود پوٽو، سائين جي ايم سيد، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين شاهہ راشدي، علامہ آءِ آءِ قاضي، سيد ميران محمد شاهہ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويي، محمد حنيف صديقي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجي، ڊاڪٽر اياز قادري، محمد سومار شيخ، پرويز حبيب الله، ڊاڪٽر درشهوار سيد، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، شيرين خان، عطا محمد ينيري، پيرومل مهر چند آڏواڻي، منگها رام اوجها، ڊاڪٽر ايچ آءِ سدارنگاڻي، پروفيسر ماڻڪ پٽاوالا، ايچ ٽي لئمبرڪ، پروفيسر اينميري شمل، جيمس برزن، ميجر جنرل ڊبليو ايف پي نپيئر ۽ ٻين ڪئين محققن ۽ ليکڪن طرفان تحرير، ترجمو ۽ تاليف ڪيل ڪتاب پڙهيا آهن.

انهن ڪتابن ۾ سنڌي بولي، تاريخ ۽ ثقافت بابت لکيل ڪتابن جهڙوڪ سنڌ هڪ عام جائزو، سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ، لُب تاريخ سنڌ، سنڌ جي فتح، ڳالهيون منهنجي سنڌ جون، مڪلي نامہ، تحفتہ الطاهرين، سنڌ جي دربار، سنڌ ۾ قديم ڪنڊرن جي ڪوٽائي، سنڌ جي اقتصادي تاريخ، سنڌ ۽ سنڌو ماٽر ۾ وسندڙ قومون، سنڌو ماٽر جي سيپيتا، تاريخ طاهري، تاريخ مظهر شاهجهاني، سنڌي بوليءَ جي تاريخ،

قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو، سنڌ جا قديم آثار، قديم سنڌ، پراڻو پارڪر، جنت السنڌ، تحفته الڪرام، چچ نامي، جهڙن شاهڪار سنڌي ڪتابن کان علاوه انگريزي، اردو، فارسي ۽ عربي ٻولين ۾ شاندار لکڻيون ڇپجي پڌريون ٿي چڪيون آهن. جڏهن ته ٻاراڻي ادب، لوڪ ادب ۽ لوڪ گيتن جي حوالي سان پڻ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.

مول ۽ مقصد

سنڌي ٻوليءَ جي آڳاڻي ادب ۽ تاريخ کي جديد انداز ۾ سهيڑڻ ۽ پرڻيهي ادب سان لاڳاپيل شاهڪار لکڻين کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي پڌرو ڪرڻ.

سنڌ جي تاريخ بابت لکيل مواد گڏ ڪري مفصل ۽ جامع انداز ۾ ڇپرائي پڌرو ڪرڻ.

سنڌ جي تاريخ، ٻولي ۽ ادب تي عربي، فارسي، اردو، انگريزي، سنڌي ۽ سنسڪرت ۾ لکيل ڪتابن، قلمي نسخن کي ترجمو ڪرائڻ يا اصلي زبان ۾ ڇپرائڻ لاءِ اُپاءَ ونڻ.

سنڌ جي سياست، ثقافت، تاريخ، جاگرافيائي حدن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ بابت ڇپيل ڪتابن کي اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائي شايع ڪرڻ لاءِ اُپاءَ ونڻ.

سنڌي ادب جي جامع تاريخ تيار ڪري ڇپرائڻ.

سائنسي اصطلاحن کي عام ڪرڻ وارو لٽريچر شايع ڪرڻ.

آڳاڻي دؤر جي ليکڪن جي مخطوطات ۽ مسودن کي نئين ٽيڪنالاجيءَ ذريعي ڇپرائڻ ۽ محفوظ ڪرڻ.

سنڌي ٻوليءَ جي شاعراڻي ادب کي همٿائڻ ۽ اُن جي اشاعت جو بندوبست ڪرڻ.

سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جي جديد بنيادن تي جوڙجڪ لاءِ اُپاءُ ونڻ ۽ ان ڏس ۾ جامع ڪتاب ڇپرائڻ سان گڏ لغتون تيار ڪرڻ.

سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ دانشورن جون ورسيون ملهائڻ ۽ ادبي صنفن سان لاڳاپيل ليڪچر پروگرام، سيمينار، ورڪشاپ منعقد ڪرڻ ۽ ڪتابن جي پڌرائي ڪرڻ.

سنڌي ادبي بورد جي چيئرمينن جي نالن جي فهرست

1. خانبهادر محمد ايوب کهڙو ڊسمبر 1951ع کان مارچ 1955ع تائين
2. خانبهادر محمد ايوب کهڙو مارچ 1955ع کان سيپٽمبر 1961ع تائين
3. نياز احمد (ڪمشنر حيدرآباد) سيپٽمبر 1961ع کان نومبر 1961ع تائين
4. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ نومبر 1961ع کان آڪٽوبر 1977ع تائين
5. علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي آڪٽوبر 1977ع کان جنوري 1989ع تائين
6. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جنوري 1989ع کان اپريل 1992ع تائين
7. ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو مئي 1993ع کان آڪٽوبر 1994ع تائين
8. حسين شاهہ راشدي آڪٽوبر 1994ع کان ڊسمبر 199ع تائين
9. عبدالحميد آخوند (وقتي) ڊسمبر 1996ع کان ڊسمبر 1996ع تائين
10. محمد ابراهيم جويو ڊسمبر 1996ع کان جولاءِ 2002ع تائين
11. غلام رباني آگرو جولاءِ 2002ع کان سيپٽمبر 2003ع تائين
12. عرفان الله مروت (وزير تعليم) سيپٽمبر 2003ع کان جون 2004ع تائين
13. مظهر الحق صديقي (وقتي) جون 2004ع کان جولاءِ 2004ع تائين
14. ڊاڪٽر حميده کهڙو (وزير تعليم) جولاءِ 2004ع کان ---

سنڌي ادبي بورد جي سيڪريٽرين جي نالن جي فهرست

1. محمد ابراهيم جويو ڊسمبر 1951ع کان فيبروري 1961ع تائين
2. عثمان علي انصاري (اعزازي) مارچ 1961ع کان سيپٽمبر 1961ع تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. سيد شاهہ محمد شاهہ آڪٽوبر 1961ع کان سيپٽمبر 1962ع تائين
4. سيد ميران محمد شاهہ (اعزازي) آڪٽوبر 1962ع کان جون 1963ع تائين
5. محمد ابراهيم جويو (اعزازي) جولاءِ 1963ع کان آڪٽوبر 1967ع تائين
6. غلام رباني آگرو (وقتي) آڪٽوبر 1967ع کان ڊسمبر 1967ع تائين
7. ڊاڪٽر اسدالله شاهہ حسيني ڊسمبر 1967ع کان جون 1970ع تائين
8. غلام رباني آگرو جون 1970ع کان فيبروري 1979ع تائين
9. سيد ظفر حسين شاهہ فيبروري 1977ع کان نومبر 1979ع تائين
10. غلام رباني آگرو نومبر 1979ع کان سيپٽمبر 1984ع تائين
11. محمد حسين تُرڪ سيپٽمبر 1984ع آڪٽوبر 1987ع تائين
12. غلام حسين شيخ (وقتي) آڪٽوبر 1987ع کان مارچ 1988ع تائين
13. حبيب الله صديقي مارچ 1988ع کان سيپٽمبر 1990ع تائين
14. ولي محمد رونجهو "ولي سروري" سيپٽمبر 1990ع کان فيبروري 1991ع تائين
15. عبدالغفار صديقي فيبروري 1991ع کان آگسٽ 1991ع تائين
16. محمد بچل پنهور "محبوب سروري" آگسٽ 1991ع کان مئي 1992ع تائين
17. سيد امداد حسيني مئي 1992ع کان مئي 1993ع تائين
18. شمشيرالحيدري مئي 1993ع کان اپريل 1995ع تائين
19. نفيس احمد شيخ (وقتي) 23 اپريل 1955ع کان 26 اپريل 1995ع تائين
20. مراد علي مرزا اپريل 1995ع کان مارچ 1996ع تائين
21. نفيس احمد شيخ (وقتي) مارچ 1996ع کان ڊسمبر 1996ع تائين
22. طارق عالم ابڙو ڊسمبر 1996ع کان جنوري 1997ع تائين
23. غلام رباني آگرو (اعزازي) جنوري 1997ع کان آڪٽوبر 2003ع تائين
24. انعام الله شيخ آڪٽوبر 2003ع کان ———

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد

بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد 1960ع ڌاري مينارام هاسٽل حيدرآباد شهر ۾ قائم ڪيو ويو بعد ۾ نئين عمارت ٺهڻ بعد موجوده لطيف آباد نمبر 9 حيدرآباد جي عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو.

پهريون چيئرمين ڊاڪٽر جي اي جعفري 1960ع کان 1965ع تائين

بي ڪي شيخ 1965ع کان 1966 تائين

پروفيسر ابراهيم شميم 1966 کان 1960 تائين

پروفيسر احمد سعيد خان 1969ع کان 1971ع تائين

پروفيسر محمد علي خان 1971ع کان 1972ع تائين

پروفيسر محمد اڪرم انصاري 1972ع

مسٽر ايچ ايم خواجه 1972ع کان 1979ع

واحد بخش شيخ 1979ع کان 1980ع تائين

علي محمد اي مهر 1980ع کان 1984ع تائين

مير محمد سيال 1984 کان 1985ع تائين

پروفيسر محمد حيات ڪاڪا 1985ع کان 1989ع تائين

بقا محمد قريشي 1989ع کان 1991ع تائين

پروفيسر رفيع الله صديقي 1991ع کان 1993ع تائين

پروفيسر محمد حيات ڪاڪا 1993ع کان 1995ع تائين

پروفيسر ڊاڪٽر صاحب خان چنا 1995ع کان 1998ع تائين

پروفيسر مسجاب زهره 1988ع کان 1999ع تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر ڊاڪٽر رشيدا انور 1999ع کان 2001ع تائين
پروفيسر ڊاڪٽر سلطان عباس 2001 کان 2008ع تائين
عبدالخالق شيخ اضافي چارج 2008
پروفيسر ڊاڪٽر فضل الحق
پروفيسر انجنيئر عبدالعليم خان خانزاده
پروفيسر محمد دائود ميمڻ 2014ع کان 2015ع تائين
پروفيسر ڊاڪٽر محمد ميمڻ 2015ع کان 2016ع تائين

حيدرآباد انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري بورڊ جي چيئرمينن جو تعارف

ماهر تعليم ڊاڪٽر غلام حسين جعفري

ڊاڪٽر غلام حسين جعفري 1905ع ۾ ضلعي دادو جي وسندي پان سيد آباد ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پان سيد آباد ۾ ميٽرڪ ناز هاءِ اسڪول خيرپور ميرس مان حاصل ڪري 1928ع ۾ بي اي جو امتحان امتيازي پوزيشن سان حاصل ڪيائون. سندس پهرئين ملازمت بحيثيت استاد مدرسه هاءِ اسڪول ميرپورخاص بعد ۾ مدرسه هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي جا هيڊ ماستر ٿيا. ايم اي، ايل ايل بي علي گڙهه يونيورسٽي مان ڪيائون. 1947ع ۾ ڪولمبيا يونيورسٽي امريڪا ۾ داخل ٿيا، 1951ع ڌاري ڊپٽي انسپيڪٽر آف ايجوڪيشن ضلعو نوابشاهه مقرر ٿيا. بعد ۾ ڪين گورنمينٽ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. ون يونٽ ٽهڻ بعد 1955ع ۾ اولهه پاڪستان اسٽيٽ ڊي پي آءِ لاهور ۾ مقرر ٿيا. جتي ساڻس علي محمد پٽو چيف رپورٽر اولهه پاڪستان اسيمبلي لاهور سان دوستي ٿي ويئي، جيڪا مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهي. 1959ع ڌاري حيدرآباد ريجن جا ڊائريڪٽر تعليم مقرر ٿيا. 1960ع ڌاري ڪاتي مان رٽائرڊ ڪيائون.

حيدرآباد ۾ بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن جو چيئرمين مقرر ڪيا ويا. 1973ع ڌاري پبلڪ اسڪول حيدرآباد جا پرنسپال مقرر ٿيا.

29 جون 1977ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. سندس رهائش گاهه خيرپور ميرس مير روڊ وٽ خاڪي شاهه جي پل پرسان اڄ به موجود آهي. ڊاڪٽر صاحب تعليم ڪاتي جو هڪ برجستو ۽ اعليٰ انتظامي صلاحيتن رکڻ وارو عملدار هو. ڊاڪٽر صاحب سنڌ جي تعليمي ميدان ۾ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون.

ماهر تعليم ايچ ايم خوجه (1972 to 1979)

سنڌ جو برڪ تعليمي ماهر ايچ ايم خوجه 8 آڪٽوبر 1907ع تي ٽنڊوباگو ضلعي بدين ۾ مهر علي خواجي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس پورو نالو حاجي خان خوجو آهي.

ايچ ايم خوجه ابتدائي تعليم اباڻي ڳوٺ ٽنڊوباگي ۾ مدرسي مان حاصل ڪئي. سندس وڏيڪ تربيت استاد محمد صديق مسافر جيڪو مشهور شاعر ۽ اديب هو ڪئي. خوجه ميٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان 1928ع ۾ ڪئي.

ايچ ايم خوجه ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان انٽرپاس ڪري لاڙڪاڻو ۾ استاد مقرر ٿيا. بمبئي يونيورسٽي مان بي ٽي پاس ڪري ميرپورخاص ۾ استاد مقرر ٿيا.

نوابشاهه ۾ اي وسلن اسڪول ڪوليو جنهن کي 1936ع ۾ ضلعي حڪومت ڊسٽرڪٽ ڪائونسل (لوڪل بورڊ) پنهنجي تحويل ۾ ونڊي مڊل اسڪول جو درجو ڏنو. مڊل اسڪول جي واڌ ترقي جي لاءِ هڪ محنتي ۽ ذهين هيڊ ماستر جي نظر انتخاب ايچ ايم خوجه صاحب کي چونڊيو ويو. جنهن جي اعليٰ ڪردار ۽ ذهانت سبب ڪيس ملازم رکيو

ويو. خوجہ صاحب سرڪاري ملازمت ڇڏي لوڪل بورڊ مڊل اسڪول نوابشاھہ جا هيڊ ماستر مقرر ٿيا. جتي پهرين جون 1936ع ۾ پنهنجون ذميواريون سنڀالي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون. لوڪل بورڊ مڊل اسڪول هڪ مسواڙ واري جاءِ ۾ قائم ڪيو ويو. ان مڊل اسڪول جي بهتر ڪارڪردگي سبب 1940ع ڌاري مڊل اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو. جيڪو گورنمينٽ پراونشلائزڊ ڊي سي هاءِ اسڪول نوابشاھہ جي نالي سان مشهور ٿيو.

پاڪستان ٺهڻ وقت هڪ سک جو سرن جو ٻڌو هو خوجہ صاحب ان وقت جي ڪليڪٽر کان اسڪول جي لاءِ منظور ڪرايو ان جي آمدني 10 لک روپيا ساليانو هئي. سا بورڊنگ هائوس جي لاءِ خرچ ڪئي ويئي.

ان وقت جي سرنديءَ وارن جام جان محمد خان 50 هزار روپيا مالي امداد ڪئي. جيڪا هاسٽلن جي اڏاوت تي استعمال ڪئي ويئي هاسٽلن مان هڪ مولانا محمد علي جوهر جي نالي بلاڪ آهي. ٻيو بلاڪ مرحوم جام جان محمد خان جي نالي تي رکي ويئي آهي. خوجہ صاحب هائوس ماسٽرس بنگلو استادن جي لاءِ ڪوارٽر هڪ عاليشان "لطيف هال" جمنئزيم ٺهرايا ويا. سهڻي نموني تعمير ڪرايو ويو آهي. ولسن اسڪول جي رهيل حصي کي پڻ سهڻي نموني تعمير ڪرايو. ولس اسڪول ۾ هڪ عاليشان ڊرائنگ هال پڻ تعمير ڪرايو ويو.

ولس اسڪول جي گرائونڊ تي شالامار باغ لاهور جي طرز تي هوبهو باغ ٺهرايو ويو. باغ کي چار ديواري ڏياري. هاسٽلن ۾ رهندڙ شاگردن جي لاءِ هڪ شاندار مسجد تعمير ڪرائي. خوجہ صاحب هاسٽل جي اڏاوت کان پوءِ شاگردن جي لاءِ ٽانوَ پڻ هٽ ڪيا. پهراڙي جي غريب شاگردن کي بورڊنگ هائوس ۾ مفت کاڌو خوراڪ مهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي. ڪپڙا ۽ ڊريس مفت ڪتاب فراهم ڪيا.

جڏهن گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهه قائم ڪيو ويو تہ ابتدا ۾ هن اسڪولن جي لطيف هال ۾ شاگردن جا فرسٽ ايئر انٽر جا ڪلاس هلڻ لڳا.

خوجہ صاحب جي صلاح سان ميونسپل ڪاميٽي کان ميونسپل هاءِ اسڪول جي لاءِ زمين خريد ڪئي ويئي. 1954_1955ع ڌاري آمريڪا جا اعليٰ تعليمي ادارا ڏسڻ جي لاءِ سرڪاري مهمان طور دعوت ڏني ويئي. واپسي بعد خوجہ صاحب وڏيڪ محنت ۽ جاکوڙ سان ڪم ڪرڻ لڳا. خوجہ صاحب نوابشاهه ۾ نياڻين جي تعليم لاءِ هڪ گرلس ڪاليج کولايو. جيڪو اڳتي هلي گرلز هاءِ اسڪول ٿيو. ان جي لاءِ پلاٽ حاصل ڪيائون. پر ۾ دوڪان ٺهرايا ويا جنهن سبب پنج هزار ماهوار آمدني اسڪول کي ملي. جنهن سبب اسڪول جو ڪار وهنوار هلڻ لڳو.

پاڪستان ٺهڻ بعد حامد علي ڪلب ۽ لائبريري جو سڄو انتظام خوجہ صاحب حوالي ڪيو ويو.

خوجہ صاحب اپوا اسڪول جيڪو خراب حالت ۾ هو ان جي عمارت ٺهرائي. ان ۾ ڪي جي ۽ پرائمري اسڪول کان وڌي هاءِ اسڪول جي سطح تائين اسڪول پڻ ٺهرايو. خوجہ صاحب جي خدمتن کي نظر ۾ رکندي اعليٰ حسن ڪارڪردگيءَ سبب ان وقت جي صدر پاڪستان فيلڊ مارشل جنرل محمد ايوب خان کين تمغہ خدمت عطا ڪيو.

ايڇ ايم خوجہ 55 سالن جي ڄمار ۾ رٽائرڊ ڪيو تہ سندس بحالي جي لاءِ علمي ادبي شخصيت طرفان ڪيس وڏيڪ عرصو خدمتون سرانجام ڏيڻ جي گذارش ڪئي ويئي. ان وقت جي اولهہ پاڪستان جي گورنر ايئر مارشل نور خان کين وڏيڪ عرصو نوڪري تي بحال

رکڻ جو حڪم جاري ڪيو. 30 سيپٽمبر 1972ع ۾ ڪين ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ائنڈ سيڪنڈري ايجوڪيشن حيدرآباد جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. جتي خوجہ صاحب 1979ع تائين پنهنجا فرض سرانجام ڏنا. بورڊ ۾ عالمي سطح جو هڪ جيمنيزيم هال تعمير ڪرايو. بورڊ جي اسٽيڊيم تعمير ڪرائي. بورڊ جي لاءِ رڪارڊ آمدني هڪ ڪروڙ بچائي بورڊ حوالي ڪئي.

لطيف جو شيدائي ايڇ ايم خوجہ سڄي عمر شادي نہ ڪئي. پنهنجا پائٽيا ۽ پائٽيون پالي هي عظيم قومي خدمتگار هن فاني دنيا مان 20 سيپٽمبر 1999ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاٽو ڪري ويو.

خوجہ صاحب هڪ ساده دل غريبن جو هڏ ڏوکي انسان هو. سنڌ جو وڏو وزير غلام مصطفيٰ خان جتوئي جيڪو بعد ۾ نگران وزيراعظم بہ مقرر ٿيو. اهو ۽ ان جي خاندان خوجہ صاحب جي تمام گهڻو عزت احترام ڪندا هئا.

خواجہ صاحب کي حيدرآباد ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

پروفيسر محمد اڪرم انصاري مرحوم (1972ع)

پروفيسر محمد اڪرم انصاري پهرين جنوري 1925ع تي عبدالخالق انصاري جي گهر نوشهروفيروز ضلعي نوابشاهہ ۾ جنم ورتو. سندس والد اصل ڀوٽ ٻورڙي تعلقي خيرپور ناٿن شاهہ ضلعي دادو جو رهواسي هو. سندس وڏن جو تعلق پاٽ شريف ضلعي دادو سان هو.

هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول نوشهروفيروز ۾ وڌيڪ تعليم نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪري ميٽرڪ 1942ع ۾ ڪئي. جڏهن تہ انٽر 1944ع ۾ بي اي آنرس 1946ع ۾ ڪئي ۽ ايم اي انگريزي 1948ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1948ع ۾ ايس ايم ڪاليج ڪراچي ۾ انگريزي جا ليڪچرار مقرر ٿيا. بعد ۾ اسسٽنٽ پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ پروفيسر مقرر ٿيڻ بعد مختلف ڪاليجن جا پرنسپال مقرر ڪيا ويا.

01 فيبروري 1963ع کان 30 جون 1965ع تائين سي اينڊ ايس ڊگري ڪاليج شڪارپور جا پرنسپال ٿي رهيا. هن ڪاليج مان نڪرندڙ ميگزين نخلستان ۾ مختلف مقالا تحرير ڪيا. جنهن ۾ لطيفيات کان علاوه هندوستان متعلق مضمون 1958_1959ع ۾ تحرير ڪيائين.

بعد ۾ ڪيس سنڌ يونيورسٽي جي شعبي انگريزي ۾ مقرر ڪيو ويو. 1973ع ۾ ڪين ڊائريڪٽر ڪاليجز ايڊيوڪيشن حيدرآباد ريجن حيدرآباد مقرر ڪيو ويو. جنهن بعد چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو مقرر ڪيو ويو. رٽائرمينٽ بعد ڪيس سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.

پروفيسر محمد اڪرم انصاري 31 ڊسمبر 1985ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. هن شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام کي سمجهڻ جي لاءِ قرآن ڪريم ۽ اسلامي اقدار جو اڀياس ڪيو. هن لطيفيات تي انگريزي ۾ ڪتاب تحرير ڪيا. لطيف جي فڪر کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايو. هن شاهه جي مختلف سُرن جي فڪر جو فلسفو بيان ڪيو. پلاٽو آن ايڊيوڪيشن اينڊ اسٽيٽ ايڊمنسٽريشن مقالو 1953ع ۾ شائع ٿيو.

مرحوم واحد بخش شيخ (1979 to 1980)

سابق ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن، سنڌ جو تعليمي ماهر منتظم انتهائي ايماندار آفيسر طور مشهور آهن. واحد بخش شيخ پنهنجي زندگي سچائي، سادگي ۽ باعمل طريقي سان گذاري وڏو نالو ڪمايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واحد بخش شيخ صاحب 17 جون 1919ع ۾ ڳوٺ ٻٽ سرائي تعلقي ميهڙ، ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم ساڳئي ڳوٺ ۾ فائينل گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ 1937ع ڌاري بمبئي يونيورسٽي مان پاس ڪيائون. انٽر جهونا ڳڙهه ڪاليج مان پاس ڪري بحيثيت اسسٽنٽ ماسٽر تعليم کاتي ۾ مقرر ٿيا. 1943ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان بي اي پاس ڪري بي ٽي پاس ڪئي. 1945ع ۾ ايم اي عربي ۾ ڪيائون. 1947ع کان 1951ع تائين بي ٽي ڪاليج ڪراچي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيا. 1951ع ۾ ڪيس ٽريننگ اسڪول لاڙڪاڻو ۾ هيڊ ماسٽر مقرر ڪيو ويو. پائليٽ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ استاد ۽ هيڊ ماسٽر رهيا. شاگردن کي يونيفارم پهرائڻ جي لاءِ سختي سان پيش ايندا هئا. سندس دور ۾ پائيلٽ اسڪول لاڙڪاڻي جي شاگردن نمايان پوزيشنون حاصل ڪيون. شيخ صاحب پاڻ انگريزي تاريخ، سائنس ۽ اسلاميات جا مضمون پڙهائيندا هئا. ان کان علاوه اسڪائوٽنگ راندين ۾ پي ٽي ۾ شاگردن کي تيار ڪيائون. ان کان علاوه ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ ٻين راندين ۾ لاڙڪاڻي جي شاگردن کي تيار ڪيائون. ان کان علاوه ادبي سرگرمين کي پڻ هٿي وٺائيندا هئا.

شيخ صاحب تقريباً 15 سال مختلف اسڪولن جا هيڊ ماسٽر ٿي رهيا. 31 آگسٽ 1967ع تي ڪيس ترقي ڏئي ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. سنڌ جي ٻين تربيتي ادارن ۾ انسپيڪٽر مقرر ٿيا. 1969ع ۾ انسپيڪٽر آف اسڪول ڪراچي، 1972ع ڌاري ڊائريڪٽر اسڪول ڪراچي، 1978ع ڌاري ڊائريڪٽر آف اسڪولز ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن حيدرآباد مقرر ٿيا. شيخ صاحب سنڌي زبان ۾ ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو" ۽ "سنڌي سکيا" تحرير ڪيائون. ان کان علاوه مختلف اخبارن ۾ مضمون شايع ٿيا.

موجوده تعليم ۽ قرآن جو تعليمي نظريو 1952ع ۾ شايع ٿيو. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان علاوه تعليم جا بنيادي اصول ابن خلدون جو تعليمي نظريو تحرير ڪيائون. ايجوڪيشن ٽيچنگ آف هولي قرآن انگريزي ۾ تحرير ڪيائون.

سائين کي صدر ايوب خان پائيلٽ اسڪول ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ تي بيسٽ ٽيچر ايوارڊ ڏنو. سائين شيخ صاحب 5 آڪٽوبر 1979ع تي چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف جي عهدي تان رٽائر ڪيو. 2005ع ۾ سٽيزن ڪالوني حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويا. کين گلستان سجاد جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. سندن فرزندن ۾ وڏو فرزند ڊاڪٽر محمد يوسف شيخ چيئرمين زولاجيڪل ڊپارٽمينٽ سنڌ يونيورسٽي جامشورو هينئر وزيٽنگ پروفيسر مائيڪرو بائيلاجي ڊپارٽمينٽ سنڌ يونيورسٽي جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. مسٽر حبيب الله شيخ اليڪٽريڪل انجنيئر واپڊا لاڙڪاڻو آهن. محمد اشرف شيخ ڊائريڪٽر روينيو پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن ڪراچي. مسٽر نصرالله شيخ اسسٽنٽ پروفيسر محمد اسلم شيخ لنڊن ۾ پي ايڇ ڊي ڪري رهيا آهن. جڏهن ته ڊاڪٽر محمد اڪرام شيخ ننڍي ۾ ننڍو فرزند آهي.

ممتاز تعليمي ماهر مير محمد سيال (1984 to 1985)

سنڌ ڌرتي جي ڇپي ڇپي، ٻاڙي ٻاڙي تي ڪيترائي اَنيڪ انسان پيدا ٿيا آهن. جن قوم جي آبياري ڪندي پنهنجي ديس جو نالو روشن ڪيو آهي. اهڙن انسان دوستن مان هڪ مرحوم مير محمد سيال آهي. جيڪو حيدرآباد شهر جي پراڻي وسندي ٽنڈو ولي محمد ۾ 8 سيپٽمبر 1925ع تي اتان جي نيڪ مرد ميان عبدالغفور سيال جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والد کي سندس کان سواءِ ٻه پٽ ۽ ست نياڻيون هيون. مير محمد سيال 17 سالن جي عمر ۾ نور محمد هاءِ اسڪول ملن ميٽرڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو امتحان پاس ڪري، انٽر گورنمينٽ ڪاليج ڪليلي مان، بي اي ۽ بي ٽي (جنهن کي اسان هينئر بي ايڊ چئون ٿا) سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان ڪئي، ايم اي جو امتحان پنجاب يونيورسٽي لاهور مان پاس ڪيو.

نوڪري جي شروعات لوڪل بورڊ ۾ بحيثيت سپروائيزر ايجوڪيشن ڪئي، جنهن مان ترقي ڪري لوڪل بورڊ جي اسڪولن متان انسپيڪٽر آف اسڪولس مقرر ٿيو. ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ لوڪل بورڊ جي سموري تعليمي ادارن کي بمع اسٽاف جي اولهه پاڪستان جي تعليم کاتي ۾ ضم ڪيو ويو. جنهن بعد سيال صاحب جون خدمتون اولهه پاڪستان جي تعليم کاتي حوالي ٿيون. اهڙي ريت ڪين لاهور ۽ ڪوهاٽ ۾ مقرر ڪيو ويو. 1969ع ڌاري ون يونٽ ٽٽڻ بعد واپس سنڌ ۾ ڪين ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو.

پاڻ 1970ع دادو ضلعي ۾ انسپيڪٽر آف اسڪولس جي عهدي تي مقرر ٿي آيا تہ محترم قادر بخش طالباڻي موجب بحيثيت جنرل سيڪريٽري پ ت الف تعلقي ڪوٽڙي جي حيثيت ۾ منهنجي ساڻن پهرين ملاقات سيوهڻ ڊاڪ بنگلي ۾ ٿي. سندن اڳيان ڪوٽڙي جي استادن جي مسئلن بابت سجو فائيل پيل هو. تعارف ۽ خير عافيت بعد سربستو احوال ٻڌايم تہ مسئلا حل ڪونہ ٿا ٿين ان ڪري رڙيون ڪرڻ اسان جي مجبوري آهي، هي پهريون ضلعي آفيسر هو جنهن اسان جي شڪايت جي هر هڪ پوائنٽ تي بحث ڪيو. خاص ڪري استادن ... ڪهمليون بدليون بيٽ عملدار صاحبن جي رحم و ڪرم (پروپوزل) تي ٿيڻ وارين بدلين جي مسئلن تي گهڻو بحث هليو. آخر فيصلو ٿيو تہ سالانہ امتحان کان اڳ بدليون نہ ڪيون ويندیون. تمام گهڻي ضرورت محسوس ٿي تہ ڪوٽڙي تعلقي ۾ اوهان يونين وارن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باهمي مشوري بعد عمل ڪبو. ٽن هفتن گذرڻ بعد سالانه امتحان پورا ڪين ٿيا هئا ته هڪ استاد جي بدلي ڪوٽڙي تعلقي کان جوهي تعلقي ڏانو شاهاڻي پرائمري اسڪول ۾ ڪئي وئي. هڪ ڏينهن آرڊر دادو مان نڪتو ٻئي ڏينهن هڪ استاد آرڊر کڻي ان کي بي دخل ڪرڻ لاءِ پهتو. جنهن تي استادن ۾ ٽرٿلو پئجي ويو. اسان هڪدم گڏجاڻي ڪئي فيصلو ٿيو ته استاد ان اسڪول مان بيدخل نه ٿيندو ۽ نئين آيل صاحب کي سندس قلندر جي نگري ۾ ڪيل واعدي جي ڪيل خلاف ورزي بابت روبرو دانهن ضرور ڏيون. فيصلي بعد ڏهه ٻارنهن استاد ضلعي صدر محمد حسين باجاري جي اڳواڻي ۾ اسڪول ٽائيم پوري ڪرڻ بعد سپ گڏجي دادو شام ڏاري پهتاسون. صاحب جي لاءِ خبر پئي ته سيد غلام مصطفيٰ شاهه وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي هتي = ٻيج ۾ لطيف ڊي جي جلسي ۾ پهتل آهي. صاحب به اوڏانهن ويل آهي. آفيس جي لان ۾ سڄو وفد ويهي رهيو. رات جو هڪ وڳي جلسو ختم ڪري صاحب پنهنجي رهائش گاهه لاءِ پيادل اچي رهيو هو ته سڄي وفد ساڻس ملاقات ڪئي. ضلعي صدر حسن باجاراڻي سڄي ماجرا بيان ڪري سندس اڳيان رکي. پاڻ چيائين ته مون تي بار ڪريو آهي. ان ڪري بي ويس بدلي ڪئي اٿم. ڪيس ٻڌايوسين ته اسان کي سڄي خبر آهي. مقامي وڏيري ڊائريڪٽر غلام رضا پٽو کي چيو ان اوهان کي فون ڪئي ۽ اوهان يڪدم آرڊر بدلي جو ڪري هٿوهٽ موڪليو. جڏهن ته اهو ساڳيو ماڻهو ريلوي جي آفيسر (جيڪو سندس ڳوٺ جو آهي) تي ملازم جي بدلي لاءِ زور رکيو ته هن نڙڪ جواب ڏنو ته توهان جي لاءِ هن جي بدلي نه ڪندس. پر اوهان ديرنه ڪئي هاڻي ڏک اهو اٽڪون ته اسان ٻاهر رڙيون اوهان خلاف ڪنداسون چو ته آرڊر تي صحيح اوهان جي آهي. ائين چئي اسان موڪلائي روانا ٿياسون. ٻئي ڏينهن ساڳيو وفد حيدرآباد لاءِ روانو ٿيو ۽ انسپيڪٽر آف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪولس ۾ ڊائريڪٽر صاحب سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٻئي صاحب هيڊ ڪوارٽر تي نه هئا. اسين مايوس ٿي واپس پنهنجي ماڳن تي پهتاسون. جتي خبر پئي ته ٻئي ڏينهن سيال صاحب مون کي وري سيوهڻ گهرايو آهي. آئون پروگرام تي پهتس. صاحب مليو ۽ چيائين ته مون محسوس ڪيو آهي ته مون غلط آرڊر ڪيو آهي. پر چا ڪريان باس جي عزت ڪرڻي پوي ٿي. هاڻي مون سوچيو آهي ته استاد بيدخل ٿي اسڪول ۾ دخلڪار ٿئي ٻئي ڏينهن وري ڪنهن به اسڪول جو آرڊر ڪيڏاسون. مون کين ٻڌايو ته هي ڳوٺ استاد جو پنهنجو آهي. هتي وڏيرو ساٿس وڏيڪ وڙهي نٿو سگهي. پر ٻئي اسڪول تي استاد تي ڪوڙو بهتان هڻي چار هٿرادو ماڻهو بيهاري انڪوائري ڪرائي ته وري به اوهان ۾ اسان لاءِ چڪ چڪان هوندي. ان ڪري مسئلي جو حل اهو آهي ته نه استاد ساڳئي اسڪول تي رهي. سيال صاحب وڌا ٿهڪ ڏئي چيو ته نيٺ اوهان پنهنجو ضد پورو ڪريو ٿا. منهنجي هڪ به نٿا ٻڌو مون وري ساڳيو جواب ڏنو هن همت ۽ بهادري ڪري آرڊر اهو رد ڪري ڪاپي اسان کي ڏني. پوءِ مٿي ان آرڊر لاءِ وڏيري وڏي ڪوشش ڪئي پر سيال صاحب استاد جو پاسو باقاعدگي سان ڪٽي جنگ ڪئي ۽ هن ذاتي نقصان برداشت ڪيو پر پڙڪ به نه ٻاڦي.

اهڙي طرح دادو ضلعو جيڪو سياسي رپن جو اثر وارو ضلعو هو. ان ۾ جيڪو به وقت نوڪري ڪئي سا شايان شان ڪئي ۽ استادن جي نمائندن جماعتن يا انفرادي طور جيڪي به مسئلا اُپرندا هئا تن کي خوش اسلوبيءَ سان منهن پاڻ کي هميشه سرخرو رکيو. پاڻ دادو مان بدلي ٿيو وري ٽرپارڪر ۽ حيدرآباد ۾ ساڳين عهدن تي فرض انجام ڏنائين. منهنجو ساٿس سلام دعا جو رستو قائم رهندو آيو. حيدرآباد ۾ نوڪريءَ دوران هڪ بااثر عملدار سان استاد جي مسئلي تي اتڪيو نيٺ هن کي پنهنجي ضلعي مان آئوٽ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو. جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ هن کان هر آفيسر کن هٹندو هو.

هڪ دفعي حيدرآباد ۾ ساٹس مليس پچيائين تہ چوڪري کي نوڪري ملي؟ کيس ٻڌايم تہ ذاتي ڪم چوڙ کان لهرائيندو آهيان پر مهبوب علي هيسباٹي جيڪو ايس ڊي اي او هو. رڙيون ڪري منهنجي چوڪري کي چوراسي نمبر تي ويٹنگ لست تي زوري رکرايو. جڏهن جڏا سڄا سيٹ پهرين نمبرن ۾ اچي ويا. نوڪري جا آرڊر صرف ويهہ نڪتا. ان ڪري چوڪرو کوڙڙي کي ٿو مل ۾ مزوري ڪري ٿو منهنجي ماجرا ٻڌي هڪدم علي محمد بوزدار سپرنٹنڈنٹ ۽ سلطان پرڳڙي مرحوم واسطيدار ڪلارڪ کي گهرائي پنجن منٹن ۾ ڪلارکي جو آرڊر ڪڍي منهنجي فرزند کي برسر روزگار ٻڌايو ۽ اها سخاوت سيال صاحب جي صرف مون سان نہ بلڪ اوڙي پاڙي دوست يار کي سڏي آرڊر بنان ڪنهن لالچ جي ڏيندو هو.

1982ع ۾ حج جي سعادت حاصل ڪرڻ کان پوءِ ترت ئي کين ويهين گريڊ ۾ ترقي ڏئي چيئرمين سيڪنڊري بورڊ ڪراچي مقرر ڪيو ويو. سندس محنت ۽ جانفشاني ڪرڻ تي انٹرميڊيٹ ايجوڪيشن بورڊ جي واڌو چارج بہ کين ڏني وئي جنهن تي بہ سال لاڳيتو ڪم ڪندا رهيا. حالانڪہ اسڪول ڪيڈر جي ڪنهن بہ آفيسر کي اها چارج نہ ڏني ويندي هئي. پر سيال صاحب کي اهو وڏو خصوصي طور تي اعزاز ڏنو ويو. ڪراچي بورڊ اندر سندس اهو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو رهيو تہ ڪراچي جي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي لازمي ڪئي وئي. ان جو نصاب تيار ڪرائي بورڊ کان منظور ڪرايو ويو. نہ صرف ايترو بلڪ تعليمي ماهرن جي ڪاميٹي ٺاهي ان متعلق نصابي ڪتاب بہ ڇپي پڌرو ڪيو ويو. جنهن تي سنڌ جي مايہ ناز تعليمي ماهر سائين غلام مصطفيٰ شاهہ کين زبردست خراج تحسين پيش ڪيو. مير محمد سيال پنهنجي منصب سان ايترو تہ سچو هو جو رات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن کيس محنت کرڻ پوندي هئي. ان سخت جاکوڙ ڪري سندس صحت تي سخت اثر پيو ۽ کين دل جو عارضو پيدا ٿيو. جنهن ڪري سندس بدلي حيدرآباد بورڊ آف انٽرميڊيٽ اٽنڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن جي چيئرمين جي حيثيت ۾ پوسٽنگ ڪئي وئي. پاڻ حيدرآباد بورڊ ۾ 17 نومبر 1984ع ۾ دخلڪار ٿيا. ڏيڍ مهيني بعد يعني 5 جنوري 1985ع تي سندس هن دنيا مان رحلت ٿي. سندس پونيئرن ۾ هڪ پٽ ۽ چار نياڻيون موجود آهن. هڪ نياڻي پروفيسر ۽ هڪ پٽ بئنڪ ۾ ملازمت ڪندڙ آهي. سندس بيواهه 2005ع ۾ ٽياسي سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. سندس لحد پراڻي قبرستان ٽنڊي يوسف ۾ آهي.

مسٽر بقا محمد قريشي

مسٽر بقا محمد قريشي سنڌ منتظم ۽ تعليمي ماهر ٿي گذريو آهي. پاڻ 1932ع ۾ دادو ضلعي جي هڪ ڳوٺ بختيارپور ۾ جنم ورتائون. سندن والد نيڪ ۽ ديندار شخص هو ۽ پنهنجي زندگي جي پوئين حصي يعني پيري ۾ بہ هارن کي قرآن شريف جو درس ڏيندو هو. مسٽر قريشي ابتدائي تعليم دادو ضلع ۾ حاصل ڪئي.

محڪمي تعليم ۾ ماستريءَ جي نوڪريءَ سان پنهنجي سروس جو آغاز ڪيو. قريشي صاحب جن ذهين شخص هئا. مغربي پاڪستان ۾ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ چٽا پيٽي جو امتحان پاس ڪري ڪلاس 11 گزيٽيڊ محڪمي تعليم جي عهدي تي چونڊيا ويا.

قريشي صاحب جن ڪلاس II جي آفيسر جي حيثيت ۾ ڪيترن عهدن تي فائز رهيا. جهڙوڪ هيد ماستر گورنمينٽ هاءِ اسڪول، ڊپٽي ايڊيوڪيشن آفيسر، سبجيڪٽ اسپيشلسٽ ڪامپريهينسو هاءِ اسڪول وغيره وغيره.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قريشي صاحب جن ڪلاس جن کي 1972ع ۾ DEO جي عهدي تي پروموشن ملي. پاڻ ڪيترن ضلعن ۾ DEO ٿي رهيا ۽ ڪجهه وقت لاءِ سيڪشن آفيسر ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي عهدي تي ڪم ڪيائون.

قريشي صاحب جن ڊائريڪٽر اسڪولس حيدرآباد، ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيوليم اينڊ ايڪسٽينشن ونگ سنڌ، جامشورو ۾ پڻ اعليٰ عهدن تي فائز رهيا.

قريشي صاحب جن ايماندار آفيسر هئا ۽ انهن پنهنجي دور ۾ ڪافي تعليمي خدمتون ڪيون. قريشي صاحب جن پينشن تي لهڻ کان پوءِ ٽن سالن لاءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جا ميمبر ٿي رهيا. ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن جي حيثيت ۾ بورڊ آف گورنرز، ڪيڈٽ ڪاليج پيٽارو ۽ بورڊ آف گورنرز پبلڪ اسڪول حيدرآباد جا ميمبر ٿي رهيا. بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن حيدرآباد ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جامشورو جا به ميمبر ٿي رهيا هئا.

ڇاڪاڻ ته قريشي صاحب جن هن جهان مان رحلت ڪري ويا آهن. تنهنڪري انهن بابت وڌيڪ تفصيل گڏ ڪري نه سگهيا آهيون. بهرحال هن جون جيڪي خدمتون تعليم لاءِ ڪيون آهن سي ياد رهنديون. اسان جي دعا آهي ته الله تعاليٰ کين جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا ڪري. آمين ثم آمين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گورنمينٽ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار ايليمينٽري مين حيدرآباد

آڪٽوبر 1854ع برطانيہ جي حڪومت طرفان نارمل اسڪول ٽريننگ پرائمري اسڪول ڪراچي ۾ قائم ڪيو ويو. ڏهہ سالن کان پوءِ 1864ع ۾ سول اسپتال حيدرآباد ويجهو هڪ مسواڑي عمارت ۾ قائم ڪيو ويو. مسٽر ايڇ جيڪب ايجوڪيشن انسپيڪٽر سنڌ 1887ع ۾ موجوده ڪاليج جي عمارت کي اڏائي نارمل ڪاليج اسڪول کي اپ گريڊ درجو وڌائي ٽيچر ٽريننگ ڪاليج قائم ڪيو ويو. 1902ع ۾ اخبار تعليم ماهوار رسالو هن اداري طرفان جاري ڪيو ويو. جنهن ۾ تعلين جي واڌاري جي لاءِ استادن ۽ تعليمي ماهرن جا مضمون شائع ڪيا ويندا هئا. 1908ع ۾ مسجد شريف قائم ٿي. هن عمارت ۾ هڪ 1909ع ۾ ميوزيم جانورن جو پارڪ قائم ڪيو ويو آهي. 1934ع ۾ هن ڪاليج ۾ ايس وي هڪ سال جو ڪورس ۽ بي ايڊ 3 سالن جو ڪورس ۽ اورينٽل ٽريننگ ڪرائي ويندي هئي. 1977ع ۾ بيورو آف ڪريڪليم اينڊ ايڪٽينشن ونڊ جامشورو توسيع نمان 1978ع ڪاليج جو درجو ڏنل ڪاليج آف ايڊوڪشن مين 2012 ۾ پي ٽي سي ۽ ڊي ٽي سي ڪورس شروع ڪيا ويا آهن. تازو ايسوسئيٽ ڊگري آف ايجوڪيشن يونيورسٽي آف سنڌ جامشورو جي تعاون سان ڪاليج ۾ ڪلاس شروع ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه او ٽي سي ٽيچنگ سرٽيفڪيٽ آرٽ ٽيچنگ سرٽيفڪيٽ AMC آرٽ ماسٽر سرٽيفڪيٽ، او ٽي سي اورينٽل ٽيچنگ سرٽيفڪيٽ پڙهيا وڃن ٿا.

ان ڪاليج جي زير انتظام جان محمد جمالي پرائمري اسڪول ڪاليج اندر حاجي غلام علي پرائمري اسڪول ڪالي موري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد قاضي عبدالقيوم پرائمري اسڪول نزد ميمڻ پاڙو پناهه علي شاهه هائير سيڪنڊري اسڪول حيدرآباد موجوده ڪاليج جي عمارت ۾ هلي رهيو آهي. سنڌ ثقافت کاتي طرفان هن ڪاليج کي قديم عمارتن کي محفوظ رکڻ واري فهرست ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هن اداري طرفان ڊاڪٽر عبدالجبار مغل ريسرچ اسڪالر پي ايڇ ڊي ڪئي آهي. ڪاليج جو تاريخ گهنڊ 1862ع ۾ لنڊن برطانيہ کان ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد پهتو جيڪو موجوده عمارت جي تاور ۾ لڳايو ويو. جيڪو 1970ع تائين استعمال هيٺ وڃايو ويندو هو. 15 جولائي 2004ع ۾ ان وقت جي پرنسپال روشن علي پنهور . ٻيهر پرنسپل جي عمارت پرسان موجوده هنڌ تي لڳرايو. جنهن کي ثقافت سان پيار ڪندڙ ماڻهو ۽ موجوده نسل ڏسڻ جي لاءِ اچي ٿو.

نارمل اسڪول ۽ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جا سربراهه رهيا آهن.

ديوان چوهڙ مل پنجابي هيڊ ماستر 1854 ڪراچي ۾

ملان ميان محمد هيڊ ماستر 1864ع حيدرآباد

رئيس غلام علي هيڊ ماستر 1876_1883ع

ديوان ڪوڙو مل چندن مل پرنسپال 1883ع کان 1899ع تائين

کي بي نانا غلام علي 1922ع کان 1935ع تائين

ڊاڪٽر غلام حسين جعفري انسپڪٽر پرنسپال 1951ع کان 1955ع تائين

رئيس غلام علي هيڊ ماستر نارمل اسڪول 1878ع کان 1883ع تائين

ديوان ڪوڙومل چندن مل ڪاليج جو پهريون پرنسپل 1883ع کان 1899ع تائين

آر بي ديوان پريم چند جهانگياڻي 1912ع کان 1922ع تائين

خان بهادر اين اي غلام علي 1922ع کان 1935ع تائين

غلام حسين اي سومرو 1947ع کان 1951ع تائين

آر ايم سرهيو 1954ع کان 1958ع تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اين ايچ ميمڻ پهرين مارچ 1959ع کان نومبر 1959ع تائين
غلام رضا پٽو نومبر 1959ع کان ڊسمبر 1960ع تائين
سيد پناهه علي شاهه انسپيڪٽر پرنسپل 1970ع کان 1971ع تائين
سيد سچل شاهه بخاري 24 فيبروري 1971ع کان 27 فيبروري 1971ع
26 مارچ 1972ع کان 31 مئي 1973ع تائين
حافظ عبدالستار ميمڻ 28 فيبروري 1971ع کان 29 جولائي 1971ع تائين
واحد بخش شيخ 31 مارچ 1972ع کان 30 سيپٽمبر 1972ع تائين
علي حيدر جج 3 آڪٽوبر 1977ع کان 24 اپريل 1980ع تائين
14 جون 1989ع کان 10 ڊسمبر 1989 تائين
الهڏتو ايس سهتو 13 جنوري 1990ع کان 22 سيپٽمبر 1995ع تائين
محمد سليمان خاصخيلي 28 اپريل 1980ع کان 16 اپريل 1988ع تائين
احمد بخش ميراڻي 17 اپريل 1989ع کان 28 مئي 1989ع تائين
سيد شير شاهه بخاري 21 ڊسمبر 1995ع کان 31 جنوري 2000ع تائين
سيد محمد شاهه 28 فيبروري 2001ع کان 20 اپريل 2000 تائين
روشن علي پنهور 24 جنوري 2002 کان 15 جولائي 2004 تائين
محمد سليمان خاصخيلي انسپيڪٽر پرنسپال 1980ع کان 1989ع تائين
سيد شير شاهه بخاري 1996ع کان 2000ع تائين
روشن علي پنهور 2002 کان 2004ع تائين

قاضي عبدالقيوم پي سي اسڪول ميمڻ پاڙو سخي پير درگاهه مارڪيٽ حيدرآباد ۾ 1857ع ۾ قائم ڪيو ويو. هن اسڪول ۾ ويڙهه دوران ڪميٽيون قائم ڪيون ويون. ان ڪري هي اسڪول اڄ به مسافر خاني جي نالي سان مشهور آهي. هن اسڪول ۾ سنڌي فائنل پڙهائي ويندي هئي. هي اسڪول 1887ع کان 1930ع کان قاضي عبدالقيوم جي نالي سان منسوب ڪيو ويو چاڪاڻ ته صوبائي وزير تعليم قاضي محمد اڪبر جي نالي سان منسوب ڪيو ويو. حڪيم قاضي محمد اڪرم، قاضي عبدالمجيد عابد رزانو عبرت آپا شمس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عباسي بيورو جي ڊائريڪٽر ۽ قاضي محمد اعظم، حڪيم قاضي عبدالقيوم جو اولاد آهن. هن اسڪول مان ڊاڪٽر نظير احمد مغل سابق وائس چانسلر سنڌ يونيورسٽي جامشورو قلندر بخش شيخ ڊائريڪٽر ڪموٽر، فضل احمد شيخ ڊائريڪٽر فنانس ڪراچي، غلام شبير شيخ ڊي آءِ جي پوليس ۽ احمد علي شيخ پرنسپل سنڌ لا ڪاليج، استاد غلام علي شيخ، گلوڪار رجب علي، وحيد علي فيروز گل، امانت گل، حاڪم علي شيخ، تعمير حسين کان علاوه محمد صديق مسافر هن اسڪول ۾ استاد طور پڙهايو.

1906ع کان اسڪول جو رڪارڊ موجود آهي. 1949ع کان استادن جي حاضري جو رجسٽرڊ موجب 15 استاد ۽ قرآن ٽيچر، دينيات ٽيچر، اردو ٽيچر، فزيڪل انسٽرڪٽر، ويونگ ٽيچر، پٽيوالو، مالهي ۽ صفائي جي سوئيپر مقرر ٿيل هئا.

گورنمينٽ حاجي غلام علي پرئيڪٽيسنگ اسڪول 1943ع ۾ تنبو ولي محمد ۾ قائم ڪيو ويو جنهن جي عمارت تباهه ٿيڻ سبب سب ڊويزنل ايجوڪيشن حيدرآباد سٽي بلديا هائي اسڪول ڪاري موري حيدرآباد 1971ع ۾ منتقل ڪيو ويو. ٻيهر تنبو ولي محمد جي عمارت ۾ نه منتقل ڪيو ويو.

هن اسڪول جو هيڊ ماستر احمد سومرو 1 ڊسمبر 1943ع کان 31 ڊسمبر 1950ع تائين

عبدالله سومرو 1 جنوري 1951ع کان 7 نومبر 1959ع تائين.

قاضي امين الدين 8 نومبر 1959ع کان 17 مئي 1960ع تائين

سيد محمد انور حسين تقوي 18 مئي 1960ع کان 4 جون 1978ع تائين

سيد محمد علي ڪاظمي 5 جون 1978ع کان 12 فيبروري 1994ع تائين

عبدالحميد خان 13 فيبروري 1994ع کان 15 جولائي 1996ع تائين

ظهير الدين قريشي 1 آگسٽ 1996ع کان اپريل 2016ع تائين آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر اين اي بلوچ

شهيد هوش محمد شيدي

هوش محمد شيدي ڏهي جي جنگ جو بهادر سپاهي ۽ سور موهو اها جنگ ميرپور(سنڌ) جي والي شير سنڌ مير شير محمد تالپر پاران برطانوي حملي آورن خلاف 24 مارچ 1843ع ۾ وڙهي. هن مرد ميدان انگريزن جي منتظر ۽ جديد هٿياربند فوج تي جنهن قسم جو ڇتو حملو ڪري انهي ڪري کيس پنهنجا هم وطن "هوشو شيدي" جي نالي سان ياد ڪن ٿا. جڏهن ته دشمن به سندس بهادري تان حيران ٿي ويا ۽ انهن به حيدرآباد جي قلعي ۾ سندس ياد ۾ هڪ اونچو يادگار جوڙايو.

سندس ننڍپڻ:

هوش محمد جي ننڍپڻ بابت گهٽي معلومات نه ملي سگهي آيه. هن جا ماءُ پيءُ آفريڪي غلام هئا ۽ ڪلهوڙن کان 1782ع ۾ حڪومت کسيندڙ تالپر حڪمران مير فتح علي تالپر جي خاندان جي هٿ ۾ هئا پر سنڌ ۾ هڪ روايت رهي آهي ته وڪرو ڪيل غلامن کي غلامن وانگر نه پر پنهنجي خاندان جو حصو سمجهيو ويندو هو. جڏهن ته هندستان جي ٻين پاڻن ۾ غلامن سان مختلف رويو روا رکيو ويندو هو. سنڌ اندر غلامن جي ٻارن کي "خانه زاد" (ڪڏهن به جنم ونندڙ) ڪوٺيو ويندو آهي. غلامن کي پنهنجي ڪٽنب جي فردن وانگر ئي سمجهيو ويندو هو ۽ حضرت علي جي خليفي جي نسبت سان کين قمبراٽي جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

اهڙي طرح سان هوش محمد به مير فتح علي خان جي گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جائو(خانزاد) ياتي هو. هي مير فتح علي پڳدار پٽ مير صوبدار جو هم عمر هو جيڪو 1801ع ڌاري جائو هو. هي مير صوبدار سان گڏ پليو نپنو ۽ هڪ وفادار ساٿي طور گڏ رهيو.

سندس ڏٺي يا مالڪ:

صوبدار خان ان ڏهاڙي پيدا ٿيو جنهن ڏينهن سندس والد مير فتح علي خان وفات ڪئي. سندس سار سنيال ۽ تعليم تربيت سندس چاچن ڪئي جيڪي حڪمراني پڻ ڪري رهيا هئا ۽ جڏهن شهزادو صوبدار 25 ورهين جو ٿيو تہ هن پنهنجي چاچن کان ملڪيت جو حصو گهرڻ سان گڏوگڏ آزادي حيثيت جي گهر ڪئي ۽ آخر ڪار 1826ع ۾ هن بغاوت جو علم بلند ڪيو. هوش محمد شهزادي سان سلهاڙيل رهيو ۽ مڪيہ حمايتن ۾ مان هڪ هو.

اها بغاوت وقت کان اڳي واري ثابت ٿي ۽ حڪمراني ڪندڙ هڪ حاجي مير ڪرم علي خان جي مداخلت ۽ اثر رسوخ جي ڪري سرچاءُ ٿي ويو. تنهن هوندي بہ نوجوان بويدار جي دل ۾ چاچن لاءِ بغض جي باهہ ٻرندي رهي ڇو تہ ملڪي معاملن کان کيس بلڪل الڳ رکيو ويو هو.

شعر: بويدار ننڍي هوندي مرگهي جي مرض ۾ مبتلا رهيو هو هڪ ڪمزور دماغ وارو شخص هو فيصلي ڪرڻ جي منجهس ڪوٺ هئي ۽ درٻارين جي هٿ ۾ ڪيڏجندو هو. جنهن جي نتيجي ۾ ئي هن برطانوي حملي وقت دشمن جو ساٿ ڏنو. خانداني جهيڙن جهگڙن ۾ تہ هوش محمد مير صوبدار جو ساٿ ڏيندو هو پر جڏهن شهزادو دشمن جي سازشن ۾ شريڪ ٿي ويو تہ هوش محمد جي وطن پرستي جي جوش اٽل کاڌي ۽ هن پنهنجي مالڪ بدران وطن جو ساٿ ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برطانوي سازش:

هتي اسان انهن ڪجهه اهم واقعن جو جائزو ونڊاسين جيڪي سنڌ جي برطانوي فتح کان ڪجهه اڳ پيش آيا هئا. 19 هين صدي جي ٻئي ڏاري برطانوي حڪمران هندستان جي اترئين علائقن ۾ پنهنجو سامراجي تسلط قائم ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئا. ان وقت ننڍي کان صرف سنڌ، بلوچستان پنجاب ۽ سرحد برطانوي قبضي کان بچيل هئا. 1827ع ڏاري هڪ طبيب ۽ سياسي ايلچي سنڌ جي دربار جو مشاهد وڪيو ۽ شاهوڪار سنڌو ماتري جي آسان فتح جو اندازو لڳائي ورتو. قبضي جي تڪڙي هيڇ جي نتيجي ۾ 1932ع ۾ ئي برطانوي سماراج هينري پاٽنر جي اڳواڻي ۾ سنڌ تي قبضو ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو. اهڙي سازش کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ميرن مٽان نام نهاد دوستي جا معاهدا مڙهيا ويا. 1838ع ۾ برطانوي فوج کي سنڌ رستن افغانستان تي چڙهائي جو منصوبو جوڙيو ويو. سيپٽمبر 1842ع ۾ سرچارلس نيئر کي حيدرآباد ۾ پوليٽڪل ريذيڊنٽ مقرر ڪيو ويو. اڪٽوبر ۾ هن دهلي ۾ وائسراءِ کي ميرن کي هيسائڻ جي ارادي کان آگاهه ڪيو. نومبر ۾ ميرن کي هڪ نئون معاهدو پيش ڪيو ويو. جنهن موجب سنڌ مان کين مستقل رستو ڏيڻ واري ڳالهه شامل هئي. جنوري 1843ع ۾ نيئر اهڙي معاهدي تي صحيح ڪرائڻ لاءِ طاقت جو ڏيکاءُ ڪيو. 11 جنوري تي هو خيرپور ۾ امام ڳڙهه جي قلعي تي واءُ مينهن ڪري پهتو جنهن کانپوءِ هن حيدرآباد کي فتح ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو. جڏهن ته اهڙي وقت ۾ ميرن نيڪ نيتي سان ڳالهيون ڪيو ۽ انگريزن کي سيئي رعائتون ڏنيون ۽ معاهدا ڪيا کين اهو پڻ تعين هو ته انگريز مٽن حملو نه ڪندا. ميجر آئوٽرام نيپئر طرفان ميرن سان ڳالهيون ڪري رهيو هو پر مير کي نيپئر جي ارادن جي قطعي پروڙ نه هئي. آئوٽرام هڪ مهذب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو هو. هن جو ڀالهين ۾ يقين هو ۽ ٻئي پاسي ميرن جي ٻه ساڳي ئي سوچ هئي، ميجر آئوٽرام جي خام خيال ۾ ٻه اها ڀالهه نه هئي ته کو نيپئر طاقت جي استعمال جو لاڙو رکي ٿو. اندروني طور تي ميرن ۾ تڪرار هو هڪ ئي وقت خاندان حيدرآباد، خيرپور ۽ ميرپور ۾ الڳ الڳ حڪومت ڪري رهيا هئا. خيرپور ۾ مير رستم خان حڪمراني ڪري رهيو هو پر سندس ننڍي ڀاءُ علي مراد غداري ڪئي هو. انگريزين جي سازشن ۾ پاڳي پائيوار هو ۽ نيپئر جي حمايت ڪيائين. حيدرآباد ۾ مير نصير خان حڪومت پئي ڪئي ته لڪ ڇپ ۾ مير صوبدار انگريزن جو پاسو جهليو ٻيٺو، صرف ميرپور ۾ مير شير محمد جي صفت ۾ کوٻه مخالف يا غدار نه هو.

صوبدار جون سازشون

جيتوڻيڪ 1828ع ۾ سرچاءُ ٿي ويو هو پر تنهن هوندي ٻه صوبدار جي نيت ۾ کوٽ موجود هئي ۽ سندس ارادا پنهنجن چاچن ۽ سئوتن بابت سٺا نه هئا. 1834ع ۾ مير مراد علي جي وفات کانپوءِ هو پر انگريزن جي سازسن جو شڪار ٿي ويو ۽ ڳجهه ڳوهه ۾ انگريزن سان ناتا قائم ڪيائين. 1838ع ۾ مير مراد علي جو شڪار ٿي ويو ۽ ڪجهه ڳوهه ۾ انگريزن سان ناتا قائم ڪيائين. 1838ع تائين هن برطانيا سان دوستن وارو رويو اختيار ڪيو ۽ انهي اميد تي ته ڪيس ڪجهه نه ڪجهه ملندو.

سيپٽمبر 1842ع ڏاري جڏهن چارلس نيپئر سکر وڃڻ وقت حيدرآباد کان گذريو ته صوبدار هڪ ڳجهو خط لکي پنهنجي وفاداري جو يقين ڏياريو هو لاڳيتو نيپئر سان رابطي ۾ رهيو ۽ دوستن جو يقين ڏيارينڊو رهيو. هن 17 فيبروري 1843ع ۾ ميانڻي جي جنگ ۾ پهرو نه ورتو ۽ ساڻين سميت حيدرآباد جي قلعي اندر ئي ويٺو رهيو. انگريزن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميانڻي جي جنگ ۾ فتح حاصل ڪئي انهي تي شام مير صوبدار منشي آورتراءِ هٿان منائي جا ٽالو ۽ ٻيون سوڪڙيون نيپئر ڏانهن ڏياري موڪليون. منشي آوتراءِ اهو شخص هو جنهن مير صوبدار کي آسرو ڏنو هو ته انگريز تو کي مير علي مراد وانگر تخت تي ويهارينداِ. ٻئي ڏينهن ساجهر مير صوبدار منشي اوتراءِ ۽ موسيٰ ارمنا کي نيپئر ڏانهن موڪلي ملاقات جي خواهش جو اظهار ڪيو. نياپو هن ريت هو ته مون پنهنجو پاڻ کي برطانيا جو دوست ثابت ڪيو آهي ۽ جنگ ۾ ڪوبہ حصو نہ ورتو آهي.

هوش محمد جي مير صوبدار کي صلاح(18 فيبروري):

هوش محمد اهو سڀ ڪجهہ اکين سان پئي ڏٺو هو پنهنجي مالڪ سان وفادار رهيو ۽ ميانڻي جي جنگ ۾ حصو نہ ورتائين. جيڪا مير هارائي ويا. سندس عمل ڇا هو؟ تاريخ جي پنن ۾ انهي ڳالهہ جو ذڪر ڪونهي پر خوشقسمتي سان سندس همعصر شاعر احسان علي شاهہ (سيد ثابت علي جي پٽ) جنهن ميانڻي جنگ تي سندس لکي هئي انهي سندس ۾ هوشو پاران آخري گهڙين ۾ پنهنجي مالڪ کيل وينتي جو هن ريت آهي.

"هوش محمد دليل ڏنو ته منهنجا صاحب سياڻا ٿيو مت نہ وڃايو پنهنجي پٽ فتح علي خان جي ساڻ سان مون کي دستا ڏئي روانو ڪريو. مير محمد خان کي ڳوٺ ۾ رهڻ ڏيو ۽ توهان ٻين ميرن سان ملي فتح حاصل ڪيو. ڪوڙي جي صلاح لڳي جو ناهہ آهي. هن کان هوشيار ٿيو. بچڙي آوت کان پاسو ڪريو هو پر پروسي جوگو ماڻهو ناهي. ميانڻي جي ميدان ۾ انگريز جي فتح جون مبارڪون جيڪو اوهان کي سهري هٿان مليون آهن. جن جنگ کان پاسو ڪيو. انهن پنهنجو شان دنيا ۾ وڃايو ۽ وطن پرستن کي مرڻ لاءِ اڪيلو ڇڏيو ۽

ميدان مان ڀڄي ويا. توهان جو مهرو ۽ سندس پٽ ۽ توهان جو ڪوڙو اهڙن ماڻهن مان آهن، جن ائين ڪيو. اڄ ٻه توهان ڪوڙي جي صلاح مڃي ۽ اسان جي هڪ ٻه نه ٻڌي، ڪوڙي جو منصوبو آهي ته هو توهان جي پڳ (سرداري) انگريزن هٿان محفوظ ڪرائيندو هن انگريز فوج کي دعوت ڏني آهي، جيڪا اسان کي تباهه ڪري گهري ٿي. مان وارا ميرا پنهنجي سئوٽ (مير نصير خان9 جيحمايت ڪريون، هن جي سوڀ، توهان جي ئي سوڀ آهي. ياءُ دنيا ۾ نه رهڻ ان ڪانپوءِ جيئن اجايو آهي. شير محمد کي جنگ جي ميدان کان پري رهڻ جون صلاحون نه ڏيو. هڪ ٻئي جا ٻانهن ٻيلي ٿيو ۽ جنگ ۾ ٻي رحمي سان تلوار وهايو. عزت انهي ۾ آهي ته ٻاڙن ۽ سئوٽن جو مددگار ۽ وفادار ٿجي."

شاعر پاران بيان ڪيل قصي مان معلوم ٿئي ٿو ته هوش محمد پاران ڏنل صلاحن ۽ خدشن مان اها ڳالهه پڌري پٽ ٻئي آهي ته مير صوبدار پنهنجي ٻن وزيرن منشي آوتراءِ ۽ ڪوڙي ناريجي جي هٿن ۾ کيڏي رهيو هو. جيڪي مير کي اهي صلاحون ڏئي رهيا هئا ته جي توهان انگريزن جو پاسو ورتو ته هو فتح ڪانپوءِ حيدرآباد جو تخت تنهنجي حوالي ڪندا ۽ هوشو اهڙين سازشن کان مير کي آگاهه ٻي ڪيو.

هاڻي مير شير محمد جي ڪردار تي ڪجهه روشني وجهجي ته هن تڪڙ ۾ 7 کان 8 هزار فوج ڪشي ڪري ورتي ۽ ميانڻي جي جنگ واري ڏينهن يعني 17 فيبروري جي شام ميدان جنگ کان فقط 6 ميلن ميلن جي مفاصلي تي پهتو پر هن جنگ ۾ حصو نه ورتو. جنهن بابت اهو سمجهيو وڃي ٿو ته اها صلاح ٻه ڪيس مير صوبدار ڏني هئي، جنهن سان سندس دوستي هئي. صوبدار جي ڪيس اها صلاح هئي ته انگريز جلد ئي ساڻس رابطي ۾ ايندا. اسان کي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو

ته 18 فيبروري جي صبح جو مير صوبدار جي ايلچي منشي آوتراءِ جي موجودگي ۾ جڏهن نيپئر جي سامهون مير شير محمد جو نمائندو پهتو ۽ نيپئر جو ارادو معلوم ڪيو. جنهن جي جواب ۾ نيپئر لکيو ته "يا ته توهان پيش پئو يا ته حملي لاءِ تيار ٿيو" ايجا نمائندو موجود ئي هو ته مير نصير خان شهداد خان ۽ حسين علي پيش پيا.

17 فيبروري تي هوش محمد ميائي جي فتح واري شام ئي مير صوبدار کي خطرن کان آگاهه ڪري ڇڏيو پر سندس مالڪ ان ڳالهه تي ڪن نهڏنو ويتر هن هوش محمد کي اڳرا نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ نڪري وڃڻ جو چيو. پر ڪجهه ڏينهن اندر ئي صوبدار کي وطن سان غداري جي قيمت ادا ڪرڻي پئي. آوتراءِ ۽ ڪوڙي جي سازشن کيس رڙ ۾ رولي ڇڏيو. انگريزن کي سنڌ ڪپندي هئي ته ڪي صوبدار ٻين ميرن اڳ ئي هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا ۽ پيش پيا پر صوبدار کي قطعي پوئتي ڇڏيو ويو ۽ آخر سندس به وارو آيو. 21 فيبروري تي انگريز آفيسر حيدرآباد جي قلعي ۾ داخل ٿي ويا ۽ قبضو حاصل ڪيو ۽ ٽن ڏينهن تائين خزانو ميڙن جو سلسلو جاري رهيو. 26 فيبروري تي (محرم 26) تي مير محمد خان کي قلعي کان انگريزن جي ڪيمپ ۾ آندو ويو. جتي اڳ ئي ٻيا مير قيد هئا. ڪي پنج ڏهارا پوءِ صفر جي پهرين تاريخ تي مير صوبدار کي هڪ پالکي ۾ قلعي کان ٻاهر آندو ويو ۽ ٻين ميرن سان گڏ قيد ڪيو ويو.

هوش محمد جو مير شير محمد سان ملي وڃڻ:

نڪري وقت هن هوش محمد ۽ ساڻين کي مير شير محمد جو ساڻ ڏيڻ جو چيو هجي پر گهٽو ڪري ائين ئي آهي ته هن ارڏي وطن دوست سپاهي هوش محمد جو اهو آزاد بچائڻ واري ويڙهه ۾ مير شير محمد جوس اٽ ڏجي. اهڙي ماحول ۾ هوش محمد وفادار ساڻي ساڻ

ڪري مير شير محمد سان مليو. جيڪو هاڻي ميانڀي ڪان ٿورو ڇڏيرو ٿي ٻيڻو هو ۽ موقعي جي ڳولا ۾ هو. مير ڪي جاڻ هئي ته حيدرآباد ۾ ڇا ويهي واپري پيو. ڪيئن ٽالپر ۽ اميرن ۽ سندس دوست صوبدار ڪي قيد ڪيو ويو ۽ ڪهڙي طريقي سان انگريز آفيسر قلعي ۾ داخل ٿيا ۽ انهن حفاظت جي بهاني قومي خزاني جي ڦرلٽ ڪئي. سخت بيوس ۽ غربت واري حالت هوندي بہ پنهنجي طاقت ڪي يڪمشت ڪيو ۽ دشمن تي حملي آور ٿيو. هوش محمد جي اچي ملڻ سان سندس همت ۾ اضافو ٿيو ۽ جنگ جي تياري ۾ پڻ مدد ملي.

دٻي جي جنگ (24 مارچ)

15 مارچ 1843ع تي مير شير محمد حيدرآباد کان 12 ميل پري هڪ وڏي فوجي قوت سان موجود هو. 23 مارچ تي نيپئر پنهنجي حيدرآباد واري ڪئمپ تي 8 هزار ماڻهن سان قلعي ۾ بند ڪيو. جنهن ۾ 5 هزار نفري جي صف بندي ڪئي وئي. جنهن ۾ 5 هزار نفري جي صف بندي ڪئي وئي. جنهن ۾ 11 سئو گهوڙي سوار ۽ 17 بندوقون شامل هيون. هن 23 مارچ جي شام حامين ڦليلي جي اوير ۾ پنهنجي فورس کي پهچائي ڇڏيو. 24 مارچ تي هو مير شير محمد تي حملي لاءِ وڌيو. جيڪو هوسڙي دٻي يا ٽنڈو جام وٽ هو. تيز چرپر ۽ ڦرتي سان پوزيشن ونڊ مير شير محمد جي شروعاتي طور فوج جي خاص ڳالهه هئي. نيپئر جي وڏندڙفوج خلاف جنگي حڪمت عميل طور هن پنهنجي ڪجهه جٿن کي ٻه ميل اتر طرف مقرر ڪيو.

جڏهن ته ميانڀي جي پيٺ ۾ نيپئر جي هينئر تياري سني هئي. هن ڪراچي ۽ سکر مان نوان دستا طلب ڪيا. جيڪي وقت سر پهچي ويا. هن جنهن انداز مان فوج کي جنگ جي ميدان ۾ مقرر ڪيو هو اهو ڪابي کان ساڄي طرف هن ريت هو. پونا جي مددگار گهوڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوار دستا، 9 بنگال گھوڙيسوار دستا، ايڇ ايم 22 ريجمنٽ يارنھن بندوقن، ساڻ، 22 يامبي ريجمنٽ (اين آءِ) ڪئپٽن وھيسلي جا دستا، 12 ۽ 18 اين آءِ دستا، فرسٽ گرنيڊئير اين آءِ جا گھوڙي سوار ٽين يامبي گھوڙي سوار دستا ۽ ساڄي پاسي کان گھوڙي سوار سان.

جنگ جي شروع ۾ سنڌ جي فوج نيپئر جي وڏندڙ دستن کي روڪڻ لاءِ ننڍي پيماني تي گوليبازي ڪئي، گڏوگڏ سنڌ جي فوج ناريجاٽي ڳوٺ جي ڀرپاسي ۾ پوزيشن سنياليو ورتي. انگريز گھوڙي سوار جي 22 پوزيشن سنياليو ورتي، انگريز گھوڙي سوار جي 22 ريجمنٽ اڳتي وڌيٽ ان تي ناريجاٽي ڳوٺ کان ربوڙيدار بند وقت سان زوردار حملو ڪيو ويو ٽ نيپئر جي فوج جي پوئتي هٽي وئي. سنڌ جي اها فوج سمورو ڏينھن ناريجاٽي ۾ ئي رهي پر مجموعي طور تي سنڌ جي فوج انگريزن جي تربيت يافتہ فوج ڀڳي توبخاني جو ڪو خاص خواھ جواب نہ ڏئي سگھي پر وطن پرستن هٿيار ڦٽا نہ ڪيا ۽ رت جي آخري ڦڙي تائين جنگ وڙهي، جنھن کي لئمبرڪ ھن ريت بيان ڪري ٿو.

"ھڪ دفعو ٻيھر بلوچن دشمن کي روڪڻ جو اعليٰ مظاھرو ڪيو. جڏھن ٻئي فوجون ڪينال جي ڪنڊي تي آمھون سامھون ٿيون ٽ جنگ پنھنجي عروج تي پھچي وئي ۽ ميرن جي فوج ٻ گوليباري جاري رکي پر بلوچ سرسي ڪڏھن ٻ حاصل نہ ڪري سگھيا، هتي هٽ جي سربراھي ۾ 25 آرٽلري مير شير محمد جي فوج تي زبردست حملو ڪيو پر بلوچ تيستائين وڙهندا رهيا، جيستائين ڪين مڪمل طور تي گھيرو نہ ٿيو ھو" مير ياران وڙهيل جنگ جا ڪي خاص تفصيل ٽ معلوم نہ ٿي سگھيا آھن پر ھڪ مقامي شاعر علي جي شاعري ۾ مير شير محمد جي اڳواٽي ۾ جرنيل هوش محمد ۽ ساٿين ياران بهادري سان وڙهيل جنگ جو ڪجھ ذڪر ملي ٿو جنھن ۾ ھن ريت احوال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيان ڪيو آهي.

"علي مراد جي بهادر فرزند زندهه باد
ميدان ۾ هن جي هڪ هئي ته حملو حملو
سندس حملي انگريزن جون متيون منجهائي ڇڏيون.
ڪليلي جا ڪنارا رت سان وهنجي ويا
هوش محمد جو حملو غضبناڪ هو
هن حياتي وطن تان خوشي سان گهوڙي ڇي
هو سون مان اڪيلو وڙهيو هن تي ميار ناهي
جيت ته خدا جي هٿ وس آهي جنهن کي عطا ڪري پر سورما پنهنجي وک ذرو به پوئتي نه ٽا ڪن"

ڪيترائي سورما جن وک وک تي وطن جي حفاظت ڪئي کين زماني فراموش ڪري ڇڏيو. جڏهن جنگ دشمن جي فتح ڏانهن وڌي رهي هئي ته مير شير محمد اهو موزون سمجهيو ته هو ميدان مان پوئتي هٽي وڃي ۽ ٻيهر جنگ لاءِ تياري ڪري اها صلاح به هوش محمد مير شير محمد کي ڏني ته توهان نڪري وڃو آئون جنگ جي اڳواٽي ڪندس. لئمبرڪ جي لفظن ۾ "مير صوبدار جي هن بهادر غلام آخري گهڙي تائين جنگ وڙهي جيستائين سندس سسي ۾ ساهه هو.

هوش محمد جو ميدان ۾ رهڻ:

هوش محمد هڪ بهادر سورمي ۽ جنگجو وانگر دشمن خلاف وڙهندي پنهنجي جان فدا ڪئي. نيپئر پڻ هن ڳالهه جي گواهي ڏئي ٿو سندس موجب ته "هن جوان ۽ مانوارن سردارن سميت ڏهي جي ميدان ۾ جان ڏني. سندس بهادري جي گونج سڄي ملڪ ۾ سورمي جي لاش کي بنا ڪفن دفن ڇڏيو ويو هجي. جڏهن ته سندس قبر جي جاءِ اڄا تائين متنازعه آهي. لوڪ ڪهاڻين ۾ ماڻهن جي زبان تي هوش محمد

جي بهادري جا قصا آهن. جنهن انگريزن جي ڀڙي تويخاني کي منهن ڏنو. اها حقيقت آهي ته ڏهي جي جنگ کانپوءِ انگريزن حيدرآباد جي قلعي ۾ هڪ توب نمائش لاءِ رکي هئي جيڪا امڪاني طور تي ڏهي جي جنگ ۾ استعمال ٿي هوندي، انهن جي ير ۾ هڪ پٿر جنهن تي بهادر سپاهي بابت لکيل هو. نصب ڪيو ويو هو. اهو عام خيال آهي ته بعد ۾ اهو نقش ٽيل پٿر هوشو جي مقبري تي لڳايو ويو ۽ اها توب پڻ جنهن سان ڏهي جي جنگ ۾ دشمن تي حملو ڪيو ويو هو. سڏي قصي چوندڙن پاران هڪ مختصر لکڻي جيڪا مياڻي ۽ ڏهي جي جنگ بابت هئي۽ حيدرآباد مان 1925ع ۾ ڇپي هئي. جيڪا هن ريت هئي "هوش محمد جي قبر ۽ توب پڻ قلعي اندر آهي. جنهن سان هو دشمن تي حملي آور ٿيو هو ڪجهه سال ٿيا ته اها فوجي اختيارين پاران قلعي مان هٽائي وئي آهي" ڪو سبب ناهي جو اهڙي شاهدي تي اعتبار نه ڪجي ڇو ته پهرين ڳالهه ته ڪڏهن به ٻئي هنڌ هوش محمد جي قبر موجود ناهي ۽ اهڙي بهادر سپاهي کي انگريز ڪنهن مناسب ڪفن دفن جي بنا ڪيئن رهڻ ڏنو هوندو. ٻيو ته توب جو نصب ٿيڻ ۽ ان جي ير ۾ پٿر جي لڳل تختي پڻ ان ڳالهه جي گواهي ڏئي ٿي ته جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هوش محمد کي هڪ فوجي طريقي سان دفن ڪيو هو جيڪو ڪم امڪاني طرح نيپئر جي هدايتن پٽاندڙ ڪيو ويو هوندو. چاڪاڻ ته بهادر فوجي کي فوجي اعزاز سان دفن ڪرڻ فوج جي روايت آهي. تنهنڪري ان ڳالهه تي ويساهه ڪري سگهجي ٿو ته هوش محمد قمبراڻي جي قبر اتي ئي هئي، جتي پٿر جي تختي لڳل هئي. جڏهن ته ورهاڱي کانپوءِ آيل پناهه گيرن پاران قلعي ۾ رهائش پذير ٽيڻ کانپوءِ پٿر جي لڳل تختي خراب حالت ۾ ڏٺي وئي، منهنجي زور ڀرڻ تي ان تختي کي محفوظ رکڻ لاءِ ان کي اتان هٽائي آرڪيالاجي کاتي جي مرڪزي ڪمري ۾ رکيو ويو. قلعي اندر ميرن جي دربار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يادگار وت آهي.

هوش محمد جي پويان صرف اهو پٿر جو نقش ٿيل ٽڪڑو ڪونہ هو. مرزا قليچ بيگ جي موجب "هوش محمد پنهنجي پويان هڪ پٽ ڇڏيو جنهن کي وري هڪ پٽ نالي بچل هو جنهن جا ٻہ پٽ هوش محمد ۽ امام بخش هن وقت تنديِ ٽوڙهي ۾ر هن ٿا. "مرزا قليچ بيگ جي هي تحرير 1902ع ۾ لکيل سنڈ جي تاريخ ڪتاب مان ورتل آهي. امڪاني طور تي هوش محمد جا پوينئر هن وقت ٻہ تنڊو ٽوڙهو حيدرآباد ۾ رهائش پذير هوندا.

صوبدار جون سازشون:

جيتوڻيڪ 1828ع ۾ سرچاءُ ٿي ويو هو پر تنهن هوندي ٻہ صوبدار جي نيت ۾ ڪوٽ موجود هئي ۽ سندس ارادا پنهنجن چاچن ۽ سئوٽن بابت سنا نہ هئا. 1834ع ۾ ميرمراد علي جي وفات کانپوءِ هو پر انگريزن جي سازشن جو شڪار ٿي ويو ۽ ڳجهہ ڳوهہ ۾ انگريزن سان ناتا قائم ڪيائين. 1838ع ۾ ميرمراد علي جو شڪار ٿي ويو ۽ ڪجهہ ڳوهہ ۾ انگريزن ان ناتا قائم ڪيائين. 1838ع تائين هن برطانيا سان دوستن وارو رويو اختيار ڪيو ۽ انهي اميد تي تہ ڪيس ڪجهہ نہ ڪجهہ ملندو.

سيپٽمبر 1842ع ڏاري جڏهن چارلس نيپئر سکر وڃڻ وقت حيدرآباد کان گذريو تہ صوبدار هڪ ڳجهو خط لکي پنهنجي وفاداري جو يقين ڏياريو هو لاڳيتو نيپئر سان رابطي ۾ رهيو ۽ دوستن جو يقين ڏيارينڈو رهيو هن 17 فيبروري 1843ع ۾ ميانيِ جي جنگ ۾ بهرو نہ روتو ۽ ساڻين سميت حيدرآباد جي قلعي اندر ئي وينو رهيو. انگريزن ميانيِ جي جنگ ۾ فتح حاصل ڪئي. انهي تي شام ميرصوبدار منشي آوتراءِ هٿان منائي جا ٽالو ۽ ٻيون سوکڙيون نيپئر ڏانهن ڏياري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪليون. منشي اوتراءِ اهو شخص هو جنهن مير صوبدار کي آسرو ڏنو هو ته انگريز تو کي مير علي مراد وانگر تخت تي ويهارينداِ. ٻئي ڏينهن ساجهر مير صوبدار منشي آوتراءِ ۾ موسيٰ ارماني کي نيپئر ڏانهن موڪلي ملاقات جي خواهش جو اظهار ڪيو. نياپو هن ريت هو ته مون پنهنجو پاڻ کي برطانيا جو دوست ثابت ڪيو آهي ۽ جنگ ۾ ڪوبہ حصو نہ ورتو آهي."

هوش محمد جي مير صوبدار کي صلاح(18 فيبروري)

هوش محمد اهو سڀ ڪجهہ اکين سان ڏٺي ڏنو هو پنهنجي مالڪ سان وفادار رهيو ۽ ميانڻي جي جنگ ۾ حصو نہ ورتائين. جيڪا مير هارائي ويا. سندس عمل ڇا هو؟ تاريخ جي پنن ۾ انهي ڳالهہ جو ذڪر ڪونهي پر خوشقسمتي سان سندس همعصر شاعر ا۔سان علي شاهہ (سيد ثابت علي جي پٽ) جنهن ميانڻي جنگ تي سندس لکي هئي انهي سندس ۾ هوشو پاران آخري گهڙين ۾ پنهنجي مالڪ ڪيل وينتي جو هن ريت آهي.

"هوش محمد دليل ڏنو ته منهنجا صاحب سياڻا ٿيو مت نہ ويجايو. پنهنجي پٽ فتح علي خان جي ساڻ سان مون کي دستا ڏئي روانو ڪريو. مير محمد خان کي ڳوٺ ۾ رهڻ ڏيو ۽ توهان ٻين ميرن سان ملي فتح حاصل ڪيو. ڪوڙي جي صلاح نڪي جو ناهہ آهي، هن کان هوشيار ٿيو. بچڙي اوت کان پاسو ڪريو هو پروسي جوڳو ماڻهو ناهي، ميانڻي جي ميدان ۾ انگريز جي فتح جون مبارڪون جيڪو اوهان کي سهري هٿان مليون آهن. جن جنگ کان پاسو ڪيو انهن پنهنجو شان دنيا ۾ وڃايو ۽ وطن پرستن کي مرڻ لاءِ اڪيلو ڇڏيو ۽ ميدان مان ڀڄي ويا. توهان جو مهرو ۽ سندس پٽ ۽ توهان جو ڪوڙو اهڙن ماڻهن مان آهن، جن ائين ڪيو. اڄ بہ توهان ڪوڙي جي صلاح مڃي ۽ اسان جي

هڪ بہ نہ ٻڌي ڪوڙي جو منصوبو آهي تہ هو توهان جي پڳ (سرداري) انگريزن هٿان محفوظ ڪرائيندي هن انگريز فوج کي دعوت ڏني آهي. جيڪا اسان کي تباهہ ڪرڻ گهري ٿي. مان وارا ميرا! پنهنجي سئوٽ (ميرنصير خان) جي حمايت ڪريو. هن جي سوڀ، توهان جي ئي سوڀ آهي، پاڻ دنيا ۾ نہ رهڻ ان کانپوءِ جيئن اجايو آهي. شير محمد کي جنگ جي ميدان کان پري رهڻ جون صلاحون نہ ڏيو. هڪ ٻئي جا ٻانهن ٻيلي ٿيو ۽ جنگ ۾ بي رحمي سان تلوار وهايو. عزت انهي آهي تہ پائرن ۽ سئوٽن جو مددگار ۽ وفادار ٿجي."

شاعر پاران بيان ڪيل قصي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هوش محمد پاران ڏنل صلاحن ۽ خدشن مان اها ڳالهہ پڌري پٽ پئي آهي تہ ميرصوبدار پنهنجي ٻن وزيرن منشي آوتراءِ ۽ ڪوڙي ناريجي جي هٿن ۾ کيڏي رهيو هو. جيڪي ميرکي اهي صلاحون ڏئي رهيا هئا تہ جي توهان انگريزن جو پاسو ورتو تہ هو فتح کانپوءِ حيدرآباد جو تخت تنهنجي حوالي ڪندا ۽ هوشو اهڙيون سازشن کان ميرکي آگاهہ پي ڪيو.

هاڻي ميرشير محمد جي ڪردار تي ڪجهہ روشني وجهجي تہ هن تڪڙ ۾ 7 کان 8 هزار فوج ڪشي ڪري ورتي ۽ مياڻي جي جنگ واري ڏينهن يعني 17 فيبروري جي شام ميدان جنگ کان فقط 6 ميلن جي مفاصلي تي پهتو پر هن جنگ ۾ حصو نہ رتو. جنهن بابت اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ اها صلاح بہ کيس ميرصوبدار ڏني هئي. جنهن سان سندس دوستي هئي.ص وبدار جي کيس اها صلاح هئي تہ انگريز جلد ئي ساڻس رابطي ۾ ايندا. اسان کي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ 18 فيروري جي صبح جو ميرصوبدار جي ايلچي منشي آوتراءِ جي موجودگي ۾ جڏهن نيپئر جي سامهون ميرشير محمد جو نمائندو پهتو ۽ نيپئر جو ارادو معلوم ڪيو جنهن جي جواب ۾ نيپئر لکيو تہ "يا تہ

توهان پيش پئو يا ته حملي لاءِ تيار ٿيو" ايجا نمائندو موجود ئي هو ته مير نصير خان شهداد خان ۽ حسين علي پيش ڪيا.

17 فيبروري تي هوش محمد ميڻي جي فتح واري شام ئي مير صوبدار کي خطرن کان آگاه ڪري ڇڏيو پر سندس مالڪ ان ڳالهه تي ڪن نه ڏنو ويتر هن هوش محمد کي اگر نتيجا پوڳڙ جون ڏمڪيون ڏنيون ۽ نڪري وڃڻ جو چيو. پر ڪجهه ڏينهن اندر ئي صوبدار کي وطن سان غداري جي قيمت ادا ڪرڻي پئي، آوتراءِ ۽ ڪوڙي جي سازشن کيس رڻ ۾ رولي ڇڏيو. انگريزن کي سنڌ ڪپندي هئي ته ڪي صوبدار ٻين ميرن اڳ ئي هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا ۽ پيش پيا پر صوبدار کي قطعي پوئتي ڇڏيو ويو۽ آخر سندس ٻه وارو آيو. 21 فيبروري تي انگريز آفيسر حيدرآباد جي قلعي ۾ داخل ٿي ويا ۽ قبضو حاصل ڪيو۽ تن ڏينهن تائين خزانو ميڙڻ جو سلسلو جاري رهيو. 26 فيبروري تي (محرم 26) تي مير محمد خان کي قلعي کان انگريزن جي ڪيمپ ۾ آندو ويو. جتي اڳ ئي ٻيا مير قيد هئا. ڪي پنج ڏهاڙا پوءِ صفر جي پهرين تاريخ تي مير صوبدار کي هڪ پالکي ۾ قلعي کان ٻاهر آندو ويو ۽ ٻين ميرن سان گڏ قيد ڪيو ويو.

هوش محمد جو مير شير محمد سان ملي وڃڻ:

هوش محمد هاڻي پنهنجي مالڪ وڃائي وينو هو ۽ صوبدار ٻه وطن پرست سپاهي جي صلاح کي رد ڪندي آخري موقعو ٻه وڃائي ڇڏيو. ممڪن آهي ته قلعي مان نڪرڻ وقت هن هوش محمد ۽ ساٿين کي مير شير محمد جو ساٿ ڏيڻ جو چيو هجي پر گهٽو ڪري ائين ئي آهي ته هن ارڏي وطن دوست سپاهي هوش محمد جو اهو آزاد بچائڻ واري ويڙهه ۾ مير شير محمد جو ساٿ ڏجي. اهڙي ماحول ۾ هوش محمد وفادار ساٿي ساڻ ڪري مير شير محمد سان مليو جيڪو هاڻي ميڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان ٽورو ڇڊيرو ٽي ٻينو هو ۽ موقعي جي ڳولا ۾ هو. مير کي جاڻ هئيتر حيدرآباد ۾ ڇا وهي واپري پيو. ڪيئن ٽالپر ۽ اميرن ۽ سندس دوست صوبدار کي قيد ڪيو ويو ۽ ڪهڙي طريقي سان انگريز آفيسر قلعي ۾ داخل ٿيا ۽ انهن حفاظت جي بهاني قومي خزاني جي ڦرلٽ ڪئي. سخت بيوس ۽ غربت واري حالت هوندي بہ پنهنجي طاقت کي يڪمشت ڪيو ۽ دشمن تي حملي آور ٿيو. هوش محمد جي اچي ملڻ سان سندس همت ۾ اضافو ٿيو ۽ جنگ جي تياري ۾ پڻ مدد ملي.

دٻي جي جنگ (24 مارچ)

15 مارچ تي مير شير محمد حيدرآباد کان 12 ملي پري هڪ وڏي فوجي قوت سان موجود هو. 23 مارچ تي نيپئر پنهنجي حيدرآباد واري ڪيمپ تي 8 هزار ماڻهن سان قلعي ۾ بند ڪيو. جنهن ۾ 5 هزار نفري جي صف بندي ڪئي وئي. جنهن ۾ 5 هزار نفري جي صفبندي ڪئي وئي. جنهن ۾ 11 سئو گهوڙي سوارن ۽ 17 بندوقون شامل هيون. هن 23 مارچ جي شام حامين ڦليلي جي اوير ۾ پنهنجي فورس کي پهچائي ڇڏيو. 24 مارچ تي هو مير شير محمد تي حملي لاءِ وڌيو جيڪو هوسڙي دٻي يا ٽنڈو جام وٽ هو.

محمد وارث عباسي

حضرت سيد نهال شاهه نوري جي درگاهه

موجوده فتح چوڪ کان ڏکڻ طرف ٽنبو محمد روڊ تي هوسڙي ۽ ڪٽڙ جي وچ تي اولهه طرف هڪ ڪچو سوڙهو ور وڪڙ تي جابلو رستو تقريباً 3 ڪلو ميٽر فاصلو طئي ڪرڻ کان پوءِ هڪ درويش جي درگاهه تي پهچبو تربت تقريباً هڪ سئو فٽ مٿي ٽڪر جي چوٽي تي واقع آهي. پنجن وڪڙن واري ڏاڪڻ 128 ڏاڪا چڙهي مٿي قبي تائين پهچبو آهي.

حضرت سيد نهال شاهه نوري جي درگاهه تي قبو گول نه پر بحر نما ٿهيل آهي پري پري کان عجائبات نما نظر اچي ٿو. پراڻي وقت جي عمارت سازي جو فن لاجوا نموني آهي. ڏاڪڻيون هاڻوڪي دور جون ٿهيل آهن. تربتن ۽ قبي کي ڏسي تعجب ٿيو ته ايتري مٿي قبو ناهيو ويو.

حضرت سيد نهال شاهه جي درگاهه آهي ته شهر کان ڪجهه پرپرو. پر شهر جي تاريخ ۾ ان جو شمار ٿئي ٿو. هن درويش جي قديم تاريخ آهي. تحفة الڪرام جي صفحي نمبر 48ـ447 تي گنجي ٽڪر تي آرامي جن بزرگن جو ذڪر ٿيل آهي انهن بزرگن مان نهال شاهه بابت بيان ٿيل آهي ته هي هڪ وڏو ڪامل بزرگ آهي، هو ويجهڙائي ۾ وڏن مناقبن، موصوف ۽ طالبن جي مرادن جو مرڪز رهيو آهي. هن مختصر بيان کان علاوه ٻئي ڪنهن به ڪتاب ۾ درويش جي تفصيلي تاريخ لکيل نظر نه آئي ته بزرگ ڪهڙي دؤر جا هئا ۽ ڪٽان آيا هئا، هن جاءِ کي پنهنجي آخري آرامگاهه چو پسند ڪيو هئاون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تربتن ۾ قبي کي ڏسي تعجب ٿيو ته ايترو مٿي تعميراتي سامان پهچائي ڪيترين تڪليفن سان تربتون ۾ قبو ٺاهيو ويو هوندو. سامان ايترو مٿي پهچائڻ ۾ قبو ٺاهڻ ان وقت جي ڪاريگرن ۾ مزدورن جي وڏي مهارت ۽ محنت هئي. اهو به معلوم نه ٿي سگهيو ته اهو قبو ڪهڙي دؤر جو ڪنهن ٺهرايو آهي.

قبي تي پهچي زميني حقيقتن جو تحقيقي جائزه ورتو ويو. قبي هيٺ تي تربتون هيون هڪ وڏي تربت تي سلطان الاولياء سخي حضرت نهال شاهه 24 جمادي الثاني ڪلهوڙا دؤر حڪومت مرڪزي آستانه نجف ڪالوني لطيف آباد يونٽ نمبر 5 لکيل هو. ٻئي پاسي ۾ به تربتون ٻيون به هيون، هڪ تربت جمال شاهه ۽ ٻي تربت ڪمال شاهه جي هئي. ٻڌايو ويو ته اهي ٻئي درويش نهال شاهه جا خدمتگار هئا، ڪنهن عقيدتمند قبي اندر پٿن تي ٻاهر ٽائلس جو نئون ڪم ۽ ڊاڪٽ پٽ تعمير ڪرائي آهي. تربتن جي اولهه طرف هڪ ننڍي مسجد آهي اها مسجد ٺهيل ته پراڻي نظر اچي رهي آهي، پر ڇت گارڊرن ٽيئرن جي ٺهيل آهي.

قبي کان هيٺ ٽڪر جي دامن ۾ هڪ سرنگهه هئي، جيڪا پٽ عجائبات جهڙي هئي. سرنگهه ڏسڻ اندر وياسون، مون سان گڏ منهنجو ساڻي غلام مصطفيٰ ميمڻ هو. سرنگهه اندر اونداهي هئي، جڳهه ايتري ته هيٺ هئي جو جهڪي ان ۾ اندر وياسون قدرت واري جي عجيب بناوت ۽ ڪرشمو نظر آيو. ٻڌايو ويو ته ان سرنگهه ۾ درويش عبادت ڪندا هئا، ٻاهر چلہ گاهه جو بورڊ به لڳو پيو هو. اتي ٽڪر جا ور وڪڙ به قدرت واري جي عجيب جوڙجڪ هئي. درگاهه کان هيٺ ٽڪر تي، هڪ ننڍي عقيدتمندن جي ويهڻ جي جاءِ هئي. ڪجهه عقيدتمند وينا هئا. زيارتي به اچي رهيا هئا ايترو پري ۽ ويران جاءِ تي ماڻهن جو اچڻ درويش سان عقيدت جي اظهار جي علامت هئي. اتي هڪ ماڻهو وينو

هو جنهن ٻڌايو ته هي درگاهه جو خدمتگار آهي، پر متولي احمد شورو آهي، ان سندس نالو قادر بخش شورو ٻڌايو ان سان ڪجهه دير حالي احوالي ٿياسون، ٻڌايائين ته هي اتي جو پراڻو رهندر آهي، هنن جا وڏا به درگاهه جي خدمت ڪندا هئا، اهو به ٻڌايائين ته خميس ۽ جمعي جي ڏينهن تي عقيدتمند وڏي تعداد ۾ درويش جي حاضري ٻرڻ ايندا آهن درگاهه جي اتر طرف هيٺ ميداني علاقي ۾ ڪجهه جهوپڙيون نظر آيون. درگاهه تي مٿي وڃڻ لاءِ داخلي دروازو به ٺهيل هو.

گنجي ٽڪرت تي چا ته قدرتي منظر ڏسڻ ۾ آيا. ٽڪرين جون قطارون، ٽڪرين جي وچ ۾ خالي ميداني علاقا، ور وڪڙ وادين ۽ ايبون پٽريليون چاڙهيون، ٽڪر جي مٿان پيل وڻيون وڻيون وزندار ڇپون، ائين ڏسڻ ۾ اچي رهيون هيون، ڪجهه علاقي ۾ پوکون نظر اچي رهيون هيون، ٽڪريون ڪنهن جاءِ تي ننڍيون ته ڪنهن جاءِ تي تمام گهٽي اوچائي تي هيون، پر جنهن ٽڪري جي مٿان چيڙي تي درويش آرامي هئا، اهو ٽڪري وارو حصو تمام گهٽو اوچائي تي هو. ٽڪر مٿان پري پري تائين آبادي نظر نه اچي رهي هئي.

جيئن پهرين بيان ڪري چڪو آهيان، ته درويش جي سالياني ميلي جو اهتمام مرحوم ڪريم بخش ڪٽن ڪندو هو. ڪجهه سال مرحوم دوريش جو ميلو وڏي ڌام ڌومر سان ملهايو هو. درويش جي درگاهه جو انتظام مقامي ماڻهن جي هٿ ۾ آهي، ڪنهن به حڪومتي اداري جي عمل دخل نه آهي عقيدتمند قبي جي مرمت وغيره ڪرائيندا رهن ٿا، ان ڪري سڄي حالت ۾ نظر آيو. تنهن هوندي به قبو قديم هئڻ ڪري ان جي هر هڪ شيءَ جي حفاظت ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. چاڪاڻ ته قبو آهي ته ننڍو پر هڪ قيمتي سرمايو ۽ اثاثو آهي. هن وقت اهڙا قبا ناهڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي، ان ڪري جو اهڙو ذهن ۽ قابليت رکڻ وارا ڪاريگر هن وقت موجود نه آهن، جن جون ناهيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمارتون صدين تائين قائم رهي سگهن. موجوده دؤر جي ناهي عمارتن ڏانهن توجهه ڪريو ته اهي پنجاهه سالن کان وڌيڪ عرصو ساڻگي هالت ۾ برقرار نٿيون رهن، ڏهڙ ۽ زبون ٿيڻ شروع ٿيو وڃن. اهي پراڻن ڪاريگرن جون ناهيل عمارتون آهن، جيڪي صدين تائين قائم رهن ٿيون، جڏهن ته اهي آهن به گچ ۽ گاري سان ٺهيل. اهڙين حقيقتن کي مدِنظر رکندي، پراڻين مسجدن، قبن، عمارتن، اثاثن ۽ نشانين جي حفاظت ڪرڻ تمام ضروري آهي، پر حڪمران توڙي رياستي ادارن جا عملدار اگهور ننڊ ۾ ستا پيا آهن. انهن کي قديم عمارتن جي حفاظت ڪرڻ طرف ڪوبه توجهه نه آهي. درويشن جون آرماگاهون ۽ قبا حيدرآباد شهر جي پراڻين يادن کي تازه ڪن ٿا.

اها تحقيق ڪرڻ به تمام ضروري آهي ته سيد نهال شاهه ڪهڙي ڪلهوڙا حڪمران جي در حڪومت ۾ وفات ڪئي. چاڪاڻ ته درويش جي تربت تي جيڪو پٿر نصب ٿيل آهي، ان تي جيڪو ڪتبو موجود آهي، ان تي 24 جمادي الثاني ڪلهوڙا دؤر حڪومت تحرير ٿيل آهي. ٻي قابل غور ڳالهه اها آهي ته صاحب تحفة الڪرام مير علي شير قانع گنجي ٺڪر تي آرامي جن بزرگن جو ذڪر ڪيو آهي، انهن مان فقط چئن بزرگن جو احوال نهال شاهه سميت ملي ٿو. جڏهن ته مير صاحب جو وڌيڪ بيان اهو به آهي ته هن ٺڪر کي گنجو ولين جو منجو جي لقط سان ياد ڪيو ويندو آهي. اهو به لکن ٿا ته جيئن ته انهن سيني جي احوال جي معلومات ناممڪن آهي، تنهن ڪري جيڪي هٿ آيو سو تبرڪات لکجي ٿو.

مير صاحب جي مختصر بيان تي غور ٿو ڪجي ته اهو نتيجو ٿو نڪري ته انهن چئن بزرگن کان علاوه ٻيا به ڪيترائي بزرگ گنجي ٺڪر تي آرامي آهن، جن جي احوال جي معلومات ناممڪن آهي، يعني مختصر بيان مان گهٽو ڪجهه حاصل ٿي ويو جي زندگي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو ته گنجي ٽڪر جو سير ڪيو ويندو ۽ انهن آرامي بزرگن کي ڳولي انهن جي تاريخ مرتب ڪئي ويندي. مير صاحب سيد نهال شاهه کي هڪ وڏو ڪامل بزرگ بيان ڪيو آهي. پر ان جو دؤر نه ٻڌايو آهي. ان مان اهو معاملو ٿيو ته گنجي ٽڪر تي جيڪي به بزرگ آرامي آهن، انهن مان نهال شاهه به ڪامل بزرگ آهي. اهو اندازو لڳائڻ به ناممڪن آهي ته درويشن ڪهڑي ڪلهوڑا حڪمران جي دؤر جا هئا. جڏهن ته ڪلهوڙن سنڌ تي سنه 1700ع کان سنه 83_1782 تائين تقريباً حڪمراني ڪئي هئي. ڪتاب تحفة الڪرام جي مهاڳ جي صفحي نمبر 5 تي اهو تحرير ٿيل آهي ته ڪتاب سنه 1181 هجري ۾ لکجي پورو ٿيو هو يعني هجري سالن موجب هي ڪتاب تقريباً 253 سال اڳ جو لکيل آهي. ان حساب موجب درويش نهال سال 253 سالن کان به اڳي وفات ڪئي هئي ۽ اهو دؤر ڪلهوڙن جو هو. باقي قبي بابت ڪابه تاريخ موجود نه آهي ته اهو ڪڏهن ۽ ڪنهن ٺهرايو هو.

رستو سنسان لڳو پيو هو. مکيه رستي کان درگاهه ڏانهن ويندڙ رستي جي موڙ وٽ ڪجهه پڪيون جايون نظر آيون جيڪي سرڪار سرڪاري ڪمن لاءِ ٺهرايون هيون، پر بند ۽ زبون لڳيون پيون هيون. ان علاقي ۾ پڪا روڊ ٺهرائڻ علاقي کي ترقي ڏيارڻ طرف ڪوبه توجهه نه هو جڏهن ته اهو وسيع علاقو شهر حيدرآباد جي لطيف آباد تعلقي جي حدن ۾ آهي. انهي طرف شهر تمام گهٽو وڌي چڪو آهي. فتح چوڪ کان هوسڙي، ڪٽڙ تائين رستي جي ٻنهي پاسن کان آبادي، دڪان، هوٽلون ۽ ڪاروباري مرڪز قائم ٿي چڪا آهن. بدين ويندڙ ريلوي لائين جهڙوڪ آباد جي گهيري ۾ اچي وئي آهي. غير سنڌي آبادي تمام گهٽي وڌي وئي آهي، گهڻ ماڙ عمارتون به تعمير ٿي رهيون آهن.

هونئن ته گنجي ٽڪر جو وسيع علاقو خالي پيو هوندو هو ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻ بہ اتي موجود نہ هو. هن وقت گنجي ٽڪر جو تمام گهڻو حصو آباد ٿي چڪو آهي. ڪارخانا، شهري آبادي، سرڪاري آفيسون، عمارتون ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ ٺهي چڪو آهي. پري کان مٿي ٽڪر تي راجو ليکي ۽ تاجو ليکي جا پراڻا عجائبات جهڙا ڦبا پيا نظر ايندا هئا. گنجي ٽڪر تي ميٽ ڪاٽ ۽ ان جي پرپچاسي ڪجهہ پراڻا ڳوٺ هئا، ٿي سگهي ٿو تہ اها آبادي بہ ان دؤر کان هجي، جنهن وقت درويش اچي رهائش اختيار ڪئي هجي. ڇاڪاڻ تہ درويڊ جي دؤر جي مڪمل ۽ تفصيلي تاريخ موجود نہ هئڻ ڪري ڪنهن نتيجي تي پهچڻ مشڪل آهي. موجوده وقت اتي جيڪي ڪجهہ موجود آهي ان جي زميني حقيقتن جو جائزو وٺي تاريخ مرتب ڪري سگهجي ٿي، ٻيو اتي وينل ماٿهو جيڪي وڏن کان ٻڌل ڳالهيون ٻڌائين ٿا اهو ٻڌي انهن تي غور ڪري، چنڊچاڻ ڪرڻ ڪانپوءِ تاريخ مرتب ڪري سگهجي ٿي تہ جيئن وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اها تاريخ نوجوانن ۽ ايندڙ نسل لاءِ ڪارگر ثابت ٿئي.

جيئن نهال شاهہ جي درگاهہ تي موجود خدمتگار ٻڌايو تہ هن جا ابا ڏاڏا درويش جي در کان هتي آيا هئا، درويش جي حياتيءَ ۾، ۽ ان جي وصال بعد درگاهہ جي خدمت ڪندا هئا. ان دوريش بابت سندس وڏن کان ٻڌل ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڳالهيون ٻڌايون. درگاهہ کان هيٺ ٽڪريءَ تي ٽن طرفن کان قبرستان هو. ان قبرستان کي ڏسي اهو اندازو ٿيو تہ اتي پراڻي وقت کان آبادي آهي. قبي کان هيٺ ميداني علائقي ۾ اوپر طرف هڪ قبر موجود هئي، جنهن تي پڙ چڙهيل هو ۽ ننڍي چؤديواري ٺهيل هئي. ٻڌايو ويو تہ اها قبر درويش جي درگاهہ جي خدمتگار جي آهي، جنهن جي نالي جي خبر نہ آهي، پر ميداني فقير جي لقب سان مشهور آهي.

آئون پنهنجي اڳوڻن بيانن کي وري بہ ورجائيندي چوان ٿو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد شهر ۽ ان جي پرپاسي جي تاريخ طويل آهي. حياتي ختم ٿي ويندي پر تاريخ لکي مڪمل ڪرڻ مشڪل ڪم آهي. تاريخ مڪمل ڪرڻ لاءِ جسماني طاقت، ذريعا ۽ وسيلا ۽ ساڻي گهرجن، پر مون وٽ انهن سيني شين جي ڪمي آهي، ان ڪري اهو ڪم مڪمل ڪرڻ مون حقير، فقير جي وس کان ٻاهر آهي. بهرحال جيتري طاقت، همت، ذريعا ۽ وسيلا موجود آهن، ان آهر ڪوشش ۽ محنت ڪري تاريخ قلمبند ڪري پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان، جيڪي بهتر فيصلو ڪري سگهن ٿا. ايڏا به گهٽو ڪجهه رهيل آهي، جتي به ويون ٿا اتي هڪ نئين جاءِ جي نشاندهي ٿي ٿئي. اهڙين نشاندهي ڪيل حقيقتن کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ ايڏا به وڌيڪ محنت ڪرڻ جي ضرورت آهي.

درويش جي درگاهه تي جيڪو علم پاڪ نصب ٿيل هو اهو قبي جي وچان نڪتل هو. پري کان ان جي بيرڪ هوا ۾ ڦڙڪندي نظر ايندي هئي، علم جي ڪاٿي لائي ڪهڙي قسم جي ڪاٺ جي هئي، پر پراڻي مضبوط ۽ وزندار نظر اچي رهي هئي. ايترو گهٽو وقت گذرڻ جي باوجود به نه ڪٽان ڪمزور ٿي هئي نه زبون.

چرين جي اسپتال کان ونڊي لائين چينل، گهانگهرا موري تائين 7_6 ڪلوميٽر روڊ کي آتو پان روڊ چيو وڃي ٿو. ان روڊ جي ٻنهي طرفن کان وڏي آبادي وجود ۾ اچي چڪي آهي. ٽيڪسٽائيل ملون به ان روڊ تي آهن. ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي ڪارخانا ان روڊ تي قائم ٿي چڪا آهن، نه ته اڳي اهو روڊ ايترو نه آباد هو نه ويڪرو هو. روز بروز جي وڌندڙ آبادي ان ويڪري روڊ کي جهڙوڪ سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. هن وقت اهو روڊ به شهر جو مکيه روڊ آهي. ٽنڊو محمد خان روڊ تي مشهور زيل پاڪ سيمينٽ فيڪٽري جيڪا واسيع ايراضي تي ٺهيل آهي، پنهنجي اوج ۽ معيار تي هلي رهي آهي. ان روڊ تي اوير

طرف چمڙو ٺاهڻ جي بن فيڪٽرين ويسٽرن ٽينري ۽ ايسٽري ٽينري جون عمارتون ڏسڻ ۾ ايندڙيون هيون. اهي فيڪٽريون چنيوٽي پنجابين جون هيون انهن ٽينرين جي مٿان ڳڇهون، سِرڻ ۽ ڪانگ تمام گهڻي تعداد ۾ ويٺل نظر ايندا هئا. انهن ٽيئرين جي آسپاس ڪجهه پراڻا ڳوٺ به هئا، جيڪي وڏندڙ آبادي جي گهيري ۾ اچي جهڙوڪ ڏکجي ويا اهن. چمڙي ٺاهڻ جو هڪ ڪارخانو ٽنڊو يوسف ۾ هو جنهن کي سنڌ ٽينري سڏبو هو. شهر مان چمڙي جون صنعتون ختم ٿي چڪيون آهن.

نهال شاهه جي قبي تي مٿي بينا هئاسين ته ڏکڻ طرف مٿي هڪ ٻئي ٽڪر تي هڪ پراڻي وقت جو زبون قبو نظر آيو. ان بابت معلوم ڪيوسين، ٻڌايو ويو ته ان قبي ۾ حضرت علي ڪرم الله وجه جي قدم پاڪ جا نشان آهن. اها ڳالهه اسان لاءِ نئين هئي. ور وڪڙ واري هڪ چاڑهي چڙهي، هڪ ٻي چاڑهي رستي هيٺ لٽاسون. ڪجهه فاصلي تي هڪ ٻي اُيي، سڌي، پٽريلي چاڑهي آهي، ان جي مٿان قبو آهي. اها چاڑهي ايتري ته اُيي هئي جو موٽرسائيڪل نه چڙهي سگهيو. موٽرسائيڪل هيٺ ٻيهاري اها چاڑهي پنڌ چڙهياسون. چاڑهي چڙهندي بيحد تڪليف ٿي. ساٽا ٿي پياسون. قبي تائين پهچي دروازو کولي اندر وياسون. اونداهي هئڻ ڪري ڪا شيءَ چٽي يا واضح نظر نه آئي. بهرحال پراڻي دور جي ٺهيل قبي جو وجود هو. جيڪو سرن جي گج جو ٺهيل هو. قبو زبون ٿي چڪو هو.

رڻ جو اهو قبو ڏسي حيرت ٿي ته اهو ڪهڙي در جو هو ۽ ڪنهن ٺهرايو هو. ڪنهن تاريخي ڪتاب ۾ به انهي قبي جو ذڪر نه هو. بهرحال اهڙن قبن ۽ ان ۾ موجود نشانين تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. اسان کي جيڪي نظر آيو اهو پڙهندڙن آڏو پيش ڪريون ٿا. اهڙن پراڻن اثاثن جي تاريخي ڪتابن ۾ احوال نه هئڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري اهو ثابت ٿو ٿئي تہ حيدرآباد شهر جي تاريخ اٽپوري آهي، جنهن لاءِ آئون بار بار چئي رهيو آهيان ۽ ڳالهہ سچي ثابت ٿي رهي آهي.

قبي وٽ ماڻهو تہ ڇا پر ڪنهن پکي، جيت يا جانور جو بہ آواز نہ هو. وسيع علائقو ويران، رڙ ۽ سنسان لڳو پيو آهي. اتي پرپاسي بي ڪابہ نشاني يا اثاثو موجود نہ آهي. نهال شاهہ جي قبي کان اهو قبو تقريباً اڌ ڪلوميٽر کان وڌيڪ فاصلي تي مٿي ٽڪريءَ تي ٺهيل آهي. ڪجهہ فاصلي تي ڪچا گهر ۽ جهوپڙيون نظر اچي رهيون آهن.

(پندرنهن روزه عبرت مئگزين حيدآباد 16 آڪٽوبر 2014ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد جون نامور شخصيتون

شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ

شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ 4 محروم 1210 هجري مطابق 4 آڪٽوبر 1853ع ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي گهر ۾رسان پرائمري اسڪول ٽنڊو نوڙهو ميٽرڪ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان 1872ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائون. انٽر ايلفسٽن ڪاليج بمبئي ۾ ورتائون. جتي عربي ۽ فارسي پڙهيائون. اتي فارسي ۾ سئو مارڪن مان سئو مارڪون امتحان پاس ڪيائون.

مرزا صاحب انگريزي ۾ پڻ شعر شاعري. ڏيارام سڪ ڪاليج ڪوليو تہ ڪيس فارسي پڙهائڻ جي لاءِ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو.

ان دوران مرزا صاحب ڪليڪٽري جو امتحان پاس ڪيو. ڪيس ڪڪڙ تعلقي جو هيڊ منشي مقرر ڪيو ويو. ان وقت ڪڪڙ شڪارپور ضلعي ۾ هو. بن مهينن بعد ٽرڙي محبت ۾ مختيارڪار مقرر ڪيا ويا. ان دوران هڪ ڪتاب سودائي خادم تحرير ڪيائون. 1888ع ۾ سندس شادي سردار محمد يعقوب مرحوم جي ڀيڻ سان ٿي جيڪو خيرپور رياست جو امير هو. جنهن مان مرزا نادر بيگ ۽ مرزا اختر بيگ پيدا ٿيا. 1907ع ۾ مرزا صاحب ٻي شادي مرزا قزلباش بيگ جي گهران ڪئي. جنهن مان مرزا همايون بيگ جيڪو هڪ سال بعد ۾ فوت ٿي ويو. ٽين شادي مرزا صاحب مرزا ڪلب علي بيگ جي گهر مان ڪئي. جنهن مان مرزا اجمل بيگ. مرزا اسد بيگ پيدا ٿيا. مرزا صاحب خيرپور رياست ۾ مئجسٽريٽ پڻ رهي چڪو آهي. جنهن ڪري اسان جي دوست نور محمد پٹو تعليم ڪاتو ۽ اشفاق اعوان ايڊيٽر نئون سج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد سنڌ حڪومت کي گذارش ڪئي هئي ته ڊويزنل لائبريري خيرپور جو نالو شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جي نالي سان منسوب ڪيو وڃي. اها تجويز ان وقت جي سيڪريٽري علي ڏنو پنهور کي پسند آئي. پر ان وقت جي وزير تعليم سيد غوث علي شاهہ منظوري ونڊ ضروري هئي جنهن ان لائبريري جو نالو حضرت سچل سرمست جي نالي سان منسوب ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو. مرزا صاحب 30 سال نوڪري ڪرڻ بعد 55 سالن جي ڄمار ۾ 1910ع ۾ رٽائر ٿيو. سرڪار طرفان ڪيس 500 ايڪڙ زمين نوابشاهہ ضلعي ۾ ڏني ويئي. جيڪا زمين سندس پوٽو اعجاز علي مرزا رٽائرڊ ايگزيڪيوٽو آفيسر حيدرآباد سنياليي رهيو آهي. مرزا صاحب کي 1924ع ۾ شمس العلماءَ جو لقب عطا ڪيو ويو. مرزا صاحب نهايت شريف النفس غريبن جو هڏوڪي ۽ سخي مرد هو. 1920ع ڌاري مرزا صاحب سنڌ ادبي ڪانفرنس لاڙڪاڻي جي صدارت ڪئي.

مرزا صاحب روهڙي ۾ مئجسٽريٽ رهيو. مرزا قليچ بيگ 475 ڪتاب لکي سنڌي قوم تي وڏو احسان ڪيو آهي. جنهن ۾ تقريباً 200 کن انگريزي مان ترجمو ٿيل ڪتاب آهن. جنهن مان هڪ ناول حاجي باب اصفهاني تمام گهڻو مشهور ٿيو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپرايو ويو آهي. مرزا صاحب پنهنجي سوانح عمري سائو پن يا ڪارو پن پڻ سندس زندگي ۾ تحرير ڪئي. سندس شاعري جو مجموعو ديوان قليچ پڻ شايع ٿيو آهي. مرزا صاحب حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام کي پڻ ترتيب ڏنو آهي. سندس ترجمو ٿيل ڪتاب مقالات الحڪمت پڻ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. روسي ناڪ انڪوائري آفيسر جيڪو سنڌي ناڪ سال جي سلسلي ۾ زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد ۾ ۽ پي ٽي وي سينٽر ڪراچي طرفان پيش ڪيو ويو هو تحرير ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زينت ناول پڙ تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. اهو سنڌي ادبي بورڊ جامشورو ڇپايو.

مرزا صاحب جي نالي تي سنڌ ثقافت کاتي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري قليچ ڪتاب گهر ۽ ڊسپلي سينٽر نئشنل ڊاءِ وي حيدرآباد ۾ قائم ڪيو ويو آهي.

جڏهن نيڪ محمد شاهه، نثار حسين، سيد حيات علي شاهه بخاري، محمد بخش دائودپوتي سان گڏ قليچ سنگت قائم ڪري هر سال مرزا قليچ بيگ جي ورسي ملهائيندا هئا. هاڻي ائين ڪوبه ڪيس ياد نٿو ڪري. مرزا صاحب جي ڪتاب احوال شاهه عبداللطيف ٻٽائي، شاهه جي رسالي جي ڪنجي، لطيفي لات، لغات قديم شائع ٿيا اهن. مرزا صاحب 3 جولائي 1929ع تي فاني دنيا مان لاڏاٿو ڪري ويا.

سيد ميران محمد شاهه

الهاج سيد ميران محمد شاهه مير مهجور ولد سيد زين العابدين شاهه جي گهر 19 مارچ 1899ع بمطابق 25 شوال 1315 هه ۾ ڳوٺ ٽڪڙ ضلعي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ٽڪڙ ۾ ميٽرڪ 1921ع ۾ سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي مان پاس ڪرڻ بعد انٽر ۾ بي اي ڊي جي ڪاليج ڪراچي مان 1923ع ۾ پاس ڪيائون. ايل ايل بي بمبئي لا ڪاليج مان 1924ع ۾ پاس ڪرڻ بعد وڪالت شروع ڪيائون. ساڳئي سال ميونسپل ڪاميٽي جا ميمبر چونديا ويا. 1926ع ۾ ضلع لوڪل بورڊ جا چيئرمين ۽ 1928ع ۾ بمبئي ليجسيلتو ڪائونسل جا ميمبر ۽ 1929ع ۾ دشترڪٽ لوڪل بورڊ حيدرآباد جا صدر مقرر ٿيا. سنڌ جي بمبئي کان جدا ٿيڻ واري سائمن ڪميشن ۽ بين ڪميٽن ۾ گڏجي ڪم ڪيو جنهن ۾ سر شاهنواز پٽو شامل هو.

سائين سيد ميران محمد شاهه 1940ع کان چيئرمين مرڪزي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صلاحڪار بورڊ، سنڌي ادبي بورڊ مقرر رهيا.

بمبئي ڪان سنڌ جي جدا ٿيڻ 1937ع ۾ سنڌ اسيمبلي جا ميمبر ٿيا. سنڌ اسيمبلي جو ڪين 1938ع ڌاري اسپيڪر چونڊيو ويو. جنهن عهدي تي ۾، 1952ع ۾ تائين 10 سال رهيو. 1946ع ۾ ميمبر چوندجڻ بعد 1952ع تائين سنڌ سرڪار جو وزير رهيو. جتان بعد ۾ پاڪستان جو سفير مقرر ڪيو ويو.

1954ع ۾ ڪراچي اسپرومنٽ ٽرسٽ جو چيئرمين چونڊيو ويو. 1938ع ۾ حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي سوسائٽي جو صدر چونڊيو ويو. حيدرآباد مدرسته البنات اسڪول جو بنياد رکيو ويو.

نور محمد وڪيل

نور محمد لاکير 1900ع ڌاري محمد سجاول لاکير جي گهر ڳوٺ ڇهاڪرو تعلقي ڏوکري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. محمد سجاول لاکير هڪ پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر هو. محمد سجاول لاکير لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ڇهاڪرو مان لڏپلاڻ ڪري ڳوٺ ڄام لاکير تعلقي خيرپورناٿن شاهه ضلعي دادو لڏي آيو.

ابتدائي تعليم نور محمد لاکير اتان جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي. ميٽرڪ سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي مان ڪرڻ بعد انٽر، بي اي ۽ ايل ايل بي علي عليگڙهه مسلم ڪاليج يونيورسٽي هندوستان مان ڪرڻ بعد بار ائٽ لا جي لاءِ لنڊن ويو. نور محمد لاکير علي گڙهه ڪاليج ۾ ڪجهه وقت استاد طور ۾ هندوستان جي هڪ رياست ۾ سول جج مقرر رهڻ بعد حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪيائين.

12 اپريل 1937ع تي حيدرآباد هاءِ اسڪول جي پيڙهه جو پٿر رکيائين. 1918ع ۾ حيدرآباد هاءِ اسڪول جي لاءِ گهر گهر ويجي چندو گڏ ڪري هاءِ اسڪول ۽ مسلم هاسٽل، حيدرآباد جو بنياد رکيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن لاءِ پنهنجو گهر پڙ گروي رکيائين. هن 24_1923ع ڏاري سر هارٽيج ڪميشن ٺاهيو جنهن هيٺ انگريزي ميڊيم اسڪول قائم ڪيو ويو. سر لسلسلي ولن گورنر آف سنڌ مسلم هاسٽل، حيدرآباد جو بنياد رکيو.

جنهن بعد مئٽرڪ سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪري بعد ۾ انٽر، بي اي، ايل ايل بي عليگڙهه مسلم ڪاليج يونيورسٽي انڊيا مان حاصل ڪيائين.

1918ع ۾ مسلم ليگ جو سنڌ ۾ بنياد رکيو. 1919ع ۾ خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو. 1920ع ۾ بمبئي قانون ساز ڪائونسل جو ٽن سالن لاءِ ميمبر چونڊيو ويو.

هن 1918ع ۾ حيدرآباد هاءِ اسڪول جو حيدرآباد ۾ بنياد وڌو هو هن سر سيد احمد خان جيان چندو جمع ڪري هاءِ اسڪول ۽ مسلم هاسٽل جي اڏاوت ڪرائي. هن 24_1923ع سر هارٽيج ڪميشن ٺاهيو جنهن هيٺ انگريزي ميڊيم اسڪول قائم ڪيو. سر لسلي ولسن گورنر آف سنڌ، مسلم هاسٽل جو بنياد رکيو.

1933ع ۾ مسلم ايڊيوڪيشن سوسائٽي حيدرآباد قائم ڪئي ويئي. ان سوسائٽي جو افتتاح سر غلام حسين هدايت الله ميمبر روينيو ۽ فنانس ڪائونسل بمبئي رکيو.

نور محمد لاکير پنهنجو گهر ۽ گهرواري جا زيور گروي رکي، موجوده بلڊنگ برطانيه سرڪار کان خريد ڪري ان تي اڏاوت شروع ڪرائي. اسڪول ۾ رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي جي نالي تي لائبريري قائم ڪئي ويئي. ان کان سواءِ غلام رسول خان پرڳڙي جيئن سنڌ جي ماڻهن کي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ معاشي طور تي پنهنجن پيرن تي بيهي سگهن.

نور محمد لاکير 22 آگسٽ 1937ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ويو تہ سندس ياد ۾ حيدرآباد هاءِ اسڪول جو نالو سندس نالي سان منسوب ڪيو ويو. سندس نياڻي پروفيسر مهرالنساءِ سابقہ پرنسپال گورنمينٽ زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد نور محمد لاکير ايڊيوڪيشن اينڈ ويلفيئر سوسائٽي حيدرآباد قائم ڪئي آهي، جڏهن تہ پاڻ چيئرپرسن آهي. جڏهن تہ سيڪريٽري جنرل مسٽر محمد فريد آهي.

قاضي محمد اڪبر مرحوم (ڊاڪٽر عابد لغاري)

قاضي محمد اڪبر 10 آڪٽوبر 1911ع تي قاضي حڪيم عبدالقيوم جي گهر سيوهڻ شريف ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم سيوهڻ مان حاصل ڪئي جڏهن تہ ميٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ۽ انٽر ۽ بي اي سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان ڪرڻ مان پاس ڪرڻ بعد 1931ع ڌاري حيدرآباد ميونسپل جو صدر چونڊيو ويو.

1946ع ڌاري سنڌ اسيمبلي جو 1953ع ۾ ٻيهر سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. صوبائي وزير تعليم ڪاتي ۽ اطلاعات ڪاتي جو وزير مقرر ڪيو ويو. ان کان علاوه مسلم ليگ گارڊ جو سالار پڻ رهيو. هن نياڻين لاءِ زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد قائم ڪرايو. سندس ٻہ نياڻيون ڊاڪٽر امينہ اشرف ۽ ڊاڪٽر ياسمين عباسي، پٽ قاضي سعيد اڪبر، قاضي اسلم اڪبر، قاضي سليم، قاضي محمد ايوب ۽ قاضي محمد علي آهن. قاضي صاحب 1970ع ۾ صوبائي اسيمبليءَ جي لاءِ چونڊ ۾ اميدوار بيٺو تہ منهنجي ولاد بزرگوار علي محمد پٽو پراڻي مسلم ليگي هجڻ جي ناتي ڪيس ووٽ ڏنو. 1973ع ۾ علي نواز وفاقي جي پريس واقع پاڪستان چوڪ ڪراچي ۾ روزانو آزاد اخبار جي آفيس ۾ ساڻس ملاقات رهي. جڏهن تہ 1976ع ۾ پيپلز پارٽي ۾ شموليت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اختيار ڪرڻ وقت ان وقت جي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو ڪيس پرتگار جو سفير مقرر ڪيو. پاڻ روزانو سنڌ نيوز سنڌ آبزرور ۽ روزانو اردو اخبار سفير حيدرآباد جاري ڪيائون. جڏهن ته سندس فرزند، قاضي اسلم اڪبر روزانو ڪاوش، ڪوشش، شام ۽ ڪي ٽي اين ٽي وي چئنل کوليو آهي.

خادمِ ملت قاضي عبدالمجيد عابد (مرحوم)

خادم ملت قاضي عبدالمجيد عابد برڪ صحافي، عظيم مفڪر، اديب ۽ دانشور هو. جنهن کي هر مڪتبہ فڪر جو ماڻهو عزت جي نگاهہ سان ڏسندو هو. هن بنا رنگ نسل جي انسان جي خدمت ڪئي.

سيوهڻ جي عباسي خاندان جي شخصيت جنهن جو وڏو پاءُ قاضي محمد اڪبر مرحوم مسلم ليگ جي پليٽ فارم تي سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي.

سندس پاءُ قاضي محمد اڪرم مرحوم جنهن حڪمت جي پيشي کي برقرار رکي دکي انسانيت جي خدمت ڪئي.

ماهر تعليم آپا شمس عباسي جيڪا سندس پيڻ آهي. تعليم جي شعبي ۾ وڏيون خدمتون سرانجام ڏيئي رهي آهي. ماهر قانون قاضي محمد اعظم وڪالت جي پيشي کان علاوه هائوسنگ جي شعبي ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ کان علاوه پيپلز پارٽي جي هڪ نامياري شخصيت آهن.

ايڏو وڏو پس منظر رکڻ واري شخصيت قاضي عبدالمجيد عابد پنهنجي خدا داد صلاحيتن کي استعمال ڪري سڄي پاڪستان ۾ پنهنجي صلاحيتن جي مڃتا ڪرائي. قاضي عبدالمجيد عابد ميٽرڪ، بي اي، ايل ايل بي امتحانن ۾ نمايان پوزيشن سان امتحان پاس ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1939ع ڌاري حيدرآباد ميونسپل جا چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر 1952ع ڌاري حيدرآباد ميونسپل جو ٻنا مقابلي صدر 1955ع کان 1956ع تائين ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ حيدرآباد جو صدر ٿي رهيا. 14 آگسٽ 1958ع ڌاري سندن ادارت هيٺ پھرين سنڌي روزانو خبار "عبرت" جاري ڪيائون. جنهن جي آبياري جي صورت ۾ عبرت بلڊنگ مان عبرت گروپ آف پبليڪيشن جون اخبارون ۽ رسالا نڪ ي رهيا آهن.

قاضي عبدالمجيد عابد يورپ جي سفر دوران پھريون سنڌي پرڏيھ جي سفرنامي جي ڪتاب کي ڇپائي پڌرو ڪيو. جيڪو عوام ۾ گھڻو مقبول ٿيو ۽ هن وقت نايابآهي.

ان کان علاوه روزانو عبرت ۾ سندس لکيل ڪالم، مضمون "سنڌ جي سياست"، "سنڌ ۾ علم ۽ آگاهي جا آثار"، "مون کي ياد آهي ته"، ۽ پلا پوءِ ڇا ڪرڻ گھرجي" ۽ "دستار فضيلت" ڪافي مقبول سلسلا هئا.

1980ع ۾ حيدرآباد ميونسپل جا ڪائونسلر بعد ۾ ضلع ۽ ڊويزنل رابطا ڪاميٽي جا چيئرمين مقرر ٿيا. ساڳئي سال ۾ گڏيل قومن ۾ جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ پاڪستاني وفد ۾ شامل ڪيا ويا.

1984ع کان 1985ع تائين صوبائي وزير مواصلات، 1985ع ۾ قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊجڻ کان پوءِ وفاقي وزير خوراڪ، زراعت ۽ اطلاعات و نشريات مقرر ٿيا.

1988ع ۾ قومي اسيمبلي جو ميمبر ۽ 1990ع ۾ وفاقي وزير اطلاعات و نشريات مقرر ڪيا ويا.

عبرت گروپ آف پبليڪيشن طرفان:

1982ع ۾ پنڌرنھن روزه عبرت ميگزين

جون 1989ع ۾ روزانو سنڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هفتيوار سنڌو ڊسمبر 1989ع ۾
ماهوار هزار داستان 1990ع ۾
ماهوار رسالو بختاور ڊسمبر 1991ع ۾
پندرنهن روزه رسالو ارچڪ مرچڪ 1992ع ۾
عبرت بڪ ڪلب جا ڪتاب 1994ع کان
روزنامہ انڊس ٽربيون انگريزي 1996ع کان

قاضي عبدالمجيد عابد صحافين جي ملڪ گير تنظيم اي پي اين ايس جو چار پيرا جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو.

قاضي عبدالمجيد عابد عبرت گروپ آف پبليڪيشن جي چيئرمين جي حيثيت ۾ سيني ڪارڪنن جي لاءِ چپر چانوَ هئا.

قاضي عبدالمجيد عابد ڪجھ وقت ڪراچي ۾ بيمار رهڻ سبب اسپتال ۾ داخل ڪيا ويا. جتي 28 آگسٽ 1996ع ۾ وفات ڪيائون. بعد ۾ ڪين 23 سول لائين حيدرآباد سندس رهائشگاهہ تي آندو ويو. جتان ڪيس ڪئنٽومينٽ ٽنڈوجهانيان جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

حيدرآباد شهر فقير منش ۽ باغ بهار شخصيت کان محروم ٿي ويو.

سندس وفات کان پوءِ سندس فرزند قاضي اسد عابد اداري عبرت جي سارسنڀال لهڻ کان علاوه پيپلز پارٽي سنڌ ۾ نمايان جاءِ والاري ورتي آهي.

هڪ پيرو قومي اسيمبلي جو ميمبر. قومي اسيمبلي جي اطلاعات و نشريات بابت اسٽينڊنگ ڪاميٽي جو چيئرمين پڻ رهي چڪو آهي.

آپا شمس عباسي (مرحوم)

آپا شمس عباسي 10 جنوري 1928ع تي حڪيم قاضي عبدالقيوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم آڏواڻي پرائمري اسڪول گاڏي کاتو حيدرآباد مڊل فاطمہ گرلز مڊل اسڪول کوکر محلي ويست ڪچا حيدرآباد جڏهن ته ميٽرڪ جو ڪند مل گرلز هاءِ اسڪول جيڪو هاڻي امتحان جامعہ عربيہ هاءِ اسڪول تلڪ چاڙهي حيدرآباد جي نالي سان پاڪستان نهڙ کان بعد هلي رهيو آهي. 1935ع ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد 1937ع ڏاري انٽر ۽ بي اي جو امتحان 1943ع ڏاري ڏيارام گدومل نيشنل ڪاليج ڏليلي ڪاري موري حيدرآباد مان پاس ڪري 1944ع ڏاري مدرستہ البنات گرلز هاءِ اسڪول ميمڻ پاڙو حيدرآباد ۾ ٽيچر مقرر ٿيون. 1947ع ۾ اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ قائم بي ايڊ ڪاليج مان بي ايڊ سنڌ يونيورسٽي ڪراچي جي اهتمام هيٺ پاس ڪرڻ بعد 1948ع ۾ تولا رام گرلز هاءِ اسڪول جنهن ۾ هن وقت ايس ڪي ايم سٽي ڪاليج ۽ جناح لا ڪاليج هلي رهيو آهي ۾ هيڊ مسٽريس مقرر ڪيون ويون.

ان بعد موجوده گورنمينٽ گرلز پائليٽ سيڪنڊري اسڪول ميران گرلز هاءِ اسڪول جي پهرين هيڊ مسٽريس مقرر ڪيون ويون. 1999ع ۾ پائليٽ اسڪول جو هال سندس نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي.ٻئ 1948ع کان 1955ع تائين 1955ع ۾ زبيده گرلز ڪاليج جيڪو ديوان گدومل ڪاليج ڏليلي کان موجوده هنڌ تي منتقل ڪيو ويو اتي سادا 13 سال 1968ع تائين خدمتون سرانجام ڏنائون. 1971ع کان ڊپٽي ڊائريڪٽر 1973ع ۽ 1974ع ۾ ڊائريڪٽر توسيع نصاب بيورو آف ڪريڪليوم جامشورو مقرر ٿيون جتي 9 جنوري 1984ع تائين ان عهدي تي قائم رهيون. آپا شمس عباسي 1952ع کان 1960ع تائين آل پاڪستان ويمن ايسوسيئيشن سنڌ جي جنرل سيڪريٽري رهي. 1960ع کان 1962ع تائين اپوا سنڌ جي صدر رهيون. آپا شمس عباسي 78 ملڪن جا تعليمي دورا ڪري چڪيون آهن. پاڻ ريڊيو پاڪستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد تان ٻاهر، عورتن، مذهبي پروگرام بحث مباحثا تقريرون ڪيون. ان کان علاوه پاڪستان ٽيلي ويزن سينٽر ڪراچي تان ماڻڪ موتي لال ۾ ميڊم مهتاب هن جو انٽرويو ورتو.

زبيده گرلز ڪاليج حيدرآباد جو آڊيٽوريم شمس عباسي هال سندس نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي. هن 1982ع ۾ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ قاسمي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسميٰ جي رهنمائي هي گائيڊ حيثيت ۾ سنڌ يونيورسٽي باقاعده پي ايچ ڊي سنڌي ۾ ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. هن پنهنجي مرس محسن عباسي جي نالي محسن يادگار اڪيڊمي طرفان 1982ع عقيل برائٽ ڪيڊس اسڪول لطيف آباد نمبر 6، قاسم آباد حيدرآباد قائم ڪيو. جيڪو هن وقت به هلي رهيو آهي. هن ڪتاب ڳالهيون پيٽ ورن ۾ پنهنجي آتم ڪهاڻي ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي بابت ڪتاب تحرير ڪيو آهي جيڪو سنڌي ادبي بورڊ جامشورو طرفان شائع ڪيو ويو آهي. سندس پاڻ قاضي محمد اڪبر صوبائي وزير رهي چڪا آهن سندس فرزند روزانو ڪاوش اخبار حيدرآباد جاري ڪئي آهي.

قاضي محمد اڪرم حڪمت ڪندو هو وفات ڪري ويو. قاضي عبدالمجيد عابد وفاقي وزير اطلاعات ۽ روزانو عبرت اخبار حيدرآباد جاري ڪيائون.

مير الحاج علي احمد ٽالپر مرحوم

مير الحاج علي احمد ٽالپر 31 آگسٽ 1915ع تي حاجي نبي بخش ٽالپر جي گهر ٽنڈو مير محمد ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم سنڌي مڪاني اسڪول ۾ ميٽرڪ 1931ع ڌاري گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏاڻي نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. 1935ع ۾ علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائوديوٽي مولوي فضل احمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزنوي ۽ مولوي خير محمد نظاماڻي سان گڏجي انجمن احياملت ۾ شموليت اختيار ڪيائين. 1937ع ۾ ڪانگريس ۾ شموليت بعد پروانشل ڪانگريس ڪاميٽي ۽ آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي جا اسيمبلي جي چونڊ وقت مسٽر جيئرامداس دولت رام سان گڏ ڪانگريس صوبي سنڌ جي پارليمينٽري بورڊ جو ميمبر رهيو. 1939ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. پاڻ صوبي بهار جو نائب وڏو وزير ۽ ڪجهه وقت جي لاءِ سنڌ ۽ بلوچستان جو وڏو وزير پڻ ٿي رهيو. 1947ع ۾ پنجاب جو وڏو وزير رهيو. 1946ع ۾ دهلي ۾ سڄي هندوستان جي قومپرست مسلمانن جي ڪانفرس ٿي. جنهن ۾ جمعيت العلماءِ هند، جمعيت احرار خاڪسار جماعت، شعيه ڪانفرنس مومن جماعت آزادي ڪانفرنس، ترقي پسند مسلم ليگ جماعتن حصو ورتو. ان ڪانفرنسن ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪرڻ جي لاءِ شامل ڪيا ويا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ خان عبدالغفار جي صدارت ۾ ٺهيل پيپلس پارٽي ۾ شامل ٿيو. 17 مارچ 1951ع جي مسلم ليگ کان ٻاهر جملي سنڌ جي مکيه ڪارڪنن جي گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيو. ميان افتخار الدين آزاد پاڪستان پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت تي هن صاف صاف انڪار ڪري ڇڏيو. انهن ۾ رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جي ايم سيد، خان عبدالغفار خان، مير علي احمد ٽالپر جي ڪري قاضي فيض محمد ۽ ٻيا دوست انڪار ڪري ٻاهر نڪري آيا.

مير صاحب 1953ع تي مسلم ليگ ۾ شامل ٿي سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو. 1954ع ۾ هن خان بهادر محمد ايوب کهڙي جي وڏي وزير ٿيڻ تي مخالفت ڪئي. پر ون يونٽ جي حمايت ۾ ووٽ ڏنائين. 1956ع تي اوپر پاڪستان اسيمبلي جي چونڊ ۾ حيدرآباد ضلعي مان چونڊيو ويو. 30 اپريل 1956ع تي ڪيس وزير مقرر ڪيو ويو. سردار عبدالرشيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وزارت ۾ وزير رهيو. 8 آڪٽوبر 1958ع تي ايوب خان جي مارشل بعد وزارت ختم ڪئي وئي.

ميرعلي احمد ٽالپر وٽ تمام وڏي لائبريري هئي جنهن ۾ ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود هو. پاڻ اردو فارسي ۽ سنڌي شاعري کي پسند ڪندا هئا. فيض احمد فيض ۽ ٻيا اديب سندس دوست هئا.

ميرصاحب جي مزاج ۾ جوش ڪاوڙ جو وڏو عمل دخل هو. هن جي خيال ۽ عمل ۾ هڪ جهڙائي نه هئڻ ڪري سندس دوست ساٿ ڇڏي ويا. ميرصاحب فصيح ۽ بليغ مقرر. حيدرآباد شهر ۾ محترمه فاطمه جناح جي صدارتي چونڊ جي حمايت ۾ ڪونايل ڪانفرنس ۾ سندس ڪيل ولولي انگيز تقرير سبب فاطمه جناح سنڌ مان چونڊون کٽي ورتي. صدر جنرل ضياءَ الحق جي دور حڪومت ۾ بچاءُ وارو وزير پڻ ٿي رهيو.

ميرصاحب 1987ع ۾ وفات ڪري ويو. کيس گنجي ٽڪر جي جبل تي برڪت يائي پارڪ حيدرآباد شهر واري ميرن جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

الحاج ميررسول بخش ٽالپر مرحوم

ميررسول بخش ٽالپر 23 آڪٽوبر 1920ع تي ميرحاجي نبي بخش ٽالپر جي گهر ٽنڈو ميرمحمود ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي پاڙي ٽنڈو ميرمحمود جي اسڪول، جامعه مليه دهلي، سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي ۾ ورتي. سندس طبيعت ۾ محبت اخوت رواداري عاجزي ۽ همدردي شامل هئي. ان ڪري سندس پاءُ ميرعلي احمد ٽالپر ۽ ميررسول بخش ٽالپر خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيا. سندس طبيعت فقيري اوصاف شامل هئا. پاڻ علم پرور ذوق رکندڙ شخصيت هو. پاڻ گهٽو وقت جيل ۾ رهيا. 21 سالن جي ڄمار ۾ 1941ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ حيدرآباد ميونسپل ڪاميٽي جا ميمبر چونڊيا ويا. پاڻ ٽانگا ڊرائيور رڪشا يونين ۽ پورهيتن ۽ هارين جا اڳواڻ ۽ صدر رهيا. 1965ع ۾ يونين ڪميٽي جا چيئرمين چونڊيا ويا. هن 1958ع ۾ عوامي ليگ ۾، 1967ع ۾ پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪئي. 1970ع جي عام چونڊ ۾ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر چونڊيا ويا. 29 اپريل 1972ع تي سنڌ جا گورنر مقرر ڪيا ويا. 1972ع ۾ سرڪاري حج وفد جي سربراھ جي حيثيت ۾ حج جي سعادت حاصل ڪيائون. 13 فيبروري 1973ع تي گورنر جي عهدي تان استعيفا ڏنائون. بيگم رعنا لياقت علي کي سنڌ جو نئون گورنر مقرر ڪيو ويو. جڏهن ته جنرل ضياءُ الحق جي دور حڪومت ۾ 14 مئي 1981ع تي کيس سنڌ جو سينيئر وزير مقرر ڪيو ويو. مير صاحب پھرين مئي 1982تي هن فاني دنيان مان لاڏاڻ ڪري ويا. مير رسول بخش ٽالپر سنڌ جي سياست ۾ تمام بهادر شخصيت طور سڃاتو وڃي ٿو. مير صاحب غريبن جو همدرد هو. هن سنڌ ۾ پيپلز پارٽي کي قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. ان کان علاوه بلوچستان ۽ سرحد ۾ پيپلز پارٽي جون پاڙون پختيون ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

سردار بهادر شيخ محمد بخش (مرحوم) **(نور محمد پٽو)**

سردار بهادر شيخ محمد بخش 1891ع ۾ ميان الاهي بخش شيخ جي گهر ۾ شڪارپور ۾ جنم ورتو. سندس ڏاڏو شيخ قادر بخش سنڌ ۾ جج مقرر ٿي آيو هو. ميان الاهي بخش ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان رٽائرڊ ڪيو. کيس 5 پٽ شيخ محمد بخش، شيخ عبدالڪريم، شيخ رحيم بخش، شيخ عبدالرحمان ۽ شيخ عبدالغفور هئا.

شيخ محمد بخش 1908ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد ايلفسٽن ڪاليج بمبئي مان بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي. 1913ع ۾ سچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمست جي درگاهه جي سجاده نشين قبول محمد فاروقي جو طالب ٿيو ۽ سلسلي طريقت کان آگاهي حاصل ڪئي.

1916ع ۾ بمبئي مان ايل ايل بي جو امتحان پاس ڪرڻ بعد 1917ع ۾ نوابشاهه ۾ مئجسٽريٽ مقرر ٿيو. 1918ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هالا ۾ مقرر ٿيو. جتي مخدوم غلام حيدر پٽ شاهه جي پير صاحبن کان علاوه متياري جي ڄاموٽن سان دوستانه تعلقات قائم ٿيا.

1929ع ۾ ميرپورخاص، 1933ع ۾ ڪراچي جي ڪليڪٽر جو پرسنل اسسٽنٽ مقرر ٿيڻ بعد 1938ع ۾ ترقي ڪري ڪليڪٽر مقرر ٿيو.

سندس نالي تي تلڪ ڇاڙهي حيدرآباد تي سردار بهادر شيخ محمد بخش نالي گرلز ڪاليج قائم ڪيو ويو آهي جڏهن ته حمايت الاسلام بوائز ۽ گرلز اسڪول پٽ سچل سرمست آرٽس ڪاليج تلڪ ڇاڙهي حيدرآباد تي قائم ڪيا ويا آهن.

سائين غلام حسين بالادي (نور محمد پٽو)

سابق هيڊ ماسٽر نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد

سائين غلام حسين بالادي احمد داد بالادي جي گهر ۾ ڳوٺ گلڻ خان بالادي تعلقي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. سائين 1932ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽيءَ جي انتظام هيٺ پاس ڪيو ۽ نمايان پوزيشن حاصل ڪئي ته نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جو بنياد وجهندڙ مرحوم وڪيل نور محمد لاکير ڪيس نور محمد هاءِ اسڪول ۾ بحيثيت استاد مقرر ڪيو. سائين غلام حسين بالادي بمبئي يونيورسٽي ۾ آنر ڪئي، ۽ پهريون نمبر آيو. هن ارٽ ميٽرڪ ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سيني کان وڌيڪ ٽاپ ڪيو.

مرحوم نور محمد ڪيس پاڻ ڳوٺ ۾ وڃي ڪيس نوڪري جو آرڊر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1932ع ۾ ڏنو. ڪيس سينيئر انگريزي جو استاد مقرر ڪيو ويو. سائين غلام حسين بالادي ابتدا ۾ چوٿون استئنڈرڊ جو ڪلاس وٺندو هو. مرحوم صبح جو اسڪول ۾ ڊيوٽي ڪندو ۽ شام جو تغاري ڪٽي مسلم هاسٽل حيدرآباد جتي هن وقت رينجرز ويٺل آهي. جي ڪمرن جي مرمت ۾ هٿ وندائيندو هو. ان وقت سپ استاد ان ڪم ۾ شامل ٿي ويندا هئا. ان وقت مولانا دين محمد اديب فيروزشاهي ۽ جيڪو سندس قليگ هو شامل حال هوندو هو.

سائين بالادي صاحب کي پوليس ۾ نوڪري ڪرڻ جو شوق هو. ان لڪ ڇپ ۾ وهيڪل اسنپيڪٽر. ٽريفڪ انسپيڪٽر جي لاءِ انٽرويو ڏنو ان وقت ۾ مسٽر ولي محمد پٽو وهيڪل انسپيڪٽر هوندو هو. ڪيس انٽرويو وٽي پاس ڪرڻ بعد ڪيس آرڊر ڏنو. جڏهن نور محمد وڪيل کي اها خبر پئي ته اهو مسٽر ولي محمد پٽو تي ڪاوڙجي ويو ۽ چيائين ته منهنجي اجازت کان سواءِ ان جو انٽرويو چو ورتو ويو.

نور محمد صاحب سائين بالادي کي چيو ته استادي پيغمبري پيشو آهي. ان ڪري اهو خدمت خلق جو پيشو آهي. ان کي نه ڇڏي ۽ مستقبل جي معمارن جي تربيت ڪري جنهن بعد سائين بالادي صاحب ٻئي ڪنهن ۽ ڪاتي ۾ درخواست نه ڏني ۽ دل جمعي سان ٻارن کي پڙهائڻ لڳو. ڪيس مسلم هاسٽل جو سپرنٽنڈنٽ مقرر ڪيو ويو.

سائين غلام حسين بالادي جي رٽائرمينٽ کان بعد کيس ٽي ٻيرا وڌيڪ عرصو اسڪول ۾ ڪم ڪرڻ جي لاءِ مدو وڌايو ويو. سائين ايڇ ايم خواجه غلام مصطفيٰ جتوئي ان وقت جي وڏي وزير کي سائين غلام حسين بالادي وڌيڪ ٽي سال نوڪري ڪرڻ جي لاءِ عرصو وڌائڻ جي سفارش ڪئي.

سائين غلام حسين بالادي صاحب کي 1991ع کان 1993ع تائين مدو وڌايو ويو. 47 سال مسلسل هن نور محمد هاءِ اسڪول جي خدمت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي. فقط ست ڏينهن سڃي عمر ۾ اتفاقي موڪل ڪيائون. جنهن مان ٽي ڏينهن سندس والده جي وفات سبب تدفين ۽ تڏي تي ويهڻ سبب ۽ چار ڏينهن سندس اکين جي آپريشن جيڪو سندس شاگرد ڊاڪٽر ظفر صديقي ڪيو هو. موتئي جي آپريشن ڪرائڻ جي لاءِ موڪل ورتي هئي. اهو آپريشن راجپوتانه اسپتال حيدرآباد ۾ ڪيو ويو. ڪيس تعليمي خدمتن سبب ڪيترائي سر تفڪيڊ ڏنا ويا.

سائين غلام حسين بالادي کي تعليمي خدمتن جي سلسلي ۾ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن نور محمد هاءِ اسڪول طرفان لطيف ايوارڊ ڏنو ويو هو جيڪو ايڇ ايم خواجه ڪيس ڏنو. سائين روزانو اسڪول ٽائيم کان اڳ پهچي ويندو هو. هڪ پيري اسڪول دير سان پهتا تہ اسيمبلي دوران سيني کان پويان بيهي رهيا.

سائين غلام حسين بالادي هميشہ ڪلاس ۾ بيهي ٻارن کي پڙهائيندو ۽ هر ڪلاس ٽيچر کي سندس چيل هو تہ اهو ٻارن کي بيهي پڙهائي اها ئي تربيت ڏيندو هو. ويهي پڙهائڻ جو غلط طريقو آهي. ان وقت نور محمد هاءِ اسڪول کان سواءِ شهر ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر ون ۽ مرزا قليچ بيگ هاءِ اسڪول موجود هئا. سائين غلام حسين بالادي جي وقت ۾ نور محمد هاءِ اسڪول غلام حسين سومرو ۽ مسٽر آنر، مسٽر الهہ بخش نظاماڻي جي وقت ۾ فرسٽ فلور ٺهيو. سائين جي دور ۾ اسڪول جي آمدني وڌائڻ جي لاءِ دوڪان ٺهرايا ويا. جيڪي مسواڙ تي ڏنا ويا. ان وقت جو ڪرايو 150 روپيا مقرر ڪيو ويو هو. جيڪو اڄ بہ هن مهانگائي جي دور ۾ 150 روپيا ادا ڪيو پيو وڃي. هڪ دوڪاندار ٻئي دوڪاندار کي پڳڙيءَ تي ڏيئي اسڪول کي نقصان پهچايو آهي. سندس دوست ڊاڪٽر کي وي انصاري جي مهربانين سان کين رٽائرڊ ڪيو ويو. جنهن ۾ هڪ ڪلارڪ محب علي سيال درخواست لکي اچانڪ کين رٽائر ڪرايو. ان وقت ۾ سائين بقا محمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قريشي صاحب جيڪو ان وقت ڊائريڪٽر هو جيڪو سندس شاگرد هو تنهن چيو تہ هاڻي آئون مجبور آهيان. توهان هيڊ ماسٹري جي چارج چڏي هليا ويو. ان جي باوجود سائين بالادي صاحب هڪ هفتو معمول مطابق اسڪول ايندو رهيو ۽ اسڪول جو طواف ڪري گهر هليو ويندو هو. سائين 1993ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. سندس رهائشگاهہ آغا محمد يعقوب جي رهائشگاهہ جان پلازه صدر حيدرآباد ۾رسان واقع هئي. جنرل ضياءَ الحق جي دور ۾ اسڪول ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جي سخت کوٽ ٿيڻ سبب اسڪول جا شاگرد رستن تي نڪري آيا ۽ انهن هڙتال ڪئي. ان وقت هڪدم فوج پهچي وئي. هڙتال جو سبب پڇيو ويو ۽ انهن هڪدم پاڻي جي بندوبست ڪرڻ جي لاءِ ضلعي انتظاميہ کي هدايت ڪئي ۽ ايڇ ڊي اي وارن ٻن ڏينهن اندر پاڻي جي وڏي پائيپ لائين لڳائڻ جو حڪم ڏنو. ان وقت ادائي هزار شاگرد نور محمد هاءِ اسڪول ۾ پڙهندا هئا. ٻن انچن جي پائيپ لائين لڳائي شاگردن کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو ويو. غلام حسين بالادي صاحب اسان جي پوري ٽن نسلن کي پڙهايو. شاگردن کي ان وقت ڪاپي ڪلچر جي خبر ئي ڪانہ هوندي هئي. سائين پاڻ بورڊ آف انٽرميڊيٽ حيدرآباد جي چيئرمين جي ٽيم جا ميمبر رهي چڪا هئا. سائين آخر دور ۾ شگر جي بيماري سبب بيمار ٿي پيا. پاڻ چين سموڪر هئا. ڊاڪٽر چيو سگريٽ اوهان جي لاءِ نقصانڪار آهي ان وقت ئي سگريٽ جا پاڪيٽ اڇلائي چڏيا. سائين ڏهين ڪلاس جي انگريزي پويم. سنڌي ڪلاس ۽ ٻيا سمورا مضمون شاگردن کي پڙهائيندا هئا. سائين کي حساب ڪتاب جو ڏاڍو شوق هوندو هو. سائين ميٽس جو مضمون شاگردن کي شوق سان پڙهائيندا هئا. سائين انگريزي ۾ تمام هوشيار هوندا هئا.

محمد وڪيل بالادي هن جو سئوٽ وي آئي پي پبلڪ اسڪول ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بحيثيت وائيس پرنسپال ڪم ڪري رهيا آهن. انهن مون کي بالادي صاحب جي باري ۾ چاڻ فراهم ڪئي. غلام حسين بالادي صاحب تعليم کاتي ۾ ان ڪري نوڪري ڪئي تہ تعليم کاتو هڪ ايماندار کاتو آهي.

آفتاب احمد شيخ (سابق ميئر حيدرآباد)

آفتاب احمد شيخ 17 ڊسمبر 1934ع تي پارت جي شهر بنارس ۾ اعجاز الدين شيخ جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم بنارس پارت مان حاصل ڪيائون. بعد ۾ سندس خاندان ڊيرا اسماعيل خان پنجاب پاڪستان منتقل ٿي ويو. جنهن بعد هن غلام حسين هدايت الله هاءِ اسڪول حيدرآباد مان 1956ع ڌاري ميٽرڪ 1958ع ڌاري سٽي آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائون. 1960ع ڌاري بي اي سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان پاس ڪئي. 1963ع ڌاري جناح لا ڪاليج حيدرآباد قاضي سميع صديقي ۽ محمد علي ميمڻ سان گڏ قائم ڪيائون ۽ کين پرنسپال مقرر ڪيو ويو. 1964ع ۾ بي ڊي ميمبر مقرر ٿيا. 1988ع ۾ حيدرآباد جو ميئر چونڊجڻ کان اڳ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ميمبر پڻ رهيو. مهاجر قومي موومينٽ ۾ شموليت بعد کين سينيٽر بڻايو ويو. پاڻ هن وقت ڪراچي ۾ رهائش پذير آهن ۽ ايم ڪيو ايم جي رابطا ڪاميٽي جا عهديدار آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سج پبليڪيشن حيدرآباد

طرفان ڇپايل ڪتابن جي فهرست

1. وساريان نہ وسرن
2. عظمتن جا مينار (ڪهاڻين جو مجموعو)
3. پٽو خاندان (ياڳو پهريون، ٻيو ٽيون ۽ چوٿون)
4. شخصيات (ياڳو پهريون ۽ ٻيو)
5. سنڌ جا تعليمي ماهر (ياڳو پهريون، ٻيو، ٽيون، چوٿون، پنجون، ڇهون، ستون، اٺون، نائون)
6. آواز جو سفر (فنڪارن بابت ڄاڻ)
7. صحافت جي تاريخ (ياڳو پهريون ۽ ٻيو)
8. حيدرآباد جي مختصر تاريخ
9. تاريخ سان ڳالهه ٻولهه
10. شخص چريو شوڪت (شاعريءَ جو مجموعو)
11. ٽين دنيا جو مفڪر ذوالفقار علي پٽو (حياتيءَ جو احوال)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سج پبليڪيشن حيدرآباد

طرفان ڇپايل ڪتاب اوهان کي هيٺين بڪ اسٽالن تي ملي سگهن ٿا.

- مرزا قليچ بيگ ڪتاب گهر، سنڌي لٽنگئيج اٿارٽي، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد.
- اڪبر نيوز ايجنسي اخبار مارڪيٽ، ريلوي اسٽيشن، حيدرآباد.
- فڪشن هائوس ڪتاب گهر، رابعہ اسڪوائر، حيدر چوڪ حيدرآباد.
- نيو فيلڊس ڪتاب گهر، نسيم نگر، قاسم آباد، حيدرآباد.
- ڪنگ پان بڪ اسٽال، پريس ڪلب حيدرآباد هال، حيدرآباد.
- انٽيل ڪميونيڪيشنز 9- ربي چيمبر، حيدر چوڪ، حيدرآباد.
- پٽائي بڪ هائوس، 168 اورينٽ سينٽر، نزد اورنگزيب مسجد، گاڏي کاتو حيدرآباد.
- نيشنل بڪ فائونڊيشن بڪ اسٽال، ايلسا قاضي ڪئمپس، پراڻي سنڌ يونيورسٽي، اولڊ ڪئمپس، حيدرآباد.
- سنڌالاجي ڪتاب گهر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
- ڪلچرل ڪتاب گهر، سر غلام حسين هدايت الله روڊ، سامهون ايم پي اي هاسٽل، ڪراچي.
- ڪانياواڙ بيپو اردو بازار، ڪراچي.
- ايس اي بڪ ڪارنر، مڪي بلڊنگ فريئر/ ڪورٽ روڊ، سامهون ويمن ڪالج، ڪراچي.
- ٽامس اينڊ ٽامس بوڪ سيلر، شاهراه لياقت، ريگل چوڪ، ڪراچي.
- غفور نيوز ايجنسي، غريب آباد، بدين.
- المهراڻ ڪتاب گهر، ٽاٽو روڊ، سانگهڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابي ميلو

ڪنگ پن شاپ



حيدرآباد شهر جي تاريخ ۽ پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪتابي ميلو جتي سنڌي، اردو، انگريزي سي ايس ايس CSS، پي سي ايس PCS، ڪان سواءِ پيا ڪتاب رعايتي اگهه تي دستياب آهن. ان ڪان سواءِ بارن جي آڪاٽين، لطيفن، باراٽي ادب، جنرل ناليج، تاريخ، ادب ۽ سائنسي چارٽ بابت ڪتاب موجود آهن.

ملڻ جو هنڌ: آڊيٽوريم هال پريس ڪلب، حيدرآباد

رابطي لاءِ: 0315 - 2551093

حيدرآباد جي مختصر تاريخ (ياگو پهريون ۽ پيون) مرتب: نور محمد پٹو

29

سنڌي پولي ۽ ادب جو خادم

چهري تي سدائين مُرڪ رقصان، سياهُ ۾ نرمي ۽ ٻاجهائپ، جهڙو ظاهر ۾ تهڙو باطن. نه بيائي، نه وڏائي. نه ئي ڪا قونڊ يا ٺاڪ. محترم نورمحمد پٺو، سنڌي پولي ۽ ادب جو اهڙو خادم آهي، جنهن ادبي ۽ صحافتي ميدان ۾ سدائين پنڌتي رهي، پاڻ وڻائڻ ۽ پاڻ پڌرائڻ کانسواءِ، جيڪو ڪم ڪندو رهيو آهي، ان جي اهميت ان ڪري به سگهاري آهي ته پاڻ عام طريقي کان هٽي ڪري، پنهنجي تصنيف ۽ تاليف کي ننڍن ننڍن ڪتابن جي صورت ۾ چپرائي، پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪندو رهيو آهي. سندس ڪتابن جو سلسلو جهڙوڪ "سنڌ جا تعليمي ماهر" ۽ "سنڌي صحافت جي تاريخ" به اهڙا وڏا عنوان آهن، جيڪي پنهنجي اندر ۾ وڏو تحقيقي ڪم گهرن ٿا. پر متحرم نور محمد پٺو اهي ننڍن ننڍن ڪتابن ۾ آسان زبان ۾ لکي سنڌ جي تعليمي ۽ صحافتي تاريخ تي ڪم ڪندڙ مورخن لاءِ سورس ميٽيريل طور مواد مهيا ڪري رهيو آهي.

پاڻ وٽ هونئن به تاريخ خاص ڪري سهيوگي تاريخ سهيڙڻ لاءِ ڏاڍن گهٽو ڏيان ڏنو ويندو آهي جنهن ڪري پوءِ جڏهن گذريل وقت ۽ حالتن تي لکڻ ويهبو آهي ته مواد نه هئڻ جو روئڻو ڇيو روئبو آهي پر جناب نورمحمد پٺو ان ڳالهه جي اهميت کي ڇگي طرح سمجهي ٿو ته هو اڄ ننڍن ننڍن ڪتابن جي صورت ۾ تاريخ سهيڙي رهيو آهي. اهو حال لاءِ ته آهي پر ايندڙ وقت لاءِ وڏيڪ اهم آهي جو ايندڙ وقت ۾ محقق حضرات کي تاريخ لکندي ڇٽي صاحب جا ڪتاب رهنمائي ۽ سونهين طور ڪم ڏيندا اها ڳالهه جناب نورمحمد پٺي صاحب جي ذهني وسعت ۽ پنهنجي ادب ۽ ان جي تاريخ لاءِ اهم ذميداري جو ثبوت آهي.

يوسف سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَڳهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑھندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٹر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيکڏهن کو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَکَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيکڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَکَ ڄاڻو تہ اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَـنَ ساوا، گاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَـن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل ۔ پَ نَ The Reading Generation

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، چپائيندڙن ۽ چاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ جاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَڄي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساڻي آ،

جنهن رڻُ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساڻي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني جي نشاني آهي.

پڙهندڙ نَسُل ـ پ ن The Reading Generation

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَـنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهـڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائـڻ جي اِن سهڪاري تحريـڪ ۾ شامل ٿـي سگهو ٿـا، بَس پنهنجـي اوسـي پاسـي ۾ ڏِسـو، هـر قسـم جا ڳاڙهـا تـوڙي نيـرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".

ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پَڙهندڙ نَسُل ـ پ ن The Reading Generation

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آساني سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book